مہیش چندر

شخصیت پر



HESH CHANDER

SPECIAL ISSUE
STAGE -2004

سندس آواز ۽ ڪلا جا شائق آهيون...




مان مهيش چندر کي سالن کان سڃاڻان، ويجهڙائيءَ ۾ باندرا گهر ڪرڻ کان اڳ مان ۽ مهيش چندر پاڙيسري هئاسين ۽ روز نيم سان صبوح جو شيواجي پارڪ ۾ گڏ پنڌ ڪندا هئاسين. مونکي به ڳائڻ جو شونق آهي، ۽ مهيش چندر سان منهنجو پريم اُن وقت وڌيو جڏهن مون پهريون دفعو مهيش چندر جي C.D ٻڌي، جنهن ۾ هن پنهنجي پتا ماسٽر چندر صاحب جا مشهور ڪلام ڳايا آهن. انڪانپوءِ مهيش چندر کي خاص پنهنجين محفلن ۾ گهرائي هنجي گانن جو ڀرپور مزو ورتو آهي. باندرا ۾ مان ۽ مونسان پنڌ ڪرڻ وارا يار هميشه هنکي ياد ڪندا رهندا آهيون. اسان سندس آواز ۽ ڪلا جا شائق آهيون ۽ اهائي ڪامنا ٿا ڪيون ته هو اڃان به وڌيڪ محفلون مچائيندو رهي ۽ سنڌي سنگيت جو شان وڌائيندو رهي.

دوارڪاداس چانڊومل
(جويلرس)

ملیا خوب انعام اکرام.... پیار محبتون



نھرو سينٽر ۾ ڪاريہ ڪرم وقت مھاراشٽر
جو اڳوڻو منسٽر شري رام راءُ آدڪ مھيش چندر
کي ٽرافي ڏيندي



سيتنا سنڌو يون ۾ شري نوتنداس جگواڻيءَ
طرفان گولڊ ميڊل حاصل ڪندي، ساڄي ڪان
شري ناڪر چاولا



دادا منگھارام سپاھيملاڻي طرفان
سنگيت ڪاريہ ڪرم دوران سنمان ۽
پيار پائيندي، ساڄي ڪان سنگر - ائڪٽريس
سلڪشڻا پنڊت، تاڙيون وڄائيندي.



لاس اينجلس جي ڊاڪٽر هيرو بدلاڻيءَ
طرفان ڏھہ هزار رپيا انعام وٺندي.



جئپور ۾ سنڌي ساھتيہ سڀا ۾ ٻولي طرفان
سندر اگناڻي شال پائيندي ۽ گورنر طرفان
مھيش چندر کي پنجويھن هزار رپين جو انعام



دهليءَ ۾ سنڌي اڪاڊمي لاءِ شاندار ڪاريہ
ڪرم ڏيندي کاٻي کان شري سريش ڪيواڻي
(اڳيون ايم پي) طرفان مھيش چندر تي
نوٽن جي برسات

دل ۾ سانڍڻ واريون يادگيريون...



دادا رام پنجواڻي ۽ سنڌ جي
ليکڪا مهتاب محبوب سان
دادا رام پنجواڻي ۽ جي گهر ۾



شاعر قتيد شنائي ۽ پدم شري سنگر پدمجا
سان غزلن جي آلبم جي تياري ۽ وقت



”سر چندر جا.... پروگرام ۾ ڊپيوٽي ميئر جيا ساڌواڻي ۽
کي ماسٽر چندر اوارڊ ڏيندي، شري رميش تلسياڻي
وچ ۾ پروگرام جو روح روان مهيش چندر



هانگ ڪانگ ۾ سنڌي ائسوسئيشن جي ڪوٺ تي
کاٻي کان گوپ چندر، پرڪاش سانولاڻي، مهيش چندر،
لال هرداساڻي، نوتن تولاڻي، پنيان انيل چندر،
هرش چندر ۽ ساٿي ڪلاڪار



ميوزڪ ڊئريڪٽر طور فلم ”ميراڪون“ جي
ريڪارڊنگ وقت پلي بئڪ سنگرس ونود راٺوڙ
۽ شويتا پنڊت کي ڳارائيندي



عابده پروين جو سواڳت ڪندي کاٻي کان
راجڪماري مهيش چندر، اندر ٽيڪچنداڻي ۽
سندس ڌرم پتني مڌو اندر ٽيڪچنداڻي



ميوزڪ ڊئريڪٽر نوشاد جي قلمبند ڪيل غزلن
جي ڪتاب جي وموچن وقت سندس غزل پيش
ڪندي ڪويتا ڪرشنا مورتي ۽ سان نهرو سينٽر ۾

مهيش چندر سنڌين جو ماياناز
مخملي آواز جو مالڪ ۽ لاڏلو ڪلاڪار آهي



مهيش چندر سنڌين جو ماياناز مخملي آواز جو مالڪ ۽ لاڏلو ڪلاڪ
آهي جنهن ۴۰-۳۵ سالن کان وٺي پنهنجي پتا ماستر چندر جي نقش
قدمن تي هلي سنڌي سنگيت جي شيوا ڪئي آهي. هن نه صرف هن
۾ پر ولائت جي گهڻن ئي ملڪن ۾ جتي سنڌي رهن ٿا اُتي بيڪ
ڪامياب پروگرام ڏنا آهن. ۱۹۷۲ ۾ مان اچي هانگ ڪانگ وسائي
۱۹۷۴ ۾ مهيش شادي ڪري هني مون لاءِ هانگ ڪانگ آيل هو. انه
ڏينهن ۾ ٦ آگسٽ منهنجي پٽ ڪشور جو ٻيون جنم ڏن هو ۽ مون گه
۾ وڏي پئماني تي پارٽيءَ جو آيوجن ڪيو هو، جتي سڄي رات مهيش
ڳايو ۽ سيني کي جهومايو. اها پارٽي صبوح جو ٦ بجي پوري ٿي. ان ج
ياد اڄ جي به منهنجي ذهن ۾ تازي آهي. انکانپوءِ مهيش گهڻيئي دف
هانگ ڪانگ خاص پروگرام لاءِ آيل آهي.

هن سال 2002 ۾ چيٽي چنڊ جي موقعي تي 'سنڌي سڃڻ' سنس
طرفان مهيش کي خاص نيند ڏيئي گهرايو ويو، جتي هن ٻين ڪلاڪار
سان India Club ۽ Hindu Temple ۾ زبردست پروگرام ڏنا جي بيح
مقبول ٿيا. ان موقعي تي Hindu Association جي President شر
کي سيتل مهيش کي 'ماستر مهيش' جو خطاب ڏن

لال هرداساڻي - هانگ ڪ

مهيش چندر - شخصيت، فن ۽ ڪاريه

(شخصيت پرچو)

اسٽيج

آنرري سمپادڪ	:	جيٺو لالواڻي - ارجن ڀمڀاڻي
صلاحڪار	:	شري مدن جماڻي
ائڊريس	:	۳۱/۱، نئون جي وارڊ، ڪبيرنگر،
	:	احمدآباد - ۳۸۲۳۴۰
فون	:	۰۷۹-۲۲۸۱۳۳۱۲
سال	:	اڻويهه
ڊسمبر	:	۲۰۰۴
قيمت	:	روپيه ۸۰-۰۰

MAHESHCHANDER - JIWAN - FUN - KARYA

STAGE

Hon. Editors	:	Jetho Lalwani - Arjun Bhambhani
Advisor	:	Madan Jummani
Add	:	Stage Publication 31/1, New G-ward, Kubernagar, Ahmedabad-382340. Ph. : 079 - 22813312
Year	:	19
Issue	:	Dec. 2004
Price	:	80/-

Printed, Published, Ownred by Bhagwan Tahiliani

Printed by Scan Computers, 3, Radheshyam Complex,
Patiya, Naroda Rd., Ahmedabad-40 Ph. : (M) 9327007002

منهنجا پنهنجا...

پتا صاحب... سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر





الهاسنگر ٢ ۽ ٣ نمبر کي ڳنڍيڻ واري روڊ تي ڊپيوٽي ميئر شريمتي جيا ساڌواڻيءَ جي اڻٿاه ڪوشش سان ''سنگيت آچاريہ، ماسٽر چندر مارگ'' رکيو ويو. فوٽي ۾ کابي کان ڊپيوٽي ميئر جيا ساڌواڻي گوپ چندر ۽ مهيش چندر



ماتا صاحب هيٺي ٻائي سان کابي کان گوپ چندر، ساڄي کان هري داماڻي (ڀائر) ۽ پٺيان ويٺل انيل چندر (ڀائٽيو) ۽ مهيش چندر




نيو جرسي ائمريڪا ۾ شري شام دنواڻي جي گهر مهيش چندر جي پروگرام بعد کابي کان: هريش چندر، گوپ چندر، آرتي راج چندر، انيل چندر ۽ مهيش چندر

سنڌ جي فنڪارن کي شامل ڪيو ويو آهي. جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل نه آهي.

احمدآباد جي اديب، ڪلاڪار، گايڪ شري ارجن يمياڻيءَ ڪجهه عرصو اڳ ”سنگيت سمرات ماسٽر چندر“ جي جيون، فن، گايڪيءَ تي سجائيندڙ، سنواريندڙ ڪتاب سنڌيءَ ۾ شايع ڪري سنڌي قوم سان هڪ وڏو وڙ ڪيو آهي. اُن ڪتاب کان متاثر ٿي ماسٽر چندر جي سپتر گايڪ، موسيقار، مهيش چندر جو پرچو شايع ڪرڻ جي تياري ڪئي ويئي. هن انڪ کي سجائڻ، سنوارڻ ۾ انيڪ ساٿين، دوستن، اديبن جو خاص سهڪار مليو آهي. اُن لاءِ ”استيج“ پاران اُنهن جا شڪرانا مڃيا وڃن ٿا. اسين خاص طور شڪرگذار آهيون شري امر دولتاڻيءَ ۽ شري مرلي يوچواڻيءَ جا جن اسان کي پرچي شايع ڪرڻ ۾ مڪمل سات سهڪار ڏنو آهي ۽ انهن سيني شپ چنتڪن جا جن مالي مدد جو هٿ وڌايو.

البت انڪ شايع ڪرڻ ۾ ڪجهه وقت لڳي ويو آهي پر دير آئي درست آئي. هيءُ انڪ اوهانجي مبارڪ هٿن ۾ آهي. جنهن شڪل، روپ ۽ هئيت ۾ موجود آهي اهو سنڌي ثقافت ۾ واڌارو ڪندو اهڙو وشواس آهي.

هن خاص انڪ جا سمپادڪ آهن :



ارجن يمياڻي



چينو لالواڻي

شري مهيش چندر - خاص پرچي بابت

اسان جا لوڪ فنڪار، فنڪار، شاعر، اديب،صوفي سنڌيت، لوڪ روايتن
ادب، ڀاشا، ثقافت جا امين ۽ سفير آهن. سنڌن فن مان ايندڙ ڌرتيءَ جي
خوشبوءَ پري پري تائين ڦهلجي وڃي ٿي ۽ هو پنهنجي قوم، ڌرتيءَ ۽ تهذيب
جي سڃاڻپ بڻجي وڃن ٿا. سنڌ چاهي هند ۾ انيڪ فنڪار، اديب، شاعر
صوفي، ڀاشا وگياني، ٻوليءَ جا ماهر، تعليمدان آهن جن سنڌيت، سنڌي ٻولي
سنڌي سنگيت، سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي.

هڪ حقيقت اِها بہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ اديبن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ محقق
وغيره لاءِ تمام گهڻو لکيو ويو آهي پر فنڪارن لاءِ نہ جي برابر لکيو ويو آهي. اُ
جو سبب اِهو بہ آهي تہ فنڪارن جو فن پڙهڻ سان نہ پر ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان جڙي
آهي. اديبن شاعرن جي ڀيٽ ۾ فنڪار، ڳائڻا، سنگيت ڪار وڌيڪ لوڪپري
مشهور هوندا آهن ۽ کين گهڻي عزت ملندي رهندي آهي. عوام جو هر ڪ
طبقو، هنن کي پسند ڪندو آهي. عوام سنڌن فن جدا جدا وسيلن سان ٻڌند
ماڻيندو ۽ ڏسندو آهي پر سنڌن زندگيءَ ۽ فن بابت عوام کي هنن جي ڄا
گهٽ هوندي آهي ۽ هو پنهنجن دل پسند، منار فنڪارن بابت ڄاڻڻ چاهين
آهن.

جئن تہ سنڌي فنڪارن تي سنڌيءَ ۾ ڪابہ قابل قدر تحقيق، مددي مو
نہ هجڻ سبب اڳيان هلي سنڌي جاتيءَ، نون ڪوجنا ڪندڙن کي انهن ج
ڄاڻ ميسر ٿي سگهي ۽ عوام جي دلين تان هو ميسارجي نہ وڃن اِن ڳالهہ ک
ڌيان ۾ رکي ''اسٽيج'' جدا جدا ناٽڪڪارن، ڪلاڪارن، فنڪارن جي جي
۽ فن ڪاريہ کي ڪٺي خاص شخصيت پرچا شايع ڪرڻ جي روايت شروع ڪ
۽ اُن سلسلي کي اڳتي وڌائيندي هيءُ پرچو شري ''مهيش چندر'' (شخصي
پرچو) شايع ڪرڻ جي رٿا عمل ۾ آڻي، توهانجي مبارڪ هٿن ۾ ڏيئي ره
آهيون.

''سنڌ ۾ سنڌي ثقافت جا امر آواز'' ڪتاب شايع ڪيو ويو آهي اُن ۾ صر



(1)

مهيش چندر -
هڪ مڪمل سنگيتڪار

- پنڊت آسڪرن شرما

ڪافي پراڻي ڳالهہ آهي. اٽڪل ۳۵-۳۰ سال پراڻي. ٻيلي جيئن پراڻا چانور سٺا، تيئن وري پراڻي ڳالهہ بہ سني ۽ مني، تہ پوءِ ٻڌو سني ۽ مني ڳالهہ.

ڪلڪتي ۾ منهنجي ساهري گهر هڪ محفل لڳي پئي هئي ۽ هڪ سهڻو، رنگہ ۾ گورو چٽو جوان ڳائي رهيو هئو، سڀ تمام پئي ڳايائين. محفل ۾ مزو پئي آيو. پوءِ منهنجي سهري ان سان ملايو. نالو هئس پوشڻ مهتا. خاص پنجابي سهڻو جوان. غزل ڳايائين ڪجهہ پنجابي گانا ۽ وري چا ان ۾ سرگمون. واهہ واهہ تمام سريلو. پريم سان گڏيو مونکي بہ ڏاڍو وڻيو. چيو مانس پوشڻ ڀائي مان تہ جئپور رهندو آهيان. ائڊريس ڏنيمانس تہ چيومانس ۽ ڪڏهن جئپور اچو تہ ضرور منهنجي گهر اچجو. چيائين تہ مان بمبئي رهندو آهيان توهين ڪڏهن بمبئي اچو تہ ضرور گڏجاڻي ڪجو. خير - سال ٻہ نڪري ويو ڪڏهن گڏجڻ ٿي نہ سگهيو.

آڪاشواڻي جي هڪ اناؤنسر هڪ ڏينهن جئپور ۾ منهنجي سيٽ تي اچي چيو ”شرما جي ايڪ بهوت اچا رڪارڊ آيا هئہ آپ چل ڪر سني.“ نالا پڇيا مانس تہ ڪنهن ڳايو آهي، ڪير ميوزڪ ڊائريڪٽر آهي. چيائين نالا بلڪل نوان آهن پر توهين هلو ۽ ضرور ٻڌو. سائين مان آفيس ۽ وڃي اسٽوڊيو ۾ پهرين رڪارڊ ڏٺم. ميوزڪ ڊائريڪٽر پوشڻ مهتا. دل خوش ٿي تہ ڀائي هي تہ سريلو آهي پر ڳائڻ وارو مهيش چندر. مون سو چيو پوشڻ مهتا ڪي وري چا ٿيو؟ هي ڪير آهي نئون ماڻهون. خير اناؤنسر گانو هلايو. ”اڪشب ڪي مسافر هئں هم يي دنيا مسافر خانا هئہ.“ واهہ واهہ گاني ڪي مون ۵-٦ دفعا ٻڌو ۽ ٻڌندو ئي رهيس. اناؤنسر بہ ڏاڍو خوش ٿيو. پڇائين شرما جي آپ جانتي هئں ڪيا. چيومانس سر تال جانتا هون گاني والي ڪو تو نهين جانتا. مگر اتنا ضرور هئہ ڪِ يي گاني والا بهت اوچانيان چوني والا هئہ. چاڪاڻ تہ اهڙو ريشمي آواز، آواز ۾ سوز ۽ وري سيني مشهور ڳائڻ وارن ڪان

سمپادڪ جي واقفيت

نالو : ارجن آسومل پمياڻي

جنم تاريخ: ۱۹۴۲-۹-۰۸

جنم استان: نارو شاه ضلع نوابشاھ (سنڌ)

تعليم : بي.اي.، ايل.ايل.بي.، ڊپلو ما اِن سينٽرل ايڪسائيز ۽ ڪسٽمس

ڌنڌو : ائڊووڪيٽ ۽ ٽئڪس ڪنسلٽنٽ. (رٽائرڊ سينئر آڊٽ آفيسر (اڪائونٽنٽ جنرل (آڊٽ) گجرات، احمدآباد)

شغل : ساھتيہ، رنگ منچ ۽ سنگيت

ساھتيہ : اصلي ڇپيل ڪتاب : ناٽڪ ۽ اداڪاري (گجرات سرڪار طرفان پھريون نمبر انعام حاصل) سنگيت آچاريہ ماستر چندر (گجرات سنڌي اڪادمي طرفان ٻيون نمبر انعام حاصل

انواد ڪيل: سند باد جا ست سفر، ڪنوارو مسواڙي، زندگي رندگي - ناٽڪ ناٽڪ

اڻڇپيل ڪتاب : رنگ منچ روشني، سنڌي لوڪ رنگ منچ، سنڌي سنگيت جي ارتقا، سنڌي فلمن جو اتھاس، سنڌي فلمي دنيا ۾

رنگ منچ : اسٽيج ۽ ھدايت ڪيل ناٽڪ : مڪان خالي آ، ايم. پي. نيلام اسانجو بہ ڪو زمانو ھو، سماج سيوڪ، بڪ ھڙتال، قاتل ڪير

• ھڪ ٻيو دروڻا آچاريہ، پاڳل، مگڻو، وصيعتنامو، ڪلنڪ.

لين دين ناٽڪ ۽ ڪلنڪ ايڪانڪي کي بھترين ھدايتڪار ۽ اداڪاري لاءِ انعام حاصل ڪيل

ريڊيو : آڪاشواڻي احمدآباد جو ڊراما ائپروڊ ڪلاڪار

سنگيت : آڪاشواڻي احمدآباد جو ائپروڊ ڳايڪ ڪلاڪار. احمدآباد توڙ ڀارت جي ٻين شھرن ۾ ڪيترا سنگيت پروگرام ڏنل، ڪيترا ئي گيت ڪمپوز ڪيل ۽ ڳايل.

ڪيترن ئي سنسٿائن ۾ عھدا ماڻيل. احمدآباد جي مشھور سپينڪ سنسٿا سنڌو ڪلاڪار منڊل جو جنم داتا.

ائڊريس : ۴۷، چندر ما ڪو آپريٽو ھائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ، ڪبيرن احمدآباد. فون : گھر ۲۲۸۱۱۷۴۳، موبائيل ۹۸۲۵۵۹۹۲۶۷

اهڙو شخص ڇو نہ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري. ايشور هن کي سڀ سک ڏئي. Spiritualism جي اثر جي ڪري مهيش چندر مونکي لڳو آهي تہ گهڻو ڪري Commercial World کان پري ٿي آتمڪ آنند جو مزو ماڻي رهيو آهي. سچي شخصيت ۾ آهي. اڄڻ وهڻ هلڻ چلڻ هر ڳالهہ ۾ ٺهراو آهي. ڪٿي بہ اپٽوپڻ ناهي ڳائيندڙ آهي ڪمپوزر آهي. سٺن ڳائڻ وارن هن جي تعريف ڪئي آهي. پنڊت جسراج بہ هن کي ڏاڍو پائيندو آهي. مطلب تہ ڪلاسيڪل ڳائڻ وارا بہ هن کي چاهيندا آهن.

ڳالهہ مختصر تہ شري مهيش هڪ مڪمل پختو ڪلاڪار آهي. جنهن کي رڳو سنڌي قوم نہ پر سڄي هندستان مقبول ڪيو آهي.

ايشور منهنجي واٽي ۾ اثر ڏئي مهيش سو سال جيئي. هري اوم. ❑❑



مهيش چندر
(منهنجي نظر ۾، غزل جي حوالي ۾)

- ايم. ڪمل

موسيقي ۾، غزل گائڪيءَ جو خاص اسٿان آهي، جئن دارا-ٺمري-ٽپا وغيره. مهيش چندر غزل گائڪيءَ جي فن جي بخوبيءَ ڄاڻ رکي ٿو ان جي نفاست کان آشنا آهي، يقينن، اِهو فن گهڻي رياض، مشق ۽ رهنمائي جي تقاضا ڪري ٿو، تڏهن ان جو گائڪ، جادو جڳائڻ ۾ ڪاميابي پائي ٿو، مهيش چندر ۾ اِها، جادو جڳائڻ جي سگهہ آهي. مطلن، غزل جو، جنهن راڳڻيءَ ۾ آرنڀ ٿئي ٿو، اُن جو آلاپ، مڪمل ريت ڳايو وڃي ٿو. ائين هڪ سنگيتمئہ ماحول، فضا، ٻڌندڙن جي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي وڃي ٿي، هڪ سمو ٻڌجي وڃي ٿو، پوءِ غزل جو هر هڪ لفظ نہ صرف پنهنجي معنيٰ ۾، بخوبيءَ اُڀري اَچي پر اُن سان گڏ لطافت جون لهرون پيون اُڀاري ٿو ۽ ذهني ۽ جذباتي آسودگيِ حاصل ٿئي ٿي. مهيش چندر ڏات ۽ ڏانءَ جو ڏٽي آهي سندس غزل کي ٻڌڻ سان عجيب عالل، آنندمئہ اَحساس ٿئي ٿو. سندس ادائگي لاجواب آهي. سنڌي سنگيت جي جڳت ۾، ڪي ڳاڻ ڳڻيا، اَهڙا، گڻوان ڪلاڪار آهن.

مهيش چندر، اُنهن مان هڪ مکيہ هستي آهي.

ان راءِ ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش ناهي. ❑❑

الڳہ. ڪي ڳائڻ وارا سئگل تہ ڪي رفي تہ ڪي تلت محمود، پر ھي آو
جڻ ڪو شھزادو پيو ڳائي. ڳاني جو چڻ نشو چڙھي ويو. تڏھن جئپور ريڊ
پنڇو ڪپور ائڪٽر ھو، نندلال شرما ھئو سيني ڪي گھرائي ڳانو ڳڏايم ۽ سچ
شايد براڊڪاسٽ ڪان پھرين اھو رڪارڊ اڏ ڳسي ويو. جنھن ڪي ڏسو وچي
اھو ڳانو ڳڏي ۽ ڳنگنائي.

ڪجھہ ڏينھن گذري ويا. مشھور ڳائڻ وارو لڪشمن پرساد جئپور و
جئپور ۾ آيو. آڪاشواڻي تي گڏيو. سندس پٽ گوند پرساد بہ گڏ ھئس.
پرساد کي Light Music جو بہ گھڻو شونق ھو.

چيو مانس تہ ھل تہ اسٽوڊيو ۾ ھڪ سريلو رڪارڊ ڳڏايانئہ ۽ تون تہ بمبئي
آھين ھي ڪير آھي؟ مھيش چندر. جھٽ چيائين ھن تہ ھڪ تمام سنو
ڳايو آھي پوشڻ مھتا جو ۽ ھي تہ خانداني ٻار آھي ماسٽر چندر جو پٽ.
ھاڻي مونکي سمجھہ ۾ ڳالھہ آئي تہ ھي تہ واقعي خانداني ٻار آھي. ما
چندر اسان سنڌين جو سرمور، ان جو سپتر تہ ضرور ڳائيندو. من ۾ ھڪ غرور
تہ واھہ پائي واھہ سنڌين ۾ ھڪ اھڙو سنو ڳائڻ وارو.

وري بہ گھڻا سال نڪري ويا. اچي گڏياسين احمدآباد ۾. تڏھن مان احمد
ريڊيو تي ڪم ڪندو ھوس. پوءِ تہ گھڻيئي دفعا گڏيا آھيون، گڏجندا رھ
آھيون. مان تہ ٻيلي آھيان سر جو عاشق جنھن گلي ۾ سر مان انجو عاشق.

مھيش جي رڳو گلي ۾ سر ناھي. ھن جي سني ڳائڻ لاءِ منھنجي ويچار
ڳائڻ واري ۾ ڪي خاص ڳڻ بہ ھئڻ گھرجن. چوٽي آھي (شرڌاوان لپيتي گيا
جنھن جي من ۾ شرڌا ھوندي آھي، انکي ئي گيان جي پراپتي ٿيند
اھي. مھيش کي تہ گھر ۾ ئي سرتان سپ مليو پر من ۾ شرڌا ھئس تہ
زماني ۾ (Early 1960's) جئپور جي مشھور پنڊت لڪشمڻ پرساد ڪان
گيان پراپت ڪيائين. اھو ڪوبہ ايمان نہ تہ مان ماسٽر چندر جو پٽ آھ
چو وچان ڪٿي سکڻ- اھا آھي ڳڻ گراھتا -ھاڻي اھا تہ ٿي نندپڻ جي ڳ
پر ھن عمر ۾ بہ مھيش ھميشھہ پنھنجي من ۾ شرڌا ۽ گيان جي اڪ ڪ
رکي آ ي. ...ان بہ جنھن وٽان بہ جيون جي لاءِ (ڳائڻ جي لاءِ) ڪو ضرو
اپياس ھوندو آھي تہ بنا ھچڪ جي انکي گرھڻ ڪندو آھي. ڳائڻ واري
spiritualism تي ڌيان ڏيڻ ڪپي اھو ڳڻ مھيش بنا ھچڪ سکيو آھي. اِھ
ھو پاڻھي توھانکي ٻڌائيندو تہ Spiritualism جي اپياس سان تہ نہ رڳو ڳ
۾، پر اسانجي سڄي چريتر ۾، سواسٿيہ ۾ ويچارن ۾ ڪيترو نہ فرق ٿو

سنگيت جي محفلن جو مور بڻيو ۽ سڄل غزل گائڪ بڻجي پيو. هنجي غزل جو پهريون رڪارڊ ''هز ماسٽر وائس'' وارن ١٩٦٥ ۾ ڪڍيو جڏهن مهيش اجا اُٺويهن ويهن سالن جو ڳڀروجوان هو! پهريون غزل هن ڳايو.

''سلسلا زلف کاجب رخ پي بکر جاتا هئہ.''

بس ان بعد ايچ. ايم. وي. وارن هن کان ٻارنهن سالن جي ڪانٽرئڪ تي صحي ورتي ۽ هنجي غزلن جي رڪارڊن جو سلسلو پڻ غزل گائڪيءَ جي رخ تي پڪڙجي ويو!

مهيش ''مئہ خانا'' فلم ۾ غزل ڳاتا آهن ۽ مرهٽي فلم ''سادي ماڻس'' ۾ پڻ ڳايو آهي. ڪائنس ويهن پنجويهن فلمن ۾ غزل ڳارايا ويا آهن. پرسڌ غزل گايڪن جي خاص پروگرامن ۾ پڻ هن غزل ڳايا آهن.

ماسٽر چندر حيات ئي هو تہ مهيش وديش ياترائون شروع ڪيون! پهرين پنهنجي پتا سان گڏ ۽ پوءِ اڪيلو. ان طرح هن هندستان کان ٻاهر هانگہ ڪانگہ، جپان، منيلا، سينگاپور، جڪارتا، ڪولمبو، لنڊن، اسپين، ڊبئي، آفريڪا، اميريڪا، ڪيناڊا ۾ ڳايو آهي ۽ اٽڪل چاليهہ پيرا وديش ويو آهي. جنهنجون ڪئين آڊيو ڪئسيٽس نڪتل آهن. جدا اڪيلي سر ۽ ٻين گائڪن سان گڏ پڻ. هيءَ غزلن جون طرزون پڻ ٺاهيندو آهي ۽ مشهور گائڪ يا سنگيتڪار ڪيس طرزون ٺاهڻ لاءِ غزل پڻ موڪليندا آهن.

پنهنجي زندگيءَ ۾ ماسٽر چندرڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ منهنجو گايڪ پٽ سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ اچي، پر هڪ جوانيءَ جي مستي، ٻي ڳائڻ جي مستي ۽ ٽين مشهوريءَ جي مستي. ٽنهي مستين مهيش کي اهڙو خمار ڏنو جو پنهنجي پتا جي ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪيائين.

ان وقت هنجو ايچ. ايم. وي. وارن هڪ سنڌي راڳہ رڪارڊ ڪيو جو هو :


''او سجہ اُير نہ تون - شل رات هجي.''

اهو راڳہ ڏاڍو مشهور ٿيو. ان بعد هن سنڌي فلم ''شل ڌيئر نہ جمن'' ۾ هڪ گانو ڳايو جو هو''آءٌ ڪنن ۾ ڪاهي - تون سر جو سانگو لاهي.''

سنڌيءَ ۾ هن پيءُ جي چوڻ تي اي. پي. اي. رڪارڊ هز ماسٽرس وائس طرفان چئن راڳنوارو ڪڍيو. هڪ دفعي ٽي. ويءَ تي پيءُ وار سنڌي راڳہ :

دلبر جي در تي ڪيئن وڃان،

ڪڙ ڪڙ ڪرڻ جي آمنع.



(2)

مهيش چندر - آواز جي
حسن جو سردار

- پوپٽي ر. هيراننداڻي

تازو ماسٽر چندر جي پٽ مهيش جي ڳايل هڪ ڪئسيٽ ملي. ان ڪئسيٽ
۾ مهيش پنهنجي پتا وارا ساڳيا ڳاتل راڳ، ساڳي سنڌي آواز ۾ ڳايا آهن
ڪئسيٽ ٻڌي منهنجي حالت عجيب ٿي ويئي! ساندھ اڌ ڏينهن سا
ڪئسيٽ وري وري پئي ٻڌم، پر من ڍاپي ئي نہ پيو! گهر ۾ پيا چون تہ چري
نہ ٿي پيئي آهين؟ پاڙي ۾ چوندا تہ ڪهڙو خرمغز يا ڪل ٽڙيل وينو هرهر سا
راڳ وڄائي؟

مهيش جي آواز ڪي مون اڳ بہ ٻڌو آهي ۽ انيڪ ڀيرا ٻڌو آهي. هونئن مهي
غزل ڳائڻ ۾ پڙ آهي. سندس آواز غزل لاءِ بلڪل ئي موزون آهي.

هندستان ۾ هڪ تہ سنڌي سچا ڪلاڪار تمام ڇڊا ليندا آهن. ٻيو تہ
سنڌي سنڌين کي ايترو مان شانڏين ئي ڪين ٿا. مٿان وري خود سنڌي
ٻڻجي جواهرن کي سڃاڻن ئي ڪين. انڪري اڄ جي زماني ۾ هلڪا ڦل
ڳائيندڙ درشڪن مٿا ائين ڇائجي ويا آهن، جيئن پاڻيءَ مٿان ڪڪ پن
ترندا آهن!

مهيش جو آواز عين بين ماسٽر چندر جهڙو آهي. سوز وارو، ڳورو ۽ رڻ
واريءَ سنڌ جو آواز! لفظ تمام چٽا، اُچار تمام صحيح ۽ لهجو سنڌ جي ڳو
وارو!

مهيش ڳائڻ وديا پنهجي پتا کان ئي حاصل ڪئي آهي. سندس پتا ف
وچان ڪيس ننڍي هوندي ئي پاڻ سان پروگرامن ۾ وٺي ويندو هو ۽ ڪانئس شاس
سنگيت ڳارائيندو هو.

بعد ۾ ماسٽر چندر ڪيس پنڊت لڪشمڻ پرساد (جئپور وارو) وٽ سکيا وٺ
موڪليو. سنگيت جي دنيا ۾ مهيش کي مشهور غزل ڳائڪ مدن پرڪاش ڳڏ
جنهن کان هيءُ گهڻو متاثر ٿيو. ائين مهيش سنڌيءَ ۾ ڳائڻ بدران هندست

3

ڳائڪ شري مهيش چندر



- پريو وفا

شري مهيش چندر سنڌي جاتيءَ جو هڪ تسليم شده، پڪي، پختي ۽ ڀَر ڀيڻ ڳائڪ طور مشهور آهي، جنهن جي گوناگوني شخصيت ۽ ڳائڪي فن تي سنڌي جاتي هميشه ناز ڪندي آهي. مهيش چندر نه فقط سنڌي جڳت ۾ پر غير سنڌي جڳت ۾ به پنهنجي نه مٽجندڙ ڇاپ ڇڏي آهي.

مهيش چندر سدا حيات سنگيت سمراٽ ماسٽر چندر جو لائق اولاد آهي، جنهن پنهنجي پتا جي ڳائڪي فن کي هند ۾ اُجاگر ڪيو آهي. ننڍي هوندي کان سنڌ ۾ پنهنجي پتا کان ڳائڪي فن سکندو رهيو ۽ نت نيم رياض ڪندو رهيو. ماسٽر چندر سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ وڃي ميلا مچائيندو هو ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾ سنڌ جي سرمور شاعر شاهه صاحب ۽ ٻين صوفي ڪوي درويشن جي رچيل ڪلامن ۽ پنهنجن تاهيل ڪلامن کي ڳائي پاڻ کي هندن ۽ مسلمانن ۾ پيارو بڻايو هو.

مهيش چندر اٺن يا نَوَن سالن جي عمر کان پنهنجي پتا جي پروگرامن ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. جن به ماڻهن مهيشچندر کي ڳائيندو ڏٺو ۽ ٻڌو تن سندس ساراهه ڪئي ۽ گڏ ڳائڻ لڳا. اها به پيشنگوئي ڪيائون ته مهيش اڳتي هلي سنگيت ۾ شهرت حاصل ڪندو ۽ پنهنجي پتا جو نام روشن ڪندو. مهيش کي عام لوڪن وٽان داد ملندو رهيو ۽ هو سالن جا سال رياض ڪندو رهيو ۽ مٿينءَ پيشنگوئيءَ کي حقيقت بڻائڻ ۾ محنت ۽ لگن سان ڪوشش ڪندو رهيو. ٻارهن يا ارڙهن سالن جي عمر ۾ مهيش اَڪيلي سرِ مختلف چونڪين ۾ ٻهرو وٺڻ لڳو. يش ۽ ڪيرتي حاصل ڪندو رهيو.

سنڌ ۾ منهنجي اچان اَلهڙ جواني هئي ۽ مان پنهنجيءَ ئي ڌُن ۾ رهندو هوس، انڪري مان ان دؤر ۾ مهيش جو نالو ايترو ڪونه ٻڌو هو. ماسٽر چندر

ٻڌم. هيءَ منهنجو دل گهريل لفظن وارو ماسٽر چندر جو راڳُ آهي. مهيش
آواز ۾ هن راڳ کي اجا بہ چار چنڊ لڳي ويا! ڇاڪاڻ تہ مهيش جو آواز شيهي
ڀُورو آهي! پيو تہ هوُ جڏهن ڳائيندو آهي تڏهن پان ڪاڏل ڳاڙهن ڏندن
گڏيل نہ فقط سندس چپ مشڪندا آهن پر سندس اکيون پڻ مسڪرائينديون
لڳنديون آهن. مهيش ڳائڻ وقت خود بخود ائين ڳائيندو ويندو آهي جڻ
سوز واري ءِ پر اثر آواز واري ڪاندي پيئي وهندي وڃي! هنجي جي گلي
رڳن کي يا دماغ جي نسن کي اصل زور ڏيڻو نہ پوندو آهي.

مهيش ولائتن ۾ غير سنڌين وٽ غزلن جو پروگرام ڏيندو هو اُتي رهندڙ سن
بہ کيس اَلڳہ گهرائي پروگرام رٿيندا هئا. ائين مهيش کي وديشن جون ياترا
ڪرڻ جي ڇوَش پيل آهي.

اوچتو ١٩٧٥ ۾ سينگاپور ۾ چئنراءِ پوهومل جي گهر ۾ شاديءَ جي موقعي
ماسٽر چندر وارو ڪلام ڳائڻ جي مهيش کي فرمائش ٿي. ان بعد جڪارتا ۾
هن اُهي ڪلام ڳايا. سنڌي ڪافيون ۽ ڪلام مهيش ڳائيندو ڪين هو پر ن
هوندي ڪان پتا ڪان ڳايل راڳ سندس ڪنن تي گو نجندا رهندا هئا نہ؟
دئاران سندس دل ۾ گونج اُتي ۽ هن ٻن مهنن ۾ چاليهہ پروگرام ڏيئي اُتي س
ڪلام ۽ ڪافيون ڳاتيون! مهيش پنهنجي پتا وارا گانا بلڪل ان انداز ۾ ۽ ا
ئي طرزن ۾ ڳائڻ لڳو! اڄہ هو محسوس ٿو ڪري تہ سنڌي سرن جهڙو سوز ۽ م
جو ميلاپ ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪينهي. حقيقت اها آهي تہ سنڌي گيت، ڪ
يا ڪلام سنڌي سر ۾، سنڌي لفظن ۾ ٿو ڳائجي تہ ڳائيندڙ جي روح مان رڳ
نڪري جا ٻڌي جي روح ۾ گهڙي ٿي وڃي ۽ انکي گهائي ٿي ڇڏي!

ماسٽر چندر ۽ مان آل انڊيا ريڊيو جي آڊيشن ڪاميٽيءَ تي ڏهہ سال سا
گڏ هئاسين. ان دوران چوندو هو سنڌي ماڻهو سنڌي سر ٻڌن ٿا پر ڪين اها ڄا
ڪينهي تہ اهي سر ڄاڻڻ ۽ نباهڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻ پوندي آهي. م
چندر پاڻ ڪوهياري، حسيني، سورٺ يا سنڌي ڀئروي ڳائيندو هو تہ جڏ
ٻڌجي ويندو هو!

مهيش چاهي ٿو تہ ماسٽر چندر جا ڳاتل سڀ راڳ پاڻ ڳائي رڪارڊ ڪر
ساڻ ساڻ هو زندهہ يا سرڳواس ڪيل ٻين شاعرن جا گيت غزل پڻ ڳائڻ ٿو چ
هن ليکراج عزيز، ايم. ڪمل ۽ ارجن حاسد جا غزل ڳايا آهن. ڪرشن راهي
غزلن کي بہ هو پسند ڪندو آهي.

ممبئيءَ لاءِ جي مان سنگيت روپڪ لکندو آهيان ان جو سنگيت بہ مهيش يا گھنشيام ڏيندا آهن.

ورهاڱي جي ابتدائي دؤر ۾ HMV وارن مهيش جو پهريون اُردؤ غزل جو رڪارڊ ظاهر ڪيو. مهيش فلمن ۾ بہ ڪيترائي گيت ڳايا. مهيش جي هرهنڌ هاڪ ٿيڻ لڳي. جلد ئي HMV وارن مهيش جا سنڌي راڳن جا رڪارڊ ڪڍيا. سنڌس هڪ مشهور گيت جنهن کي ماسٽر چندر قلمبندَ ڪيو هو، ٻول هئا ''سِڄَ اُڀُرُ نہ تون'' ان جو مهيش جي آواز ۾ رڪارڊ ظاهر ڪيو. هي راڳ سنڌي جاتيءَ ۾ ڪافي مقبول ٿيو. ڪيترن سنڌي ڪلاڪارن ان کي پنهنجن محفلن ۾ ڳنگنائڻ شروع ڪيو. مهيش لڳ ڀڳ ٣٠ سالن کان نج سنڌي سنگيت جي سُرن ۾ ڳائڻ لڳو آهي ۽ ڪافي عُبوَر حاصل ڪيو اٿس. پتا جي لکيل ان گيت کان پوءِ مهيش گورڌن ڀارتيءَ جو ڪلام ''سِرَ جو سانگو لاهي سهڻي آءُ ڪنن ۾ ڪاهي'' HMV ڪمپني لاءِ رڪارڊ ڪرايو جو پڻ ڪافي لوڪپريہ ٿيو. پنهنجي پتا جي ٻين ٻن ڪلامن ''مؤلا مستن جا ڪم پاڻ ڪري'' ۽ ''دلبر جي در تي ڪيئن وڃان'' کي رڪارڊ ڪيو جي ڪافي مقبوَل ويا. اِنهن روايتي گانن کي مشهور ڪرڻ کان پوءِ مهيش پريوُ وفا جا جوڙيل رومانٽڪ غزل''برسات جي آ مؤسم شام سُرمئي آ! اڄ هرطرف هوا ۾ مستي شراب جي آ'' ۽ وفا جو ٻيو غزل جيڪو مهيش جي لفظن ۾ نت نئون، سدا جوان غزل ''منهن مومل جو محبوباڻو لڳندو آ! ڏند ڏند موتي جو داڻو لڳندو آ! هن جو هٽ تہ مکڻ جو چاڻو لڳندو آ''، مهيش چندر رڪارڊ ڪدا رائي مشهوريءَ جي چوٽ تي پهچايا آهن. هنن غزلنن جو هندستان، دبئي، هانگ ڪانگ ۽ ٻين هنڌن تان فرمائشون وَرَ وَرَ ٿينديون رهنديون آهن. سچ تہ مهيش چندر اهي ٻئي غزل، جنهن انوکي انداز ۾ ڳائي ٿو، اَمَرُ ڪري ڇڏيا آهن. تازو رام پنجواڻيءَ جي ڪلچرل سينٽر ''سيتا سنڌو ڀوَن'' ۾ جڏهن هن اهو غزل ڳايو تہ هڪ هانگ ڪانگ جو سنڌي سچڻ سنڌي سنگيت جو شيدائي جذبات ۾ اَچي اُٿي پڌرو ڪيو تہ، ان غزل جي ڳائيندڙ ۽ ٺاهيندڙ کي پنجن هزارن جو انعام ڏيندو. سچ تہ اهڙيءَ همت اَفزائيءَ جي وڏن وڏن ڪلاڪارن کي بہ ضرورت آهي.

مهيش چندر نج سنڌي لهجي ۾ ڳائي غزل کي مقبول ڪرڻ ۾ وڏو يوڳدان ڏنو آهي جنهن لاءِ هو داد جو مستحق آهي. ويجهڙائي ۾ مهيش چندر کي سنگيت ڪار جي ناتي شري اٽل بهاري واجپائي پرڌان منتري،

جي محفلن جو بہ مزو چڱي طرح ڪونہ ماڻيو هو. وقتي چندر صاحب لاڙ
شهر ۾ ڏورو ڪندو هو يا لاڙڪاڻي جي آس پاس ميلن ملاڪڙن ۾ ايندو
ڪيس ٻڌڻ جو موقعو ملندو هو. چندر جا HMV سنڌي رڪارڊ عام جام
هئا پر مهيش جا ڪي بہ HMV رڪارڊ اچا ظاهر ڪونہ ٿيا هئا.
ورهاڱي کان پوءِ اول مون اچي ممبئي وسائي پر پوءِ جلدئي مونکي
انڊيا ريڊيو دهلي ۾ نوڪري ملڻ تي ممبئيءَ جا وڻ ڇڏڻا پيا ۽ دهلي
پاڻ کي وسائڻو پيو. شاعر ۽ ڳائڪ جو چولي دامن جو رستو ٿيندو آهي.
کي شاعر جي ضرورت ٿيندي آهي ۽ شاعر کي ڳائڪ جي. ڳائڪ کي شاع
ٻول کپن ۽ شاعر کي ڳائڪ جا منڙا سُرَ. دهليءَ ۾ موتيهار پائرن کان،
۽ ارجن جو سنگ مليو جن لاءِ مان شعر غزل ۽ گيت لکندو هوس ۽ هو منهن
لفظن کي پنهنجي سُرَن سان سنواريندا هئا.
منهنجو ڪٽنب پائر پينر ۽ ماتا پنهنجو اَجهو ممبئيءَ ۾ اَڏيو هو. منه
پاءُ موتي چگاڻي اُن ڏڍ ۾ سِيان ۾ رهندو هو. هر سال ٢١ جولاءِ تي اسان
پتا ديوان جوتومل جي وَرسي ملهائيندو هو ۽ مان پنهنجي ننڍڙي پر
سان دهليءَ مان ممبئي ايندو هوس. اسان جو پتا ڪنڊڙي شريف جي ر
فقير جو مريد هوندو هو. انڪري پتا جو ورسيءَ تي سڄي سڄي رات صوف
ڪلامن جي ڌُم مچندي هئي. موتي مهيش چندر کي هرسال دعوت ڏ
ورسيءَ تي گهرائيندو هو ۽ هو ڪافي مؤج مچائيندو هو. شروع ۾ سيان و
جڳهہ ۾ ۽ پوءِ نيپسين سي روڊ تي محل ۾ مهيش چندر جي ڳائڪي ف
لطف ماڻڻ جو موقعو ملندو هو. ائين مهيش سان واقفيت وڌندي
جنهن دوستيءَ جو روپ ورتو. مهيش کي چڱيءَ طرح ٻڌڻ جو شرف مو
ممبئيءَ ۾ مليو ۽ واقعي ئي جو سنڌ ۾ مون مهيش جي باري ۾ سن
جي ماهرن ۽ شوقينن کان ٻڌو هو ان جي ساک هت ملي چُڪي.
ڳائڻ وقت مهيش جي مُرڪون ۽ ميڊ وُن ڏيندو هو تنهن مونکي م
ڇڏيو ۽ مان سندس راڳ تي عاشق ٿي پيس. ڪڏهن ڪڏهن مان م
جي‌شواجي پارڪ واري گهر ۾ وڃي پنهنجي اندر ۾ سنگيت لاءِ،
ڪري سنڌِي سنگيت لاءِ، اُڃ هوندي هئي ٻجهائي ايندو هوس.
هميشهہ اها اُڪاسَ رهندي هئي تہ منهنجن غزلن ۽ گيتن کي م
جهڙو پختو ڳائڪ پنهنجي مڌر سُرَن جي ٻَرَن تي اُڏائي. آخر منه
اها آس بہ پوري ٿي جو مهيش منهنجا غزل ۽ گيت ڳائڻ لڳو. آڪاش



4

چندر گهراڻو

- ارجن حاسد

هر ڪنهن جاتيءَ جي قوم جي زنده هئڻ جا اُهڃاڻ، ظاهر ڏسڻ ۾ ايندا آهن. راڳ رنگ، لوڪ گيت، لوڪ نرتيه ۽ لوڪ سنگيت، قومن کي چست ۽ تندرست بڻائي رکندا آهن. انهن لوڪ رهاڻين ۽ ڪچهرين کان سواءِ قومون موڳيون موڳيون ۽ بيمار بيمار لڳنديون آهن. هر جوان دل جا اُڌما ۽ جذبا، ناز نخري، پهراوَ، اُٿڻ ويهڻ جي لوڏ ۽ چٽ ڏک مان ظاهر ٿي پوندا آهن. زنده ۽ ڳاڙهن ڳتوَل انسانن جون آشائون ۽ اپيلا شائون به چهري تي ظاهر ڏسبيون آهن. پروفيسر رام پنجواڻي چوندو هئو، ”ڀلي سنڌڻ پنيري ويندي هجي، ته به سندس هلڻ جي انداز، هٿ جي لوڏ ۽ لهر مان هرڪو ڄاڻي سگهندو ته هوءَ سنڌڻ ٿي وڃي.“ پر اهڙي احساس پري اک به هر ڪنهنجي ته ڪانه ٿي هجي، جنهنجي هجي. قومن کي به سندن سڀيتا ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ مان پرکبو آهي. ٻولي ته صاف ٻڌائيندي آهي صدين جو اتهاس. اسانجو سهڻو شاهه لطيف ۽ سنڌ جا صوفي فقير ۽ درويش راڳ رنج سان جڙيل رهيا آهن. ”صوفي ڪلام“ سنڌي سنگيت جي خاص سڃاڻپ رهي آهي. هونئن به لوڪ سنگيت ۾ ئي، ڪلاسيڪل (شاشتريه) سنگيت جون جڙون آهن. گائن وديا، شاشتر سنگيت جي ترتيب ۽ تعليم سان ئي پختي بڻجي ٿي. ان تعليم کان سواءِ گائڪ ڪلاڪار پنهنجيءَ وديا ۾ اڌوُرو ۽ اڻپورو لڳندو.

ماسٽر چندر سنڌين جو لاڏلو گائڪ آهي هوُ لوڪ گائڪ آهي، لوڪ سنگيت ئي سندس گائن وديا کي اُپاري بينو آهي. ماسٽر چندر هڪ مخصوُص ادا، انداز ۽ طرز ۾ پاڻ کي پيش ڪيو آهي. اُها طرز ۽ آواز جي اُها لوڏ، جيڪا سنڌي لوڪ سنگيت کي آڪاش تائين اُڏائي بيني آهي. مون ماسٽر صاحب کي سنڌ ۾ به ڳائيندو ٻڌو آهي. جتي ٻيا ڳائڻا ڀڳت چوائيندا هئا، ڇير جامو پڳڙي ٻڌندا هئا. اُتي بيهي نچندا، پير ڪٽندا، هٿن جي لهر ۽ ڪنڌ جي لوڏ سان شروع ڪري

جو خود هڪُ نالي وارو ڪوي آهي، تنهنجي ڪوتائن کي سنگيت ۽ م
سُرن سان سنوارڻ جو شرف مليو ۽ ڀرپور داد حاصل ڪيو. اسان جي ه
سنڌي سنگيتڪار جنهن شهرت جي مقام تي پهتو آهي ۽ اخبارن ۽ مخزن
۾ سندس فوٽا اچڻ لڳا آهن ۽ ساراهه ٿي رهي آهي اهو ڏسي اسا
سنڌين جو سر فخر کان اُوچو ٿيڻ ٿو وڃي.

مهيش چندر جي لفظن ۾ سنڌي ڪلام يا غزل جيترا لکيا ٿا وڃ
اوترا انهن کي رڪارڊ نٿا ڪيا وڃن. سنڌي شاهوڪارن کي گهرجي ته
معياري گائڪن کان سنڌي غزلن جون ڪئسيٽيون ڪڍارائي سنڌ
سنگيت کي مشهور ڪن. سنڌي شاعر ايترا ته سٺا ۽ معياري غزل لکن ٿا
ڪنهن به غير سنڌي اُردو يا هندي شاعرن سان مقابلي ۾ فخر سان بيه
سگهن ٿا. پر افسوس سنڌي گائڪ سنڌي شاعرن يا گيت ۽ غزل ايترو ڳائ
نه ٿا.

مهيش چندر سان هڪ ڏينهن گفتگو ڪندي ڪانئس هڪ خوشخبري مل
ته جلد ئي مهيش اَٺن سٺن ۽ شاعرن جا غزل الڳ الڳ گائڪن کان ڳارا رائ
ان جي سي. ڊيِ ڪئسيٽ ڪڍڻ وارو آهي، جيڪا سنڌي غزلن جي دنيا
ڀرين ڪوشش ٿيندي. مونکي اُميد آهي ته سنڌي جڳت مهيش چندر ج
اِن ڪوشش جي همت اَفزائي ڪندو ۽ اهڙين سنڌي ڪئسيٽن جو چڱيءَ طر
سواڳت ڪندو ته جيئن سنڌي سنگيت مالا مال ٿيندو رهي ۽ نيون نيو
ڪئسيٽيون مارڪيٽ ۾ ايندين.

مهيش چندر نه سنڌي آواز، صحيح سنڌي لفظ، سنڌي لهجي ۾ سنڌ
طرزو ۽ سنڌي ڪلام ڳائيندو آهي، پر پنهنجي نجي آزمودن ۽ تجربن م
جو ڪجهه سکيو آهي ان گائڪي فن ۾ پنهنجي انفراديت جو جزوبه شا
ڪري ڇڏيو آهي ۽ مهيش پنهنجي استاد پتا جن کان ورثي ۾ ڏنل ڏات ک
به وک اڳتي وڌي ويو. مهيش چندر سنڌ مان جا سنگيت جي سرهاڻ کڻي
ان جي هبڪار هند ۾ ڦهلجي چڪي آهي ۽ هينئر ته ولايت ۾ به واسجڻ
آهي. پنهنجي محنت، لگن ۽ تپسيا سان مهيش چندر اڄ هڪ اعليٰ درجي
فنڪار بڻجي چڪو آهي.

جئه سنڌي.

Base به لوڪ سنگيت (شاشتريه سنگيت) ئي هئو.

مان اڃان ٿو مهيش چندر تي. مهيش پنهنجي پتا صاحب جي طرز - گائڪيءَ سان خوب نباهيو آهي ۽ نالو ڪمايو آهي. سندس ادا، ناز ۽ انداز به بلڪل پيءُ جهڙو ئي آهي، انڪري ٻڌندڙن کي ڳهائي وجهندو آهي. مهيش چندر، پيا به ڪيترا ڪلام، گيت ۽ غزل ڳائيندو آهي، پر سچ پڇو ته ميدان تڏهن ماري ويندو آهي، جڏهن پنهنجي پتا جا ڳايل عاشقاڻا ڪلام ۽ سُرَ، ان ئي ادائگيءَ سان پيش ڪندو آهي. ائين لڳندو آهي ته خود ماسٽر چندر براجمان آهي، ۽ ماسٽر چندر سندين جي دل ۾ وسندو آهي. مهيش چندر کي مون ڪيترائي دفعا ٻڌو آهي. ڪجهه منهنجا غزل به ڳايا آهن. اُنهن سان هوُ موهي ته وجهندو آهي پر ڇيندو تڏهن آهي، جڏهن چندر کي ڳائيندو آهي. منهنجو هڪ گيت، ''حال اوريون اڇي جي رات رهين'' ڪيترن ئي گائڪ ڪلاڪارن ڳايو آهي، پر مهيش چندر، سروج ريجسنگهاڻيءَ سان دوگاني جي روپ ۾ ڳائي گيت کي لرزائي ڇڏيو آهي. مهيش چندر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ''چندر گهراڻي'' ڌاڪ جمائي ڇڏي آهي، اڃان به ڳائي ٿو ۽ خوُب ٿو ڳائي. اسان سڀ سندس سوز ۽ آواز جا قدردان آهيون.

□□



پدم پوشڻ

ڊاڪٽر سي. ايڇ. هيراننداڻي

مان احمدآباد ۾، آل اِنڊيا سنڌي چيمبرس آف ڪامرس احمدآباد جي خاص نينڊ تي گهرايو ويو هوس. جتي منهنجو ۽ ٻين سنڌي هستين جي سنمان جو اُتسو هو. اُتي مهيش چندر جي سنگيت جو به پروگرام رکيل هو. مونکي گهڻن سالن کان پوءِ سنڌي سنگيت ٻڌڻ جو موقعو مليو ۽ جڏهن مان مهيش چندر کي ٻڌو ته سچ پچ مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي. سندس آواز ۽ انداز بلڪل نرالو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي.

منهنجي شڀ ڪامنا اُن سان هميشه رهنديون ته هوُ اڃا به نيون نيون منزلون حاصل ڪندو رهي.

□□

ٻڌندڙن تي ڇائنجي ويندا هئا. اُتي ماسٽر چندر ٿهي جڙي، ڪپڙي لٽ
سينگارجي اچي صندل تي ويهندو هئو. صندل تي گاديلو ۽ اُن مٿا سهڻي چادر
غاليچو وڇايل هوندو هئو. چندر پاڻ بہ سهڻو جوان، شڪل شبيهہ جو مور،
ٻڌندڙ پڻ قربان قربان پيا ويندا هئا. اسانجي ڪنڊياري شهر ۾ اڪثر ايند
هئو، پاڻ ٺاروُشاهہ جو رهواسي هئو، ٺاروُ شاهہ ۽ ڪنڊيارو منهنجو ڳوٺ، پن
ڪوهہ پنڌ.

ماسٽر چندر جي محفل هجي تہ آس پاس جي ڳوٺن مان مسلمان هاري نار
مزور، ڪامورا، لچ لفنگہ ۽ اميرن جا ڇوڪرا، عاشق ۽ معشوق ٻڌجي، سڄ
ڪنڊياري کي وڪوڙي وڃن. اُٺ، گهوڙا، گڏهہ، ٽانگا ۽ ڏاند گاڏيون، بس چند
چندر پئي پوي ۽ ماسٽر چندر جڻ عشق جو پيغام ڪڻي اچي، ”دل تنهنجي
منهنجي هڪ آ“ پوءِ گوڙ بکيڙ ۽ وارداتون پڻ ٿيو پون. مون ائين محسوس ڪي
آهي تہ چندر جڻ سنڌ جي عاشقاڻي مزاج ۽ معشوقاڻي ڌرتيءَ جي زبان رهي
آهي. چندر جي جواني، آواز، انداز ۽ ادا، ۽ پرسرام ”ضيا“ صاحب جا عاشقا
ٻول، چندر سنڌ سڄيءَ جو لاڏلو ٻڌجي پيو. چندر پاڻ هئو درويش روچل، صوفي
سنت جو ششيہ. ان دؤر ۾ ئي سنڌين جي سرمورسنت ڪنور رام صاحب جو بہ نا
۽ نانءُ گهڻي صدق ۽ شرڌا سان ورتو ٿي ويو. سوچي ڏسو، ڪهڙي عاشقاڻو مزاج
ڪليل ۽ اُگهاڙا لفظ تہ ڪهڙي ڀڳت صاحب جا ٻول، ”ڪهڙن ريجهايان توکي ڪه
پرچايان، ڏس ڪوڏاها.“ سنڌي سنگيت جي سيتا جا ٻہ اَنش، ٻہ سچ، جسم
آتما، زندهہ قوم جا ملهہ ۽ ماڻ. انسان جي فطرت ۽ تهذيب اهي سڀ خواهشوُ
رليل مليل ۽ گڏيل آهن. تڏهن تہ قومون زندهہ آهن، اسان سنڌي اجان بہ جيئ
آهيون ڀڳتي-رس، آڌياتمڪ سوڪيمتا، نفس ۽ جسم جا نرم نازڪ ڇهاءُ، تياڳ
وئراڳ، ڪهڙي بہ هڪ ٻئي کان الڳہ نہ آهن، ٿي بہ نٿا سگهن، ڪري بہ نہ سگهندا.

هر ڪنهن سنگيت جو، گائڪيءَ جو الڳہ مزاج آهي، پرمپرا آهي، جنهن ک
هت ڀارت ۾ ”گهراڻو“ ٺاڪوئين. ڀارت ۾ اهڙا ڪيترائي سنگيت جا گهراڻا آهن
مان سوچيندو آهيان، سنڌي گائڪيءَ ۾ بہ ”چندر- گهراڻو“ آهي. چاڪاڻ
چندر جي طرز ۾ ڳائڻ وارا ڪيترائي آهن. ماسٽر مکڻ، ماسٽر فتحچند (ٿتو
ماسٽر منايل، چندر جا ٻہ فرزند مهيش چندر ۽ گوپ چندر ۽ ٻيا ڪيترا. هاڻ
ويجهڙائي هت ڪبيرنگر احمدآباد ۾ ٻپن شيواڻيءَ بہ ماسٽر چندر جي ج
ڏينهن اُستوتي، ماسٽر چندر جي طرز ۾ خوب ڳايو ۽ ٻڌندڙ کي جهوُمائي ڇڏ
توهان جي ڪيس خيال سان ٻڌو هوندو، تہ پرکيو هوندو تہ ٻپن جي گائڪيءَ

جئپور والي ڪان ورتي.

هونئن ڪلاسيڪل سنگيت جي لئه، تال راڳ-راڳڻين ڪان روح شناس مهيش کي ماسٽر چندر ڪرايو. مهيش جي رچي شاشتريه سنگيت ۾ ڪونه هئي. ماسٽر چندر ڪنور انتظام طور مهيش جي اوائلي سکيا لاءِ ماسٽر مقرر ڪيو -٨ سالن جي عمر کان مهيش ١٦-١٧ سالن جي عمر تائين ماسٽر چندر سان جدا جدا نگرن ۽ بستين ۾ ڳائڻ لاءِ وڃڻ لڳو. نور جهان جي گائڪي کان مهيش ڏاڍو متاثر ٿيو. بيندي بزار ۾ وڃي ڳولهي ڳولهي ٢-٢ آني رڪارڊ خريد ڪري ايندو هو.

ماسٽر چندر سان پروگرامن ۾ مهيش فلمي گيت ڳائڻ سان شروعات ڪئي. جهڙوڪ زندگي ديني والي تيري دنيا سي جيءَ ڀر گيا، مئن يهان جيتي جي مر گيا، يا هوا ۾ افساني جهان جاتي يا برسات کي رات جي مشهور قوالي- آج ڪيون هم سي پردا هئه، يا نه تو ڪاراوان کي تلاش هئه، نه هم سفر کي تلاش هئه. وچه وچه ۾ اردو شعر و شاعري، قطع ۽ رباعي جو مرڪب پيش ڪندو هو. جنهن جي سکيا مدن پرڪاش کان هن ورتي ۽ ان ادائگيءَ جي فن ۾ ماهريت حاصل ڪئي.


١٧-١٨ سالن جي عمر تائين ايندي ايندي مهيش چندر خانگي محفلن جو مور بڻجي ويو ۽ سڄي سڄي رات محفلن ۾ ڳائيندو هو.

ڪيدارنات شرما ايڇ. ايم. وي جو مهيش جي غزلن جو رڪارڊ ڀڏو- مئه خانا ۾ ڪيس ڳارايو. اِيڪ شب ڪو مسافر هئه، هم تم، يهه دنيا مسافر خانا هئه، نه اپني ڪوئي ڪوئي ڪهاني هئه، نه اپنا ڪوئي افسانا هئه. ان غزل جو مقبوليت اڄ تائين آهي. سي. بي. ايس. رڪارڊ ڪمپني جي ڊائريڪٽر پريم رامچندا ٽي جو چوڻ آهي- ته ايڪ شب ڪي مسافر غزل ٻڌي مون پرڻ ڪيو ته جڏهن به رڪارڊ ڪمپني کوليندس ته پهرين مهيش چندر کي رڪارڊ ڪندس. تازو سي. بي. ايس پاران ايڪ شب ڪي مسافر هئه. هم تو مهيش چندر جي غزل جي ٽيپ ڪڍي آهي. جنهن مهيش جي مقبوليت ۾ چار چند لڳايا آهن.

مون مهيش کان پڇيو، ايڪ شب ڪي مسافر کي هيتري مقبوليت ملڻ جي باوجود به هو ٨ سال گمناميءَ جي عالم ۾ چو ڪوهجي ويو؟

جواب ۾ مهيش چندر چيو، هڪڙو ته منهنجو آواز ڪنهن به هيرو کي سوٽ نه ٿي ڪيو. ته به منهنجي آواز جو استعمال سنگيتڪارن ته ڪيو. ان دؤر ۾ مقبول ڪونه ٿيو هو. جيتوٽيڪ راجيش کنا، سائرا بانو، سنيل دت، نرگس، منوج

5



غزلن جو بادشاھ -
مهيش چندر

- وشنو ياٽيا

مهيش چندر غزل ڳائڪيءَ جي کيتر ۾ يگانو نالو آهي. غزل ڳائڪيءَ
مهيش چندر جو نالو اُفق مٿي تڏهن اُڀريو، جڏهن غزل ڳائڪيءَ جو دور نہ ه
غزل ايترو مقبول نہ هو. مهيش چندر جي آمد سان فلمن ۾ غزل ڳائڪيءَ جو آغ
ٿيو. فلم مئخانا ۾ سندس ڳاتل غزل ”ايڪ شب کي مسافر هئہ هم تو-“
جنسي ڌوم مچائي ڏني. ريڊيو ۽ جوڪ باڪس تي اهو غزل هزارين دفعا هلي
مزي جي ڳالھ آهي تہ فلم نہ هلي، فلم ۾ ڳاتل محمد رفيءَ جا گيت بہ لو
پريہ نہ ٿي سگهيا. ايتري قدر سنگيتڪار اهو غزل رفيءَ کان ڳارائڻ چاهيو ٿي
غزل مهيش چندر جي حصي ۾ آيو ۽ مهيش چند جو تقدير جو ستارو چمڪ
اُٿيو. سندس ڳائڪيءَ جو انداز نرالو ۽ بيس وارو هو. آواز جي مڌرتا پر ڪشش
هئي.

تازي انٽرويو ۾ مهيش چندر چيو، ان وقت چترا جگجيتسنگھ، پنڪ
اُداس، تلت عزيز ، نينا -راجيندر بہ غزل ڳايڪ طور اسٿاپت ڪونہ ٿيا ه
مهيدي حسن ۽ غلام عليءَ جو بہ ايترو نالو نہ هو.

لتا منگيشڪر پريوار جو ماسٽر چندر جي پريوار سان گهرو ناتو رهيو. هر
ناٿ منگيشڪر مهيش چندر جو گهرو دوست آهي. لتا منگيشڪر جي سفارش
فلم مئہ خانا کان اڳہ بہ ايچہ. ايم. وي وارن مهيش چندرجي غزلن جو رڪا
ڪڍيو. سلسلا زلف ڪا، جب روح پي بکڙ جاتا هئہ، جام ٽڪراتي هئہ، مئخ
سنور جاتا هئہ يا پيو غزل محبت جب سکون اي زندگي، برباد ڪرتي هئہ، تو
خاموش رهتي هئہ، نظر فرياد ڪرتي هئہ. ڏون مشهور سنگيتڪار بابل ٺاهيو جن غز
کان متاثر ٿي مهيش چندر کي مئہ خانا ۾ ڳائڻ جو چانس مليو.

غزل ڳايڪي ۾ ٽريننگہ مهيش چندر، کيمچند پرڪاش جي ڀائٽي م
پرڪاش کان ورتي، شاستريہ سنگيت جي سکيا مهيش گويي لڪشمڻ پر

انگريزي پترڪارن راجو ڀارتن، گريجا راجيندرن ۽ ديو ياني چوٻل مهيش چندر جي ڳايڪي کي ساراهيو. ديوياني چوٻل تہ لکيو، ”مهيش چندر اِز بارن-“ هن جي مڌر گلي کي ساراهيو. ٽيليويزن تي ملاقات ۾ مشهور ڳائڪا سلڪشڻا پنڊت مهيش چندر جي ڳائڪيءَ کي ساراهيو چيو تہ مهيش چندر غزل جي روح کي برقرار رکيو آهي.

تازو مهيش چندر سنگيتڪار جي روپ ۾ اُڀريو آهي. سلڪشڻا پنڊت، وتسلا مهرا، شوڀا جوشي، رينوڪا کي نہ فقط مهيش چندر غزل ڳايڪي جي فن جي تعليم ڏني آهي. پر انهن جي غزل جون ڪئسيٽ بہ تيار ڪيون آهن.

١٢ سپٽمبر اِسڪان هال، هري ڪرشنا، هري رام مندر ۾ غزل ڪي يهہ شام، تمهاري هي نام رکي- جنهن ۾ مهيش چندر جا ڪمپوز ڪيل غزل شوڀا جوشي ڳاتا ۽ پاڻ بہ شوڀا جوشي سان گڏ ڳاتو.

جيڪي نوان اُسرندڙ ڳايڪ سنڌي راڳہ راڳيٽيون سکڻ چاهين-مهيش چندر جون شيوائون انهن لاءِ حاضر آهن.

مهيش چندر اياز، حاسد، ايم. ڪمل، لڪميچند پريم، واسديو نرمل جي غزلن جون ڌنيون ٺاهي انهن کي لوڪن ۾ لوڪپريہ بڻايو آهي ۽ تازو ڪيس هڪ هندي فل ۾ ميوزڪ ڏيڻ جي آڇ آهي. اهو ڏينهن پري ڪونهي جڏهن هندي فلمن ۾ مشهور ڳايڪ ۽ سنگيتڪار جي حيثيت ۾ ناموس ڪڍندو. مهيش چندر جهڙي ڳايڪ تي سنڌي جاتيءَ کي فخر وٺڻ گهرجي.هو لا جواب ڳايڪ آهي. هن جي انداز بيان کي جي وڏا وڏا استاد بہ تعريف ڪندا آهن. شال مهيش دن بہ دن ڪاميابي جون نيون نيون منزلون طئہ ڪندو رهي. ❑❑

Mr. Mahesh Chander is known to me for several years. His Songs Sung for Hindi Films are beautiful and added to that he is a very fine composer. I have sung geets (Rather geet - nonah - ghazals) for two of his private albums and admire his talents as a composer. He is melodious and has deep roots in Indian Music. I wish him success for the future.

- Kavita Kirshnamurti

ڪمار جي برٿ ڏي تي غزل ڳاتا ۽ داد حاصل ڪيو. ڪلياڻجي آنندجي ب
منهنجي غزلن جا ديوانا آهن.

ان دوران فارين ٽرپس به هنيون. مان فلمن کان آئوٽ آف ٽچ تي ويس. مدن موهن ۽ خيام منهنجي پر پٺ نياپا موڪليا پر مان وديش ۾ هئس. ان جو لاڀ گٽار وادڪ ڀوپيندر کي مليو ۽ هو غزل گائڪ بڻجي ويو. ساڳئي وقت ان دو ۾ غزل- گائڪيءَ جو شائق فقط مخصوص طبقو هو، سنڌو ورڪي وغيره.

١٩٦٨ تائين مون ڪوبه سنڌي غزل رڪارڊ نه ڪرايو. ان دور ۾ دادا ج لکيل گيت سڄڻ اُپر نه تون، شل رات هجي. منهنجو گيتن جو ايل-پي نڪتو. ٻنهي گيتن ۾ طرز سنڌي هئي. پر ان کي مون پنهنجي اسٽائيل ۾ ڳاتو. ڪنهن جو جدا حبيب نه هرگز خدا ڪري، گهٽو ته پنهنجي دل کي مون بچائي، آيل مئرس ڪين اياڻي پنهنجي پنهل جي ڪيم نماڻي.


ان بعد مهيش ٻيو سنڌي رڪارڊ تيار ڪرايو يار سان رهاڻيون، مولي مستن جا ڪم پاڻ ڪري، رسي تو دلربا، اڳ پوءِ ڳٽي نه ڳٽي، خبر خدا کي الاجي ڪ ٻٽي نه ٻٽي، ڏنو پير اُستاد جي ڏس آهي، هڪ عشق اسان جو وس آهي يا ڏس عشق جي دنيا خاموشي تي رهائي. تنهن کانسواءِ مهيش چندر سنڌي فلم ش ڏيئر نه چمن ۾ ڪملا ڪيسواڻيءَ سان گڏ دوگانو ڳاتو آهي سر جو سانگو لاهي سهڻي آڪنن ۾ ڪاهي. فلمن ۾ اِڪ گهور، پياسي‌نئن، پهلا قدم، سپيتا ۽ پٿرو ڪا شهر ۾ ڳاتو آهي. ييهه تو پٿرون ڪا شهر هئه جنهنجو ميوزڪ اُشا کنا تيا ڪيو آهي. اها فخر جي ڳالهه آهي جو مرهٽي فلم ساڌي ماڻس جو ميوز هرديه ناٿ منگيشڪر تيار ڪيو ۽ مهيش چندر کان مرهٽي ۾ ڳارايو.

مهيش چندر جي زندگيءَ جو جيڪو گمناميءَ جو دؤر چيو ٿو وڃي، ج حقيقت ۾ گمنامي جو دؤر نه هو. مهيش چندر انهن سالن ۾ ڪولمبو، سينگاپور انڊونيشيا، هانگ ڪانگ، چين، منيلا، تائوان، بئنگڪاڪ، ڊبئي، اسپين، آ ا، نائجيريا، لنڊن، آمريڪا، ڪئناڊا، واشنگٽن، چڪاگو، لاس اينجلس مانٽريل، مينڊرڊ ۾ پنهنجي گائڪي جو ڏاڪو ڄمايو. جتي ڪئي سنڌي سنسٿائ سنڌس سنمان ڪيو. ڪائنس ماسٽر چندر جي گيتن جي ڳائڻ جي فرمائش لڳاتار ڪئي ويندي هئي.

مهيش چندر کي ان ڳالهه جو ارمان آهي ته سي -رامچندر، روي، جئڪش ڪلياڻجي آنند جي مهيش چندر جي پروگرامن جي تعريف ته ڪئي پر فلم ۾ ڪم نه ڏنو.

7

مهيش چندر سان ملاقات



- ملاقي : واسديو 'نرمل'

واسديو نرمل :- سنڌي سنگيت تي ماسٽر چندر پنهنجي هڪ اڻ مِٽ ڇاپ ڇڏي ويو آهي. پنهنجي پتا جي نقش قدمن تي هلندي، مهيش چندر به سنڌي سنگيت جڳت ۾ پنهنجي هڪ مخصوص جاءِ جوڙي ورتي آهي. آڪاشواڻي جي ٻڌندڙ لاءِ اَڄ مهيش چندر کي پنهنجي اسٽوڊيو ۾ گهرايو ويو آهي. اَڄو ته سنڌي سنگيت جي باري ۾ شري مهيش چندر سان ڳالهه ٻول ڪريون..... مهيش چندر جي! آڪاشواڻي طرفان توهان جو سواڳت آهي.

مهيش:- شڪريه.

نرمل:- مهيش، پهرين اسان کي اِهو ٻڌايو ته توهان کي سنڌي سنگيت لاءِ چاهه ڪيئن پيدا ٿيو؟

مهيش:- سنگيت آچاريه، ماسٽر چندرجي فرزند هئڻ جي ناتي، منهنجن ڪنن پهريون آواز سنڌي سنگيت جو ئي ٻڌو. ننڍي عمر کان ئي گهر ۾ پتا صاحب جا رڪارڊ فوني تي وڄائيندو هوس. ائين ننڍي هوندي ئي سنگيت لاءِ چاهه پيدا ٿيو.


نرمل:- توهان پهريون ڀيرو سنڌي ڪلام ڪڏهن ڳائڻ شروع ڪيو؟

مهيش:- ٧ - ٨ سالن جي عمر ۾ منهنجو پتا صاحب، منهنجي آواز کان متاثر ٿي، مونکي به ٿي ڪلاسيڪل بندشون ۽ ٻه ٽي سنڌي ڪافيون يادڪرايون جي هُو صاحب پنهنجن پروگرامن ۾ مون کان ڳارائيندا هئا.

نرمل:- انهن پروگرامن ۾ ڳائڻ کان اَڳ، توهان ضرور چونڪين ۾ به ڳايو هوندو؟

مهيش:- برابر. اَسانجي گهر شيواجي پارڪ، دادر ۾. هر چنڊ چونڪي لڳندي هئي. اُتي منهنجا پتا صاحب مونکان هڪ سنڌي ڪافي ضرور ڳارائيندا هئا.

نرمل:- جي پلڇان نٿو ته اُنهن چونڪين ۾، وقت به وقت ننڍا وڏا،



6

مهيش چندر

- پروفيسر ارجن شاد

لائق پتا جو لائق فرزند مهيش چندر - هندستان جو برک ڳائڪ، جن
سنڌي، اردو ۽ هندي ڳائڪيءَ ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪيو آهي. دي
وديش ۾ پنهنجي ڪلا جو جوهر پسايو اٿس. سيتا سنڌو ڀَوَن - سانتا ڪر
۾ راڳ جي محفل جاري هئي. مهيش چندر پنهنجي مڌر آواز ۾ ماس
چندر جو گيت ڳائي رهيو هو. وچ ۾ مونکي مخاطب ٿيندي چيائين: ”
صاحب، اوهان کي خبر آهي تہ مان جو ڪجھ آهيان، پتا صاحب
بدولت آهيان. ننڍي هوندي کان هنن مونکي شاستريہ سنگيت کان واق
ڪرايو. سر، تال ۽ راڳڻيون سيکاريون ۽ انهن ئي مون تي تمام گھڻو
ڪيو آهي. اڄ منهنجو پتا اسان جي وچ ۾ ناهي، پر هنن جي سدائين
تي آسيس آهي. پتا صاحب کي قدرت وٽان مليل هڪ اَنوکو آواز ه
ڳائڪيءَ جو پنهنجو انداز هو. هو هڪ بي مثل ڪلاڪار هو ۽ فن جي دني
هنن جي هڪ يگاني حيثيت هئي.“ مون مهيش چندر کي ورائي چ
”ڪير ٿو چوي تہ ماسٽر چندر اسان جي وچ ۾ ناهي. مهيش چندر، ما
چندر جو بيو روپ آهي. ڳائڻ جو ساڳيو ئي ٽيڪنيڪ - دلين ۾ پيهي و
وارو انداز- لوڪ سنگيت کي ڪلاسيڪي رنگ ۾ پيش ڪرڻ وارو ساڳيو
نوع. سنگيت جي عظيم شخصيت مهيش چندر، سنڌين لاءِ قدر جو با
آهي.“ مهيش چندر جي منهن تي اُها ئي مرڪ اَچي ويئي جيڪا ما
چندر جي حسين چهري تي نموادر هوندي هئي!

جي لکيل سنڌي ڪافي ”سڄ اُيرنہ تون، شل رات هجي“ ڳاتم. اُها حاضرين کي ايتري تہ پسند آئي جو اُتي وينل Hero Music جي مالڪ گوپالداس، ٻئي ڏينهن .H.M.V جي مئنيجر شري جوشيءَ تي زوربار آندو تہ اِها سنڌي ڪافي ضرور رڪارڊ ڪئي وڃي.

نرمل:- اِئين اِها ڪافي رڪارڊ ٿي ٻاهر نڪتي. اِهو رڪارڊ ڪڏهن نڪتو؟

مهيش:- اُهو EP رڪارڊ ۱۹۶۹ ۾ نڪتو.

اُن رڪارڊ ۾ چار سنڌي گيت آهن. اُن رڪارڊ جي سنڌي جنتا دل وجان سان آجيان ڪئي. اُن رڪارڊ ۾ خاص طور ”سڄ اُير نہ تون، شل رات هجي“ ڪافي مشهوري حاصل ڪئي.

نرمل:- هر سنڌي سنگيتڪار، آڪاشواڻي تي انٽرويو جي دوران، ان ڪافيءَ جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي آهي ۽ اُها وڄائي ٻڌندڙ کي مدهوش ٿئي ڪيو آهي:

مهيش:- برابر ۽ سچ پڇو تہ ان رڪارڊ جي مشهوريءَ ڪانپوءِ ئي سنڌي جڳت سان منهنجو سمپرڪ نئين سر جڙيو.

نرمل:- ۽ هندستان ۽ هندستان کان ٻاهر، سنڌي سنسٿائون، توهان کي پنهنجو پروگرام ڏيڻ لاءِ گهرائڻ لڳيون.

مهيش:- بلڪل صحيح. نندي هوندي پتا صاحب کان جيڪي سنڌي راڳڻيون سکيس ۽ جيڪي رندن فقيرن ۽ صوفي شاعرن جا ڏوهيڙا ياد ڪيا هئم، اُهي سڀ سنڌي پروگرام ڏيڻ لاءِ ڪم اچڻ لڳا.

نرمل:- ولايت ۾ وسيل سنڌورقي بہ گهرائڻ لڳا هوندا؟

مهيش:- بلڪل. هوُ نج سنڌي راڳن ۾ ڪلام پسند ڪندا هئا ۽ پتا صاحب جون ڪافيون پيار سان ٻڌڻ چاهيندا هئا. هوُ اُنهن پروگرامن جي رڪارڊرنگ ڪري رکندا هئا ۽ اُنهن جون ڪاپيون ٺاهي، اُهي پنهنجي يارن ۽ مٽن مائٽن ۾ سوکڙي ڪري ورهائيندا هئا.

نرمل:- اُن مان وڏو فائدو اهو ٿيو آهي، جو هوُ سنڌي سنگيت هميشہ ٻڌندا رهيا ۽ ائين سنڌي ڪلامن کان ڪنهن ڪونہ ويا.

مهيش:- هينئر بہ جڏهن ولائت ويندو آهيان تہ سنڌن اولاد، نندي ٿهيءَ جا جو ان ۽ جو انڙيون، جيڪي سنڌي ايترو ڳالهائي بہ ڪونہ سگهن اُهي بہ منهنجي ڳاتل سنڌي ڪافين جون فرمائشون ڪندا آهن.

نرمل:- ۽ پوءِ هوءَ توهان سان گڏ، ساڳئي سُر ۽ لئہ ۾ ڳائيندا آهن؟

مهيش:- بلڪل.

غير سنڌي فنڪار بہ پنهنجي ڳائڻ-ڪلا جو جوهر ڏيکارڻ پيا ايندا هئا
مهيش:- بيشڪ اُنهن چونڪين جي دوران ئي وڏي ڳوئيي پنڊت لڪشم
پرساد جئپور والي ۽ غزل ڳائڪ شري مدن پرڪاش جي صحبت ماڻڻ جو و
مليم:
نرمل:- انهن کان توهان گهڻو ڪجهہ پرايو ڦو ڏسجي.
مهيش:- منهنجي پتا صاحب جي تمنا هئي تہ اُنهن ٻنهي سنگيت ج
ماهرن کان ڪجهہ سکان. اِجهو اِن ريت مان هنن کان شاستريہ سنگيت جي تعل
حاصل ڪرڻ لڳس. شاستريہ سنگيت اُردو غزل ڳائڻ ۾ مهارت هنن جي بدولت
حاصل ڪيم.
نرمل:- اُردوءَ ۾ پهريون غزل توهان ڪڏهن ڳاتو؟
مهيش:- ١٥-١٦ سالن جي عمر ۾، اُردو غزل بلڪل تياريءَ سان ڳائڻ لڳس ۽
ڪمپوز بہ ڪرڻ لڳس.
نرمل:- ۽ ڏيري ڏيري، اَوهانجو ناماچار سنگيت جي دنيا ۾ ڦهلجڻ لڳو
مهيش:- ۽ ڦهلجندي، لتا منگيشڪر تائين پهتو، جنهن .H.M.V ج
مئنيجر جي. اين. جوشيءَ کي منهنجي اُردو غزل جو رڪارڊ ڪڍڻ لاءِ سفار
ڪئي ۽ اَئين ١٩-٢٠ سالن جي عمر ۾، ١٩٦٥ع ۾ منهنجو پهريون اُردو غزل
رڪارڊ ظاهر ٿيو.
نرمل:- ۽ اَهو رڪارڊ اُن وقت سنگيت جي چاهڪن بيحد پسند ڪيو.
مهيش:- اَنڪري ئي H.M.V وارن مون کان ١٢ سالن لاءِ Contract صح
ڪرائي ورتو.
نرمل:- اِن رڪارڊ جي مشهوريءَ سبب توهان کي غير سنڌي پروگرام
ڪافي ملڻ لڳا هوندا.
مهيش:- نہ فقط پروگرام، پر هندي فلمن ۾ ڳائڻ لاءِ بہ وجهہ مليو.
نرمل:- اَڇا؟ توهان، گهڻين هندي فلمن ۾ پلي بئڪ ڏنو آهي.
مهيش:- اٽڪل ٢٥-٣٠ هندي سنڌي فلمن ۾ پلي بئڪ ڏنو اٿم. ڪي
شرما جي هندي فلم ''مئہ خانا''جو غزل اِيڪ شب ڪي مسافر هئہ هم تو ۽
''پٿرون ڪا شهر'' جو ٽائيٽل گيت، اُن دؤر ۾ مشهور ٿيا هئا.
نرمل:- غير سنڌي پروگرام ڏيندي، ڪڏهن سنڌي ڪلام ڳائڻ لاءِ فرمائش
ٿي؟
مهيش:- هڪ ڀيري، اين. سي. سپي جي گهر اُردو غزلن جي محفلن دو
هڪ سنڌي ڪافي ڳائڻ لاءِ فرمائش ٿي. اُتي پهريون دفعو منهنجي پتا صا

نائين نيڻ نهار، تہ تو ۾ ديرو دوست جو''

نرمل:- ۽ مارو؟

مهيش:- مارو، کماچ راڳ مان نڪتل آهي، جنهن ۾ مارئيءَ جا ورلاپ چٽيا يا آهن. مثال طور هيءَ ڏرهيڙو ٻڌو:-

''واجهائيادي وطن کي، آءٌ جي هت مياس
گور منهنجي سومرا، کڄ پنوهارن پاس
مُيائي جياس، جي وڃي مَڙهہ ملير ڏي.''

نرمل:- ۽ پرڀاتي راڳ؟

مهيش:- سائين کنوررام، اِهو راڳ خاص طور ڳائيندا هئا اِهو راڳ پرڀات سمي ڳايو ويندو آهي. مثال طور هيءِ ڏوهيڙو ٻڌو:-

''جاڳو جاڳو جيڏيون، ننڊ ۾ هيريو نيڻ،
اَصل آرياڻين جا، سُتي وڃن سيڻ،
وهاڻيءَ جو ويڻ، لوئيون سڻنديون لوڪ ۾.''

نرمل:- ڪجهہ جوڳ راڳ بنسبت ٻڌائيندا؟

مهيش:- جوڳ راڳ راجا گوپيچند ۽ راجا ڀرٿريءَ جي ويراڳ مان پيدا ٿيل آهي، جو تہ هنن راجائي ڇڏي جوڳ ڪمايو. اِن راڳ جو مثالي ڏوهيڙو ٻڌو:-

''ڪن پٽ، ڪاپٽ ڪاپڙي، جوڳي ڏنم جام،
هڪڙا پيئن اُڃ اَندر ۾ ٻيا طلب نہ رکن عام،
ٿيان ٿولا ڪيون نڪرن، گنگا گهمن گام،
چوٿان چون ڪين ڪي، اوڏا وڃن نہ عام.''

نرمل:- مان ٻڌايان ٿو سنڌي سُر بسنت راڳ بسنت بهار مان نڪتل آهي.

مهيش:- برابر ۽ اُهو بسنت رُت ۾ ڳايو ويندو آهي. اُن جو مثالي ڏوهيڙو ٻڌو:-

''آئي رُت بسنت جي پلي پوڄيون پاٽي
پاٽيءَ مان پيدا ٿيو، اُڏيرو رتناٽي.''

نرمل:- راڳ سهڻي ۾ وري سهڻي ميهار جي محبت جو داستان آهي. اُن راڳ ۾ ڪو ڏوهيڙو ڳائي ٻڌايو.

مهيش:- ''ساري سک سبق، شريعت سندو سهڻي!

نرمل:- تہ اِهو سنڌي سنگيت کي برقرار رکڻ ۾، توهان جو وڏي ۾
يوگدان ليکيو ويندو.
مهيش:- اُهو تہ توهان جهڙا سنگيت جا پارکُوئي چئي سگهندا.
نرمل:- برابر مونکي توهانجي هڪ ئي ڪافي بہ ٿي ياد اَچي، جا بہ ڏاڍي
مشهور ٿي آهي.

”هيءَ ڳالهہ بہ ڪنهن کي وٺي نہ وٺي
منهنجي نينهن جو ناتو ٽٽي نہ ٽٽي
منهنجو يار چئي ڪٽي بس ڪر.“

مهيش:- اِها ڪافي، مشهور هندي فلمي گيتڪار نقش لائلپوريءَ جي لک
آهي، جو اُن وقت ملند سنڌي ڪئمپ ۾ رهندو هئو. اَها ڪافي مون سنڌ پيرو
راڳ ۾ ڳاتي آهي ۽ بيحد پسند ڪئي ويئي آهي.
نرمل:- ٢٥ سال اڳ، توهانجو آواز ۽ گائڪي، توهان جي پتا صاحب ج
آواز ۽ گائڪيءَ کان بلڪل مختلف هئا. سنڌي ڪلام ڳائڻ وقت، اُنهن ۾ پنهنج
انداز ۾، غير سنڌي سُرن جو بہ توهان استعمال ڪندا هئا. اِهي سنڌي ڪافيو
ڪلام صرف درشڪن جي فرمائش ڪرڻ تي يا توهانجي پتا صاحب جي زور ۽
تي توهان ڳائيندا هئا. پوءِ توهان ۾ اِنقلاب ڪيئن آيو؟
مهيش:- سنڌي ڪلام ۽ ڪافيون ڳائيندي ڳائيندي، سنڌي سُرن ۾ ڪوهڙ
لڳس ۽ سنڌي سُر جي نرالپ مونکي متاثر ڪرڻ لڳي.
نرمل:- اُنهن سنڌي سُرن جي باري ۾ آڪاشواڻيءَ جي ٻڌندڙن کي ڪ
وضاحت سان سمجهائيندا؟
مهيش:- اُهي سنڌي سُر آهن سُر سامونڊي، سهڻي ميهار، سورٺ، ليلا چنيس
لوڙائو، راڻو، مارُو، ڪاپائتي، ڪوهياري، ڪاموڏ، ٻَراڳي، بسنت، جوڳ، پرڀا
پهاڙي ۽ سنڌي ڀيروي.
نرمل:- ڪي مثالي ڏوهيڙا ڳائي، اِنهن سنڌي سُرن جو رس وٺايو تہ بهت
مهيش:- سورٺ، ديس راڳ مان نڪتل راڳڻي آهي. مثال طور شاهہ جو م
بيت ٻڌو:- ”ڏهس جيان ڏهہ سسيون، ڏهہ ٿي هو ڏيان-ڏڙ مٺي سرهيڪ
ڏيندي لهہ مران.“ سُر سسئي، ڪوهياري راڳ مان نڪتل آهي، جنهن ۾ س
جا ورلاپ شامل آهن. مثال طور هي بيت ڏسو:-

”وڃين ڇو وٽڪار، هت نہ ڳولين هوت کي
لکو ڪونہ لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار

مشهور ڪافي توهان ضرور ٻڌي هوندي. ڏسو عاشقن جا انصاف، ڏين سر گهوري گهوري.

نرمل:- . ماسٽر چندر کان اڳ کهڙا سنڌي ڳائڪ هئا، جي ديسي راڳن تي ڳائيندا هئا؟

مهيش:- بيبو خان، الله ڏنو نوناري ۽ مِنوَ ڪلهڙو ديسي راڳن تي ڳائيندا ته هئا، پر مٿن ڪلاسيڪل يعنيٰ شاستريه سنگيت گهڻو حاوي هوندو هئو. منهنجي پتا صاحب ماسٽر چندر ئي، ديسي راڳن کي عام ۽ خاص ۾ مشهور ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

نرمل:- اَڄڪلهه ممبئي ۾ جيڪي سنڌي پروگرام ٿين ٿا، اُتي هر ڪلاڪار کي ٻه يا ٽي ڳانا مس ڳائڻ لاءِ وقت ميسر ڪيو ويندو آهي. اِنڪري ڪنهن به سنڌي ڪلاڪار کي پنهنجو جو هر ڏيکارڻ لاءِ وجهه ئي نٿو ملي.

مهيش:- اِئين برابر آهي. پر ممبئي کان ٻاهر جڏهن ڪا سنسٿا سنگيت جو پروگرام ڏيڻ لاءِ گهرائيندي آهي، تڏهين اَتي ساندهه ٻه ٽي ڪلاڪ ڳائڻ لاءِ وجهه ملندو آهي ۽ اهڙن پروگرامن ۾ ڪلاڪار پاڻ موکي سگهندو آهي.

نرمل:- ممبئي ۾ تازو، چيني سپاهيملاڻي جي ورسي جي موقعي تي توهان کي ساندهه ٻه ڪلاڪ ڳائڻ لاءِ وجهه مليو هئو ۽ اَن دوران توهان ديسي راڳن سان حاضرين کي جهومائي ڇڏيو هو.

مهيش : اها دوستن جي عنايت آهي.

نرمل:- ڀلا غير سنڌي گيتن، غزلن ۾ اُنهن سنڌي سُرن جو اِستعمال ڪيو اَٿو؟

مهيش:- سنڌي ڪلام ۽ ڪافيون ڳائيندي ڳائيندي، سنڌي سُر ۾ کوهجڻ لڳس ۽ سنڌي سُرن جي نرالپ بيشڪ مونکي متاثر ڪرڻ لڳي. آهستي آهستي سنڌي سُرن ۾ ايترو ته مزو اَچڻ لڳو، جو اُردو غزل ڳائڻ وقت توڙي هندي گيت ڳائڻ ڪمپوز ڪرڻ وقت، سنڌي سُرن جو استعمال ڪرڻ لڳس ۽ اَجا تائين اِستعمال ڪندو اَچان ۽ اِئين ڪندي، ڪيترائي تجربا ڪندو رهيو آهيان.

نرمل:- اِنهن ڪامياب تجربن ۾ ڪويتا ڪرشنا مورتي ۽ سُلڪشڻا پنڊت کان سنڌي گيت ڳارائڻ به شامل ڪري سگهجي ٿو. ڀلا پنهنجي اُنهن شاگردياڻين جا نالا ٻڌائيندا، جن توهانجي هدايتڪاري ۽ رهنمائي هيٺ هندي سنگيت جڳت ۾ نالو ڪڍيو آهي؟

مهيش:- اُهي آهن شوڀا جوشي، رنجنا جو گليڪر ۽ پدمجا ڦيناڻي. اِنهن غير سنڌي فنڪارن کان به سنڌي ۾ ڳارائيندو آهيان ۽ سنڌي ڪلامن جون به اَلگ اَلگ طرزون جو ڙي رڪارڊ ڪرائيندو رهيو آهيان.

تري تڪا تڪو هجي، حقيقت جو حق،
معرفت مَرڪ، اَصل عاشقن ڪي.''

نرمل:- سُر سارنگ ۾ ڪو ڏوهيڙو فرمايو.

مهيش:- اَڄ رسيلا رنگ، بادل برسيا برجن تي،
ساز سارنگيو، سرندا- وڄايال مردنگ،
صراحيون سارنگ - پلٽيون رات پيار مان.

نرمل:- ۽ سنڌي راڻي لاءِ تہ چئي ڪٿي بس ڪجي.

مهيش:- بيشڪ مومل راڻي جي داستان، جنهن کي اَمر ڪيو آهي، ۽ گهوٽ- اُن راڻي راڳ کي راڳ حسيني بہ سڏيو ويندو آهي. اُن جي مثال تنهنجي ئي هڪ ڪافيءَ جو مڪڙو پيش آهي.

رُسڻ گهور راڻا، جدائي تي ماري
سگهو آءُ سَرچي، گهڙي وڃ گذاري.

نرمل:- ڪافي، بيتن، ڏوهيڙن، سورٺن، دوهن ڪانسواءِ ٻيون ڪهڙيون سن شعر جون صنفون آهن جيڪي عام طور سنڌي لوڪ گيتن ۾ ڳايون وينديون آه

مهيش:- وايون، ڪلام، لاڏا، لوليون، الڪ اوراڻا، پنجڙا ۽ ساکيون- سن لوڪ گيتن ۾ شماري سگهجن ٿا. راڳ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا مار ۽ ٻيا ديسي. جن جو سنگيت شاسترن ۾ ذڪر ڪيل آهي اُنهن کي مارگي را چئبو آهي. شاسترن ۾، اُنهن جو باقاعدي وادي، سموادي، آروهہ آورو ڪومل شڌ سُرن بابت سربستو اَحوال ملي ٿو. ديسي راڳ اَسانجي س فقيرن، درويشن ۽ رندن ايجاد ڪيا آهن. بيت ۽ ڏوهيڙا اِنهن ديسي راڳن ئي ڳايا ويندا آهن. منهنجا پتا صاحب، خود اِهي ڏوهيڙا ديسي راڳن ڳائي ٻڌائيندا هئا ۽ اِجهو ائين مان ڪانئن اِهي ڏوهيڙا ڳائڻ سکيس.

نرمل:- اِنهن ديسي راڳن جي ڄاڻ تمام ٿورن کي آهي. اِنجو ڪ ڪارڻ آهي؟

مهيش:- اِن جو مکيہ ڪارڻ اِهو آهي تہ ديسي راڳ درگاهن، درٻارين جاڳرتو ڪري ڳاتا ويندا آهن. جن درگاهن ۾ درويشن جي صحبت ماڻي هون اُنهن کي ئي ديسي راڳن جي چڱي ڄاڻ هوندي.

نرمل:- ۽ ماستر چندر، اُنهن درويشن جي صحبت ۾ رهي، درگاهن تي او ڪڍي، سنڌي راڳن جي خالص نج صورت کي گرهڻ ڪيو.

مهيش:- ۽ هنن وري مونکي اِهي ديسي راڳ سيکاريا.راڳ سورٺ ۾

جا گيت ۽ ڪلام ڳائيندا رهندا آهيو. اِهي ڪلام، گيت ۽ غزل هند توڙي سنڌ ۾، سنڌي ٻڌندا آهن ۽ ور ور انهن جون فرمائشون ڪندا رهندا آهن. ريڊيو ۽ ٽي. وي. ڪانسواءِ توهان ڪهڙين ڪئسيٽ ڪمپنين لاءِ گيت، ڪلام ۽ غزل رڪارڊ ڪرايا آهن؟

مهيش:- IND, MUSIC، TIPS، C.B.S، MUSIC INDIA ، H.M.V ۽ ٻين ڪمپنين جي طرفان نڪتل، سنڌي ڪئسيٽن لاءِ مان ڳائي چڪو آهيان. جن گيتن، غزلن گهڻي ۾ گهڻي مشهوري حاصل ڪئي آهي، اهي آهن پريو وفا جو غزل، ”منهن مومل جو محبو ٻاٽو لڳندو آ“ ليکراج عزيز جو غزل ”دل لڳائڻ جي گهڙي ۽ سوز اُلفت ياد آ“.

نرمل:- ايم. ڪمل جو غزل ”ملڻ ساڻ ئي موڪلائڻ جون ڳالهيون“، ارجن حاسد جو غزل ”حال اوريون اَچي جي رات رهين“.

مهيش:- ۽ واسديو نرمل يعني پاڻ ڪي وساري ڇڏيئه توهان جو غزل ”تنهنجي تصوير ڏسي دل تہ وڃائي وينس“ تہ بيحد لوڪ پريہ بڻيو آهي. مان چاهيان ٿو آڪاشوائي جي ٻڌندڙن لاءِ غزل جو رڪارڊ وڄائڻ بي موقعي نہ ٿيندو.

نرمل:- اُوهانجي فرمائش ضرور پوري ڪبي هينئر جو هينئر هي ٻڌو.

(غزل جي ڪئسيٽ)

مهيش:- اِنهن غزلن کانسواءِ، پرسرام ضيا، ماستر چندر، وفا، گوردن پارتي، ۽ ٻين شاعرن، صوفين ۽ درويشن جا ڪلام بہ ريڊيو ۽ ٽي. وي. تي پيش ڪندو رهندو آهيان.

نرمل:- مان ائين چوڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان تہ سنڌي شاعرن جيڪو سنُو ڳائڻ لائق لکيو آهي، اُنهن جون طرزون ٺاهي، توهان عام سنڌين اڳيان آڻڻ ۾ سٺو يوگدان ڏنو آهي.

مهيش:- پر افسوس آهي جيترا سنا گيت ۽ غزل لکيا وڃن ٿا اُنهن جو گهڻو استعمال نٿو ٿئي ۽ اِها ڪشش اَڃا بہ جاري آهي.

نرمل:- توهان ريڊيو، ٽي. وي. ۽ H.M.V لاءِ ڳاتل، ٻيا ڪهڙا ڪلام آهن، جيڪي ڪافي لوڪ پريہ ٿيا آهن. اُنهن مان ڪن جا بند ڳائي ٻڌائيندا- آڪاشوائي جي ٻڌندڙن لاءِ.

مهيش:- ضرور ضرور، (ڳائي ٿو)

نرمل:- توهانجي اُنهن ڪلامن سان، آڪاشوائي تان اَڄ جو ڪاريہ ڪرم پورو ٿا ڪريون...وري بہ توهان آڪاشوائي جي اسٽوڊيو ۾ آيا ان لاءِ توهانجي مهرباني.

مهيش:- توهانجي بہ مهرباني.

❑❑

نرمل:- آڪاشوائي تان ''سنڌي ڪافي'' جي فيچر ۾ ڪهڙن غير سنڌ
فنڪارن ڪان سنڌي راڳ ڳارايا اٿوء؟

مهيش:- غير سنڌي ڳائڪن منادي، مهيندر ڪپور ڪان سواءِ سنڌي فنڪ
آسڪرڻ شرما، ڪمل جهانگياڻي ۽ ٻين ڪان بہ سنڌي ڪافيون ڳارايون اٿم

نرمل:- وقت بہ وقت جيڪي سنڌي ڪاريہ ڪرم ڏيندا آهن، اُنهن ۾
ڪهڙن غير سنڌي فنڪارن ڪان سنڌي گيت ۽ ڪلام ڳارايا اٿو؟

مهيش:- اُهي غير سنڌي فنڪار آهن:- منادي، اَنوپ جلوٽا، ڪويتا ڪرش
مورتي، آشا ڀونسلي، مهيندر ڪپور، سُدا ملهوترا، سلڪشڻا پنڊت وغيره جيڪ
پنهنجن ڪاريہ ڪرمن ۾ پنهنجن هندي گيتن سان سنڌي ڪافي بہ ديش ودي
۾ ڳائيندا رهندا آهن.

نرمل:- تہ چئبو، سنڌي ڪافين کي غير سنڌين ۾ مشهور ڪرڻ ڪرائڻ ۾ توهانج
وڏو يوگدان آهي.

مهيش:- اِهو توهان جهڙن سنگيت پارکن تي ڇڏيان.

نرمل:- هر ٻوليءَ جي سنگيتڪار جو، اُن ٻوليءَ جي اَدب ۽ شعرو شاعري
سان گهرو واسطو رهي ٿو. سنڌيءَ ۾ بہ ڪيترائي سٺا شاعر ٿي گذريا آهن
هينئر بہ گهڻائي شاعر گيت، غزل پيا لکن اِن ڏس ۾ توهان کي ڇا چوڻو آهي

مهيش:- مونکي ڪيترائي سنڌي شاعر بيحد پسند آهن ۽ سندن ڪيترن ئ
گيتن ۽ غزلن جون طرزون بہ ٺاهيون اٿم. جڏهين بہ موقعو ملندو آهي. اُنهن
استعمال ڪندو آهيان. پاڻ بہ ڳائيندو آهيان تہ ٻين سنڌي فنڪارن ڪان
ڳارائيندو آهيان.

نرمل:- ڀوءِ ماسٽر چندر جون ڳاتل، ڪافيون ۽ ڪلام ئي پبلڪ توهان ڪ
ٻڌڻ چاهيندي آهي. اِنجو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

مهيش:- انجا ٻہ مکيہ ڪارڻ آهن پهريون اهو تہ مان ماسٽر چندر جو فرز
آهيان ۽ سندس اَڌ ڇڪي اٿم، جنهن ڪري ماسٽر چندر جي انداز ۾ اُهي ڪافي
۽ ڪلام ڳائي سگهڻ جي توفيق رکان ٿو ۽ ٻيو ڪارڻ اِهو آهي تہ ماسٽر چن
مخصوص سنڌي سُرن ۾، پنهنجي نجي نرالي انداز ۾ اُنهن ڪافين ۽ ڪلا
کي گويا اَمر ڪري ڇڏيو آهي. اِنڪري ور ور ڪري اِنهن ڪلامن ۽ ڪافين ٻڌائڻ
فرمائش ڏيندي رهي ٿي. ٻر جتي منهنجو لاڳيتو ٻن ٽن ڪلاڪن جو پروگرام هو
آهي، اُتي زنده سنڌي شاعر جا ڪلام ۽ گيت بہ اوترو ئي پيار ۽ چاهہ سان ڳائيندو آهيا

نرمل:- برابر آڪاشوائي طرفان آيوجت CONCERTS ۾ توڙ
آڪاشوائي جي ٻين ڪاريہ ڪرمن لاءِ، توهان نون توڙي پراڻن سنڌي شاع


ڳلوڪار مهيندي حسن جو غزل ٻڌي رهيو هوس تہ اتفاق منهنجي هٿ لڳڻ سان ٽرنزسٽر جي سئي ٿورو اڳيرو هلي ويئي ۽ ساڳئي ئي آواز ۾ سنڌي غزل ٻڌڻ ۾ آيو. منهنجي حيرانيءَ جي حد نہ رهي، ڇو تہ مونکي نئي لڳو تہ مهيندي حسن ڪو سنڌي غزل بہ ڳائيندو آهي. غزل پوري ٿيڻ بعد آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس تان اناؤنسر، ڳائڪ مهيش چندر جو نالو ورتو. ان ڏينهن کان مهيش چندر مونکي موهيو. هڪ دفعي تہ سندس آواز مان مونکي مشهور پلي بئڪ سنگر ڀوپيندر جو لطف پئي آيو. سوچيم تہ ڇا سر سنگم آهي، مهيندي حسن ۽ ڀوپيندر جو! تن ڏينهن ۾ سندس ڳائڪيءَ جو رنگہ روپ بنهہ نرالو هيو ۽ ڀارت جي ڪنهن بہ مقبول ڳلوڪار سان برميچي ٿي سگهيو پر اڄ تہ هو صاحب 3 in one آهي. اڄ سندس آواز ۾ سندس پتا صاحب جو آواز وڌيڪ نمودار آهي، خاص ڪري سنڌي ڳائڪيءَ ۾. اڄ سندس اباڻي ورثي ۾ مليل هزارين سنڌي ڪلام سندس لاءِ بي بها زخيرو آهن، جي وقت بہ وقت پبلڪ اڳيان پيش ڪري جنسي جهومائيندو آهي. خاص طور ”سڄ اُڀر نہ تون، شل رات هجي.“ رتائي رهن پر هجين حياتي“ وغيره.

مهيش چندر کي قدرت سني ڳائڪ سان گڏ سهڻي صورت ۽ سڀاجهي سيرت جو خالق بڻايو آهي. سندس سڀاءُ بيحد سرل، نهٺو ۽ نماڻو آهي موسيقيءَ جي بلندين کي ڇهندڙ ڪلاڪار ۾ ڪوبہ اهم، آپو يا آڪڙ ڪانہ آهي.

مهيش چندر کي سندس پتا ماسٽر چندر سنگيت جي خزاني مان جهول ڀري ڏنا. ڪيس ٨ - ٩ ورهين جي عمر ۾ ئي پاڻ سان گڏ اسٽيج تي آڻي، عوام سان روشناس ڪرائيندو هيو. ڪلاسيڪل چيزون ۽ سنڌي ڪافي ”ڪير ڪري پرچاءُ اسانجو“ خاص طور ڳارائيندو هيو. سو بہ اسٽيج تي انگہ بيهاري. جيئن هن ننڍڙي ڳائڪ کي پبلڪ آخر تائين ڏسي ۽ ٻڌي سگهي.

ڀارت جي ورهاڱي بعد مهيش چندر ڪيترن ئي غير سنڌي اُستادن جي صحبت ۾ آيو. جهڙوڪ : (سرڳواسي) پنڊت لڪشمڻ پرساد جئپوروالا ويد پرڪاش ۽ مدن پرڪاش (ميوزڪ ڊائريڪٽر سرڳواسي ڪيمچند پرڪاش جا ويجها عزيز) وغيره. H.M.V. وارن هن کي فلمن ۾ ڳائڻ لاءِ خاص دعوت ڏني ۽ سنگيت جي ڪوئل لتا منگيشڪر هن کي پنهنجي مرهٽي فلم ”ساڌي مانسي“ ۾ ڀهريون ڳائڻ جو چانس ڏنو تہ هندي گيت ڳائڻ لاءِ ڪيدار شرما هن کي سڏايو. ازانسواءِ ٻين ڪيترين ئي فلمن ۾ مهيش چندر پلي بئڪ ۾ ڳاتو آهي. جهڙوڪ : ”مئخانہ“، ”پٿرون ڪا شهر“ وغيره، جي سڀ ڳانا هٽ ويا آهن.

مهيش چندر جي مٺڙي آواز ڪيترن ئي پرڏيهي سنڌين ۾ سڪ جو سلو اُپاريو



8


موسيقيءَ جو ماهتاب
مهيش چندر

- ڊاڪٽر لکميچند ”پريم“

موسيقي، ڪائنات کان مليل هڪ اهو لافاني حسين تر تحفو آهي، جنهن ک
اثر انداز ٿي سج، چنڊ، تارا، بادل ۽ زمين جو محور صدين کان بلڪ آغاز ک
سر تال ۾ هلي رهيو آهي. سج، چنڊ ۽ تارن جو خاموش سنگيت وٽن ٽٽن، ندي
نالن ۽ پهاڙن سان ٽڪرجندڙ هوائن جو سنگيت تہ خاموش نہ بلڪ جاندار سنگي
ئي آهي. انهن کي ٻڌڻ ۽ ماڻڻ لاءِ قدرتي سنگيت ٻڌڻ جي مشتق جي سرن ت
لرزندڙ دل جو هجڻ ازحد ضروري آهي. رواجي ۽ رس هيڻ ڪن تہ شاستر
سنگيت جو آلاپ، دگن، ترگن، ترانو ۽ طبلي تي نين تال، يڪو دادرو ۽ جهپ ت
ٻڌڻ سان ئي ٻوسٽ محسوس ڪندا آهن. باقي سنگيت اها دوا آهي، جنم گهڻ
آهي، جادو آهي، جو لاعلاج مريضن جو علاج بڻجي ڪين گلاب جي گل وان
ترو تازه ۽ نوبنو ڪري ٿو. خونين، ڌاڙيلن ۽ وحشين کان سندن وحشانيت ڇڏائي
هٿيار ڦٽا ڪرائي ٿو. وڏي ڳالھ تہ سنگيت وشو ڌرمي معجزه آهي، جو د
جي هر ڌرم، هر مذهب، هر فرقي هر پرانتواسيءَ هر ديشواسيءَ کي پيا
مڌرتا جي ريشمي، ملايم ڏوريءَ ۾ ٻڌي، دماغ کي صاف سٿرو ڪري، وجد
آڻي ٿو. سماڌيءَ وارا سٽر ڪرائي ٿو. ڪل دنيا جي حسرتن، آهن، دانهن
فتنن، فتورن کان نجات ڏياري ٿو، جو سنگيت جو ڪوبہ دين ڌرم نہ آه
موسيقي لامذهب آهي.

موسيقيءَ جي آفتاب ماسٽر چندر رکي ڪير نہ سڃاڻي! سنڌ هند ۽ دنيا ج
ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ هر سنڌيءَ جي اکين ۾ ماسٽر چندر جو عڪس تہ ضرور تر
هوندو، نہ تہ بہ سندن ڪنن ۾ سندس مڌر، منڙو ۽ گهنڊيدار آواز ضرور گونج
هوندو. اڄ بہ گهڻو ڪري هر محفل ۾ ماسٽر چندر جا گيت ڳايا وڃن ٿا، يا سند
سرن جو نقل ڪري، سندس ئي انداز ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا.

ڳچ وقت ٿيو تہ ريڊيو پاڪستان جي حيدرآباد (سنڌ) اسٽيشن تان مق



9

مهيش چندر
سنڌي سنگيت جو هڪ دلفريب سُرُ

- موتي پرڪاش

مان مهيش چندر، کي تڏهن کان سُڃاڻان جڏهن هُو اچا اِسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ مَچِنِ جي ريه بہ ڪانہ آئي هئس. اڪثر هُو پنهنجي پتا ماسٽر چندر جا ڳايل يا جوڙيل گيت هِتي هُتي ڳائيندو هو. سال ١٩٥٤ع ۾ ڪي. جي. ڪلناڻي اِسڪول جي هڪ جلسي ۾ هُنَ پنهنجي هڪ دوست سان پردي جي اڳيان ويهي ڳايو هو: ''اُسي رنگ ۾ رهنا ري بندي، جِس رنگ ۾ پرميشور راکي''. هٿ ۾ سندس تنبورو ۽ بدن تي گيڙوتو لنبو چولو. تڏهن مون کي اِها ڄاڻ ڪانہ هئي تہ هُو ڪڏهن سنگيت جي دنيا ۾ هڪ مشهور گلوڪار ٿي چمڪندو ۽ سڀنيءَ جي اَدِ چڪي دل سان اهڙو ڳائيندو، جو ماڻهو جهومڻ لڳندا.

مهيش چندر پنهنجي اوائلي سکيا پنهنجي پيءُ جي پيرن ۾ ويهي وَرتي. آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي پروگرام جي رڪارڊنگ تي ماسٽر چندر پنهنجين ٻن ڌيئرن ۽ ٻن پٽن- گوپ ۽ مهيش سان ايندو هو. ماسٽر صاحب تہ سنڌي سنگيت جي دنيا جو وڏو نالو آهي. رڪارڊنگ ڪندي آنءُ دوريءَ تان ڏسندو هوس تہ ماسٽر جي ساڄي پاسي مهيش وينل هوندو هو. سندس اکيون شروعا وڃان هميشه پنهنجي پيءُ ۾ کُتل هونديون هيون، جنهن جو سونهري دؤر هن ڏٺو تہ ڪونہ، پر اُن جون ڳالهيون هُن ٻين کان ٻڌيون. ماسٽر بہ نهايت پيار وچان ڪيس تڪيندو هو. هڪ راڳ جي رڪارڊ ٿيڻ بعد، ماسٽر جو گلو خشڪ ٿي ويندو هو ۽ مهيش کير سان ڀريل ٿرماس مان کير ڪڍي پيءُ جي هٿ ۾ ڏيندو هو ۽ رڪارڊنگ وري شروع ٿيندي هئي.

سنڌي رِدِم ۾ ماسٽر جو مقابلو ڪو سنڌي سنگيتڪار ڪين ڪري سگهيو. هُنَ وڏي شُهرت ماڻي ۽ وڏو مرتبو حاصل ڪيو. مهيش پيءُ کان محنت ۽ رياض جا گُڻ پرايا. هُنَ اُستاد سنگيتڪارن کان سکيا نہ ورتي پر شخصي

آهي، جنهنڪري ڪيترائي دفعا موسيقيءَ جي مستي ڦهلائڻ لاءِ ائميري
ايسٽرن ڪئناڊا، نيويارڪ ٽورينٽو، مونٽريئل ۽ اوٽاوا وغيره گهرايو ويو آهي. ج
هن جون ”شاهه-غزل“ عنوان سان محفلون منعقد ڪيون ويون آهن. جتي
مشهور اُردو شاعرن جگر مراد آبادي. فراق گورکپوري، فيض احمدفيض وغيره
غزل ڳائي اسٽيج ۽ خانگي محفلن ۾ نہ فقط موج مچائي آهي، بلڪ پنهنجي
نرالي ڇاپ ڇڏي آهي. مهيش پنهنجي نارٿ ائميريڪن ڪلچرل ٽوئر ۾
آهي. جتي .C.B.S رڪارڊنگ ڪمپني ۽ اورينٽيل ڪمپني سندس غزلن جا .P
رڪارڊ ۽ ڪئسيٽون پريون آهن. جئن تہ مهيش چندر جو آواز صاف ۽ چٽو ٿيند
وڃي تہ اهو وقت پري ڪونہ آهي جو پنهنجي پتا جي سترنگي سرن جون سڪ
لاهي، سنڌي سنگيت جون پرجندڙ خال ضرور پريندو، اهڙيون هن ”موسيق
جي ماهتاب“ مان سنڌي جاتيءَ کي اُميدون آهن. ❑



جاتيءَ جو چمڪندڙ ستارو
مهيش چندر

- ناري گرسهاڻي

مان ڀاءُ مهيش چندر سپاتر ماسٽر چندر صاحب
کي ننڍي هوندي کان سڃاڻان جو سندس پتا صاحب
سان منهنجو بلڪل نزديڪ ۽ قربن پريو رشتو هئو ۽ مهيش
چندر هڪ سنگيت جي دنيا جو چمڪندڙ ستارو آهي
جنهن جو سنگيت راڳ ۽ غزل جو قدر ڀارت جي پرڌان منتري شري اٽل بها
دهليءَ ۾ ڪيو، جڏهن سندس گيتن جو آلبم پرڌان منتريءَ ظاهر ڪيو. منهن
خيال ۾ مهيش چندر پتا صاحب جي نقش قدمن تي هلي پتا صاحب جي سنگ
گهرائي کي هڪ خاص اوچائيءَ تي پهچايو آهي. جنهن لاءِ هي سنڌي سپ
فنڪار ۽ سنگيتڪار سنڌي جاتي، ڀارت جو ناز ۽ فخر آهي. منهنجون ۽ جات
جون مهيش چندر ۾ تمام گهڻيون اُميدون آهن تہ هڪ ڏينهن ڀارت کيس ”قو
اوارڊ“ هڪ بهترين سنگيتڪار هجڻ جي ناتي ڏيندو ۽ وديش ۾ اَسانجا سن
(N.R.I.S) سندس خوب ۽ جهجها پروگرام رکندا. جيئن سندس سنگيت ڪلا
لطف وديش ۾ ڀائر ۽ ڀينرون وٺي سگهن. منهنجون شڀ اِڇائون ساڻس آهن ۽ پريوءَ
آشيرواد مٺس هميشهہ هن سرسوتيءَ جي اُپاسڪ تي رهندي. ❑



(10)

جو وهي سو لهي

- وينا شرنگي

”ذات نہ آهي ذات تي
جو وهي سو لهي“ ’شاهہ‘

شاهہ سائينءَ ٺيڪ ٺي فرمايو آهي. ذات جي نڪار لاءِ ساڌنا ڪپي، لگن ۽ محنت جي ضرورت آهي. جستجو ڪپي. تڏهن ئي ڪوئي فنڪار پنهنجي فن جي بلندين کي ڇهي ٿو. منزل طرف وک اڳتي وڌائي ٿو. سنگيت جي کيتر ۾ ماسٽر چندر جهڙو فنڪار وري نہ پيدا ٿي سگهندو. پر سندن فن جو ڪجهہ حصو ورثي طور سندس فرزند مهيش چندر جي حصي ۾ آيو آهي. سندس پٽ مهيش چندر، گوپ چندر ۽ ان جو نياڻو سنگيت جي سرن کي پنهنجي انداز سان رنگت بخشيندا پيا اچن. ماسٽر چندر جي ڪٽنب سان منهنجو نينهہ جو ناتو چندر جي حياتيءَ دوران ٿيو. چندر جو آواز ڪنن ۾ ٻرندو رهندو آهي. ”اهي دل لڳيءَ جون ڳالهيون دل ۾ هزار آهن کهڙيون پلا ٻڌايان هِت بي شمار آهن.“ چندر جا گيت بي شمار آهن. ڪهڙن ڪهڙن جو ذڪر ڪريان تنهنجي شهر ۾ آيس..... قسمت ڪئي جدائي..... ڪونجون ڏيوم خير.... ڳلي ڳلي ٿو..... ڪبوتر ڪبوتر..... مالڪ تون درد..... ريڊيو تي جڏهن بہ مڌر آواز جي گونج ٻڌان تہ پاڻ سنگيت جي سرن ۾ ڪوهجي وڃان. مون پڪو ارادو ڪيو تہ ماسٽر چندر جي چاڻنڻ تي وڃي اهڙي عظيم فنڪار کي سجدو ڪري ايندس. ڪجهہ يادگار گهڙيون ماسٽرچندر سان ٿيون. سندن گهروارن مهيش چندر ۽ اُن جي ٻارن سان ۽ آمريڪا ١٩٩٠ع ۾ گوپ چندر سان بہ ملاقات ٿي.

دهلي ريڊيو طرفان ماسٽر چندر کي Music Concert لاءِ نينڊ ڏني وئي. ماسٽر چندر وٽان جواب آيو تہ منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ آهي مهيش چندر Concert ۾ شامل ٿي سگهي ٿو.. منهنجو من اُداس ٿي ويو. خبر نہ آهي ڪيئن ڳائيندو؟ ڪئي سوال من ۾ اُڀريا. جنهن ڳالهہ جو مون اظهار بہ

رياض ۽ محنت ڪيس ڏاڍا ڪم آيا.

اِئين تہ سنڌي ڳائيندڙن جو وڏو لڏو آهي. ڪن تہ لاڏن، ساڪين، ڏوهيڙ
بيتن ڳائڻ کي پنهنجي آدرپورنا جو ذريعو بہ بڻايو آهي، جنهن ۾ اربع خ
ڪانهي. شادين مرادين، خانگي ميڙن ۽ مجلسن ۾ اهڙا ڳائيندڙ ٻڌندڙن
تاڙيون ٻڌي وڏيءَ سوڀ ۽ ڪاميابيءَ تي خوش ٿيندا آهن پر سنڌي سنگي
ڪائنن ڪوهين دور هوندو آهي. مهيش اُنهن مان نہ آهي. ڪڏهن ڪنهن مح
۾ روح سان نہ ڳايائين تہ سمجهندو تہ وڏو گناهہ ڪيائين. پيو سُتندو شِ
ٿيندو. ڳائڻ وقت اڪثر سندس نظرون ميڙ ۾ وينل سنگيت جي پارکن
هونديون آهن. ڳائيندي، هارمونيم تي آڱريون نچائيندي، هوُ اهڙن ج
رڪندڙن جي چهرن تي بدلجندڙ ريڪائون ۽ پاوَ پيو جاچيندو ۽ پڙهندو آهي

سنڌي سنگيت جي دنيا ۾ مون کي فقط چار نالا سُجهن. پنڊت آسڪ
شرما، مهيش چندر، گهنشام واسواڻي ۽ چندرو آتما، جيڪي ڏُتڙيل سنڌ
سنگيت سان وڏو وڙ ڪري سگهن ٿا ۽ اُن کي نئون، جديد لهجو، انداز، ل
جو جادو بخشي سگهن ٿا.

مون کي اُميد آهي تہ پنهنجي جيئري سنڌي سنگيت جو اُهو سونهر
زمانو اڪئين ڏسندس، جيڪو ڀڳت ڪنور، ماسٽر چندر ۽ جيوٽي ٻائيءَ جو

''اي زمانا- تون ڪڏهن موٽِ، تہ ڪي پَلَ گَڏجي،
روُح رچنديون بہ ڪريون، پيا بہ جيِئاريوُن ۽ جيئوُن.''

मैं उन दिनों कालेज दिन में जाता था और रात को पाकिस्तान रेडियो
मेहँदी हसन साहब की ग़ज़ले सुनता था और अचानक एक नग़मा
काशवाणी से सुना "इक शबके मुसाफ़िर" और बेचैन हो उठा जानने के
ए कि ये फ़नकार कौन हैं? तब से मन में उत्सुकता थी महेशचन्द्र जी से
लने की ।

आज मुझे फ़क्र है मैं व्यक्तिगत रूप से महेश जी को जानता हूँ ।
ानदानी फ़नकार हैं ये इनकी गायकी से झलकता है ।

इनकी शक्सियत तमाम गुणों से भरी हुई है । भगवान से प्रार्थना है
हें ख़ूब नवाज़े ।

अनूप जलोटा

ڪلچرل پروگرام ڏنا آهن پر ايڏي وڏي تعداد ۾ علمي ادبي ۽ ڪلچرل پريمين جو ميڙاڪو ۽ ماحول نہ ڏٺو آهي.

اهڙي شاندار ماحول ۾ جڏهن منچ تي وزير اعظم، علي سردار جعفري، داتار پريوار .H.M.V ڳائيندڙ فنڪارا پدمجا سان گڏ ڳائيندڙ فنڪار ۽ ڪمپوزر مهيش چندر منچ تي ويٺو تہ من ۾ خوشيءَ جي لهر ۽ ترنگ اکين ۾ چمڪ ۽ فخر وچان ڳاٽ اوچو ٿي ويو. دل ۾ چيم خوش رهہ سنڌي. قومي سطح تي اُن ڏهاڙي جيڪو مان مهيش چندر کي ڏنو ويو مان پانيان ٿي ٻئي ڪنهن فنڪار کي نصيب نہ ٿيو هجي. ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جا بہ اهڙا ئي جذبا ۽ ڪنهن سنڌي فنڪار جي مان تي فخر وچان ڳاٽ اوچي جي خوشي محسوس ڪئي. تاڙين جي گونج ۾ جڏهن وزير اعظم شري اٽل بهاري واجپائي مهيش کي سنمانت ڪيو لبن تي واه! واه!! هئي. پنهنجي فن جي بل بوتي تي مهيش هيءَ مان ماڻيو آهي. انهن رچنائن جي آڌارت ڪلاڪار طرفان نرتيہ ۽ جيا پردا طرفان Video Audio ۽ Visual جي سنگم سان فلمايل خوبصورت فلم ۽ پدمجا جي آواز رچنائن کي دل جي گهرائين تائين پهچايو. ان سنگيت جي سرن لئہ تال لاءِ ڳائيندڙ فنڪار ۽ مهيش چندر مبارڪ جو مستحق آهي. اهڙيون خوبصورت Composition ٻڌي خود وزير اعظم چيو تہ مون ڪڏهن بہ تصور ڪونہ ڪيو هو تہ منهنجون ڪوتائون هن طرح گيتن جي روپ ۾ بہ ڳايون ويندئيون ۽ ايڏي وڏي تعداد ۾ حاضرين موجود هوندا. HMV طرفان هر شرڪت ڪندڙ لاءِ Casset جو خوبصورت تحفو هو. آزاديءَ جي ۵۰ سالگره واري عرصي دوران مهيش چندر بہ پنهنجي فن جو قومي سطح تي ڏاڪو ڄمايائين.

ائين تہ مهيش چندر جي موڊ هجڻ ۽ نہ هجڻ واري ڳالهہ تي مان ناراض ٿيندي آهيان، پر اُن ڏهاڙي مونکي احساس ٿيو تہ اها موڊ ئي آهي جنهن مهيش کي اهڙي خوبصورت سنگيت تيار ڪرڻ لاءِ پريرڻا ڏني. مونکي ۱۹۸۵ جي اَها خوبصورت شام ياد آئي جڏهن مارئي طرفان Chander Memorial Concert Master منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ قومي اڳوان ۽ موجوده گهرو کاتي جي وزير Shri L. K. Adwani پنهنجي گهرواريءَ سان شرڪت ڪئي ۽ مهيش چندر جي آواز ۾ ماسٽر چندر جا خوبصورت نغما ٻڌندا رهيا ۽ آخر ۾ مهيش کي داد ڏنائون. ڊسمبر جي مهني ۾ سنگيت سمراٽ ماسٽر چندر جي سالگره اچڻ واري آهي. مهيش چندر پنهنجي فن جو هيءَ نادر تحفو سنگيت پريمين کي ڏيئي ماسٽر چندر جي روح کي راحت ڏيئي دعا ڪنئي آهي. هن فنڪار لاءِ اِها ئي نيڪ تمنا ڪندس تہ ترقيءَ جون منزلون ماڻين ۽ ڪئي مان سنمان ڪٽي. آمين! ❑❑

ڪيو. مهيش دهلي جي Concert ۾ نيند ڏنل حاضرين اڳيان جيئن ئي، شعر
آغاز ڪيو حاضرين جي تاڙين جي گونج ۽ واه! واه!! ٿي ويئي ”ڏس عشق جي
خاموش ٿي رهائي.... توکي يار چوان يا خار چوان....“ هڪ ٻئي پٺيان خوبصو
غزلن ۽ نغمن جو سلسلو جاري رهيو. هنجي فن جي سنگيت تي پريمين جي
لئه ۽ تال ۾ کوهجي ويئي. لبن تي واه! واه!! هئي ۽ هٿ ازخود تاڙين سان
ڏيڻ ۾ مصروف. سنگيت محفل ختم ٿيڻ کان پوءِ مون مهيش کي چيو : ما
چندر جي بدران اوهان جي Concert ۾ شامل ٿيڻ تي منهنجي دل اُداس
ويئي هئي. مهيش چيو : مون اوهان کي نا اُميد ڪيو. مون وراڻيو نه بلڪل نه

مهيش چندر فلمي ۽ غيرفلمي غزلون چڱي تعداد ۾ رڪارڊ ڪرايون آ
جيڪي مقبول به ٿيون آهن ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ به ڪيتريون غزلون هند ۽
جي ٻڌندڙن سان گڏ منهنجي پسند ۾ شامل آهن جهڙوڪ گهٽو ئي پنهن
دل..... ڪنهن جو جدا حبيب..... سڄ اُبر نه تون شل رات هجي..... يا شمع وا
کو ٻري مهيش جون پنهنجون ڪمپوز ڪيل غزلون سني سنگيت ۽ بندش
لاجواب نمونو آهن. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ هيءَ فنڪار سنگيت محف
پيش ڪري موسيقيءَ جي چاهڪن جون دليون جيتي چڪو آهي.

١٨ سيپٽمبر ١٩٩٨ جي تاريخ ڀارتي سنگيت جي دنيا ۾ سونهري اکرن
لکي ويندي جو، ان ڏينهن تي هند جي وزير اعظم اٽل بهاري واجپائي
نظمن کي سنگيت جي سرن ۾ ٻڌي ڪري ممبئي جي فنڪار پدمجا پيش ڪ
جنهن مان ٦ رچنائن کي سنگيت لباس پهرايو ڳائيندڙ فنڪار ۽ ڪمپوزر مه
چندر. ١٨ سيپٽمبر وارو ڏهاڙو ڪيترن لحاظن کان اهم رهيو. هندستان جي
اعظم اٽل بهاري واجپائي نه صرف وزير اعظم طور پر هڪ شاعر طور ان پروگ
۾ شرڪت ڪئي. ان پروگرام جي صدارت مشهور شاعر جناب علي سردار جع
جهڙي ڪئي. .H.M.V وارن اها رليز ڪرائي جن سان گڏ داتار پريوار وا
هئا. ان ۾ ”هم جنگ نه هوني دينگي“.... نظم جي گونج رهي. دهليءَ
FIICI آڊيٽوريم اڳيان ڪارين جون وڏيون قطارون هيون. رنگ برنگي لبا
سنگيت پريمي وڏي تعداد ۾ قومي اڳوانن ۽ فلمي شخصيتن جي موجود
BJP جو President ، ٺاڪري صاحب، وڏو وزير صاحب سنگهه ورما، ccr
چيئرمن ۽ اڳوڻو I & B جو وزير جناب ستيه، مشهور فلمي هيرو شترگهن س
مشهور فلمي هيروئن ۽ نرتيه نگنا جيا پردا، شري دگ وجيه گوئل ۽ پيا ڪ
اهڙا چهرا نظر آيا. وڏو Press جو اٽالو. مون ڪيتريون ئي ڪانفرنس

جو ٽائيٽل راڳ ڳائڻ لاءِ چونڊيو. مشهور سنگيتڪار اُشا کنا به پنهنجي 'پٿرون ڪا شهر' ۾ ٽائيٽل گيت ڳائڻ ڏنو ۽ فلمي دنيا ۾ مهيش چندر جلد ئي مشهور ٿي ويو.

اها وقت جي رواني هئي جڏهن صرف غزلن کي ٻڌو ويندو هو ۽ غزل ڳائڪن ۾ مهيش چندر کي پهرئين نمبر ۾ شمار ڪيو ويو هو. سنڌي جي مشهور شاعر نارائڻ شيام، ارجن حاسد، پريو وفا، ڪرشن راهي، واسديو نرمل جي ئي سنڌي غزلن کي هو وقت .به وقت سنڌو ٻون ۾ ڳائيندو رهيو آهي.

هاڻ به هو ڪيترن ئي سنڌي آڊيو ڪئسيٽس ۾ سنگيت ڏيڻ سان گڏوگڏ ڳائي به رهيو آهي.

شري اٽل بهاري واجپائي جي نڪتل نظمن جي تازو ڪئسيٽ نڪتي آهي، جنهن ۾ ڳاتو پل شريمتي پدمجا آهي پر سنگيت اسان جي مهيش چندر جو ڪمپوز ڪيل آهي. 'مهيش چندر ڳائي ماسٽر چندر جا ڪلام' ۽ ڪيترين ئي ٻيون ڪئسيٽ به مارڪيٽ ۾ موجود آهن.

١٩٩٩ سال ۾ چيٽي چنڊ جي موقعي تي هانگ ڪانگ مان نينڊ آئي ته اهڙا به ڪلاڪار هتان وٺي اچو، جيڪي اتي هلي سنڌي محفل ۾ پروگرام ڏين. اسان پهرين پهرين مهيش چندر جي ئي چونڊ ڪئي ۽ کيس گڏ وٺي وياسين. هن خوب ماسٽر چندر جا ڳاتل گيت ۽ سنڌي راڳن جو درشڪن کي لطف وٺايو.

(١) رُنا ئي رهن پر هجين حياتي. (٢) تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان. (٣) مولي مستن جا ڪم پاڻ ڪري ۽ ٻيا به ڪيترا ڪلام ڳائي محفل ڄمائي.

سائين اجا به کيس سنڌي جاتيءَ جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ سٺي صحت ڏي ۽ سنڌيءَ سان ئي جڙيو رهي. اها اسان جي کيس دعا آهي.

❑❑

श्री महेशचंद्र जी की आवाज़ कुछ साल पहले एक गाना था "ये पत्थरों का शहर है" मैं न जाने कितनी ही बार रोज़ सुनता था, पर प्यास बुझती ही नहीं थी। इनकी आवाज़ अगर मेरे दिल को छू: गयी तो इस दुनियाँ के तमाम सुनने वालों के दिल को यकीनन छू:ती होगी। यह मैं दावे के साथ कहता हुं। भगवान इनको लंबी उम्र दे। और हम सुनने वालों को, इनकी आवाज़ हमेशा सुनाई दे ये ही ईश्वर से प्रार्थना करता.हुँ।

\- **राम लक्ष्मण**



(11)

مهيش چندر - مخملي آواز جو مالڪ

- ناڪر ۽ پارو چاولا

سنڌي سنگيت، سيني جي گهرن ۾ نمو ملي. ڪي ڀاڳ ڀٽيا آهن جن
گهر ۾ سنگيت جون ڌارائون وهيون هونديون ۽ گهر جي هرهڪ ڀاتيءَ ڪي
مان ايترو ئي رس ايندو هوندو، ائين ٻه ڪونهي.

انهن آگرين تي ڳڻڻ جيترن گهرن مان هڪ گهر سنگيت آچاريه ما
چندر جو آهي ۽ اسان سنڌين لاءِ اها فخر جي ڳالهه آهي جو اسان وٽ ا
گڏي فنڪار موجود آهن.

مهيش چندر پنهنجي پتا جي سنگت ۾ پاڻ مٿان سنگيت جو رنگ چڙ
ڏنو ۽ ٨ سالن جي عمر ۾ هن سنڌي ڪافي پنهنجي پتا صاحب کان سکي

گهر ۾ ساز ته موجود هوندا هئا ۽ گڏوگڏ ساز هلائڻ وارا ۽ ڪلاسي
سنگيت جا اُستاد، ايندا رهندا هئا. انهن جي پلٽن ڪي ٻه مهيش ٻڌو، م
جي مضبوط آواز ڪي ٻه هن ٻڌو. بس هن فيصلو ڪري ڇڏيو ته هو پنهن
پتا صاحب جي نقش قدمن تي هلي، سنگيت جو ڄاڻو بڻجندو.

جڏهن هو ١٩ سالن جو ٿيو ۽ .H.M.V ڪمپنيءَ لاءِ اردو غزلن جو،
فلمي رڪارڊ پريو، واهه واهه ٿي ويئي پر سندس پتا صاحب سنگيت آچ
ماسٽر چندر کيس چيو ”جيستائين تون پنهنجي مادري ڀاشا يعني سنڌي
سنڌين جي اڳيان نه ڳائيندين، اوستائين توکي ڪوبه نه سڃاڻندو!“

مهيش چندر کي اها ڳالهه بلڪل تير جيان چڀي ويئي ۽ هن سنڌي گيتن - ڪ
کي ڳائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ روزانو رياض ڪندي سندس پهريون هز ماسٽر وا
جي ڪمپنيءَ ڇهن راڳن جو رڪارڊ ڪڍيو. ’سچ اُير نه تون‘ ان کان پوءِ ته س
محفلن ۾ سندس ڳائڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. ننڍيون راڳ جون محفلون ٿين، پوءِ
اهي ممبئي، دهليءَ ۾ هجن يا وديش ۾ هن کي ڪوٺ ٿيندي رهي.


راڳ جي راڻي لتا منگيشڪر جي سفارش سان هن جي غزل ر
’سلسلا زلف ڪا جب مکه پي بکڙ جاتا هئہ‘ ڪڍيو ويو، جيڪو خوب سا
ويو. مشهور ڊائريڪٽر ڪيدار شرما ٻه مهيش چندر کي پنهنجي فلم ’مئ

سنڌي ۾ گيت ڳائي ٻڌايا. چندر صاحب هڪ درويش جيان گيت ٻڌڻ وقت اکيون بند ڪري آنند جي ساگر ۾ ٽٻيون هڻندي ڀڳونتي جي گيت ۽ آواز کي ماڻيندو رهيو. گيت بعد چڻ سماڌيءَ مان واپس سنسار ۾ موٽندي ڀڳونتيءَ کي مڌر مرڪ سان گيت پورو ڪندو ڏٺو ته سندن اکين ۾ مون اڌ بت روشني ۽ ڪشش ڏٺي. ماسٽر صاحب بنا ڪنجوسائي، پاسخاطريءَ ۽ وڏماڻهپي جي ڪليل دل سان ڀڳونتيءَ جي آواز، پيشڪش ۽ مرڪ جي ساراهه ڪندي اڳڪٿي ڪئي ته هيءَ نينگر پنهنجو، سنڌي سنگيت ۽ سنڌين جو نالو خوب ڪڍندي.

”منهنجي مالهي، هن کي هڪ صلاح آهي ته سنگيت ۾ ڪلاسيڪل سنگيت جي سکيا وٺي.“ اُن بعد وڏي آواز ماسٽر چندر سڏ ڏنو. ”مهيش“ ته هڪ ڳڀرو نوجوان. جنهن تازو ئي ٻالڪپڻي کي الوداع ڪري جوانيءَ ۾ قدم رکيو هجي، گهاٽن گهنڊيدار وارن سان، جن سندس پيشانيءَ تي رقص پئي ڪيو. ڀڳونتيءَ جهڙيءَ ڏيان ڇڪائيندڙ مڌر مُرڪ سان داخل ٿيو ۽ ”جي“ چئي هٿ ٻڌي هڪ نيازمند، چئيوان، سپاتر ٻار جيان ادب سان اچي بيٺو. ماستر صاحب مهيش چندر جي اسان سان ۽ اسان جي مهيش سان واقفيت ڪرائڻ بعد، مهيش کي مالهيءَ کي ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ چيو. مهيش اُردو ۾ ”جي مان پلڇان نٺو ته“ مهندي حسن جي غزل ٻڌائي ۽ ماحول تي پنهنجي مخملي آواز، تازگي، ڪشش، مرڪ ۽ اُردو زبان تي پنهنجائپ، ضابطو ۽ سنگيت جي ڄاڻ سان سيني کي منترمگڌ بڻائي ڇڏيو ۽ اُن وقت مون جُهڪيل اکين سان ماسٽر چندر نه پر هڪ پتا جي اکين ۾ پنهنجي وارث، گڻوان، پُٽ جي سنگيت وردان لاءِ جا چمڪ نيڻن ۾ ۽ روشني چهري تي ڏٺي اُن کي رڳو محسوس ڪري ٿو سگهجي اکرن ۾ بيان نه. اُن ئي دؤر ۾ اُن وقت جي وڏي ۾ وڏي نامور ڪامياب فلم هدايتڪار ڪيدار شرما پنهنجي هندي فلم ”شوخيان“ ۾ نوجوان مهيش چندر کان گيت رڪارڊ ڪرائي. مهيش چندر کي فخر سان فلمي دنيا ۾ پيش ڪيو. واه چا ته گيت جا ٻول. سنگيت ۽ پيشڪش آهي ”ايڪ سپ ڪي مسافر هئن.“

اوهان به مهيش چندر کي مون جيان جدا جدا سنگيت محفلن ۾ ڏٺو ٻڌو هوندو. مونکي مهيش سڀ کان جدا سڀ کان الڳ ۽ هر پروگرام کان پوءِ ٻئي پروگرام ۾ بهتر اڃا بهتر بطور ڳائڪ، سنگيتڪار ۽ وڏي ڳالهه بطور اِنسان (بهتر اِنسان) سندس پتا جيان نهٺو، نماڻو، پرڪشش، يارن جو يار، دلدار آهي مهيش چندر.

مهيش اُنهن اِتهاسي فنڪارن مان آهي، جن جي جيون جو مقصد ئي



12

ڪاش! مان
مهيش چندر هجان ها!

- مدن جماڻي

سدا حيات شاعر نارائڻ شيام جا ٻول آهن.

”آءُ هڪ آواز، فضا ۾ گم ٿي ويندو سان ۽
مون کي ڏسڻ لاءِ پوءِ گگن ۾ واجهه وڌا وجهجانءِ.“

اُن پرسڌ چوڻيءَ جيان تہ ”سُر مو تہ هرڪو پائي پر اڪہ اڪہ جو ڦير آهي.
جيڪر ائين چوان تہ ”گيت تہ هرڪو ڳائي پر آواز آواز جو ڦير آهي.“

نندپڻ کان مون کي سنگيت سان، سُرن سان، تال سان، آتمڪ سڪ ۽
آهي. پر حقيقت اِها آهي جو مونکي خود پنهنجو آواز نہ وڻندو آهي. ور
لکہ ٿورا آهن جو مالڪ مهربان بڻجي ڪلا، ڪلاڪارن ۽ ڪلا جي ساگر ۾ اون
ٻيون هٿڻ ۽ ڪلا جي ساگر مان ماڻڪ موتي ڏسڻ ۽ پرکڻ لائق بڻايو آ
مونکي ديدي لتا منگيشڪر، بڙي غلام علي خان، مُڪيش، منا ڏي، تلت مح
محمد رفي صاحب، ڪشور ڪمار ۽ انيڪ اُهي شخصيتون جن جي نا
سندن مائٽن سان نامرڪڻ (نالي جي چونڊڻ) وقت ئي موسيقي، ميوزڪ
”م“ نالي ۾ سوغات ڏني آهي ۽ جن مائٽن جي ڏنل اُن ”م“ موسيقي
نہ رڳو نڀايو آهي پر پنهنجي آواز، ساڌنا، يوگدان سان موسيقيءَ جي
جمنا، سرسوتي ۽ سنڌوءَ کي امرت بڻايو آهي، پوڄنيہ بڻايو آهي. اُنهن
زندگيءَ جا ڪجهہ پل يادگار ڏينهن گذارڻ جو شرف ڏنو آهي سرجڻهار. اُن
شمار آهي سنڌي قوم کي ماسٽر چندر جي ڏنل انمول سوغات ’مهيش چند

چڱيءَ طرح ياد اٿم. سدا حيات گوبند مالهيءَ سان اُڻويهہ سو پنجاه
آخر ۾ مالهي (آخر) سنڌي ناٽڪ جي ريهرسل ڪانپوءِ ڀڳونتي ناواڻيءَ
ايشو. (ڀڳونتي ناواڻيءَ جو وڏو ڀاءُ) ۽ مان شواجي پارڪ سُر سمراٽ
چندر جي گهر وياسين. مالهي صاحب ۽ دادا ماسٽر چندر ڳوٺائي هئا. سو
سنڌ جي ٺاروشاهہ جا. ڀهريون دفعو اُن ڏينهن ڀڳونتي ماسٽر چندر کي ه

۽ ٻيا فلمي دنيا جا چونڊ جا ڪلاڪار خاص وقت ڪڍي مهيش چندر جي رهنمائيءَ ۽ هدايتڪاريءَ ۾ سنڌي لوڪ ڪلام، ڀڄن لکي ريهرسل ڪري، ياد ڪري پيش ڪندا هئا. هڪ دفعي مونکي به دادا رام پنجواڻيءَ سان شواجي پارڪ ۾ اسٽيج تان دادا ماسٽر چندر جي جنم ڏينهن تي پروگرام سنڀالڻ ڪرڻ جو لاڀ حاصل آهي. دوست، لاڪيٽي لال، سنڌين جي شان، سنڌي سنگيت نه صرف ڀارت ۾ جتي سنڌي رهن ٿا اُتي پر ڀارت کان ٻاهر به دنيا ۾ جتي جتي سنڌي وسيل آهن چنڊ کي چڙي مهيش چندر هر شهر ڳوٺ ۾ نه صرف پروگرام پيش ڪري درشڪن جي دلين ۾ خاص جڳهه حاصل ڪئي آهي. دادا چندر جيان پر سنڌي سنگيت کي پڻ لوڪپريه بڻايو آهي، سنمانت ڪيو آهي.

هاڻ به مهيش ۽ گوپ چندر سپريوار هر سال دادا ماسٽر چندر جو جنم ڏينهن نه صرف بهترين ايئرڪنڊيشن هال ۾ پر ڀارت جي جدا جدا مهانگرن ۾ ته ملهائيندا رهندا آهن پر آمريڪا ۾ پڻ شان مان سان ملهائيندا آهن. ماسٽر چندر سنگيت اڪادميءَ جي سايع هيٺ.

جنم ڏينهن ته انيڪ سنسٿائون ملهائينديون آهن، پر مهيش چندر ماسٽر چندر جو جنم اُتسو هر سال هڪ قدم اڳتي ڪجهه نه صرف نئون پر ساڻ نرالو به ڪندو آهي. اڳين سال مهيش چندر سنڌين جي لوڪپريه ڪامياب بزرگ ۽ نوجوان شاعرن جي ڪلامن جي چونڊ ڪري اُنهن کي سُرن جي مالها ۾ خوبصورت ۽ وڻندڙ بڻائي سنڌين جي بيحد مشهور سريلن گلوڪارن جي آواز ۾ پنهنجي هدايتڪاريءَ ۾ پيش ڪيا. ممبئي جي ڪرناٽڪ هال ۾ پر اُنهن شاعرن کي پروگرام ۾ سنمانت ڪري نئون مثال قائم ڪيو آهي جنهن لاءِ مهيش چندر کي سؤ سؤ سلام ۽ مبارڪون.

مون کي اُميد نه پر يقين آهي ته مهيش چندر اڃا به پنهنجا قدم اڳتي ۽ اڳتي وڌائي سنڌي سنگيت جي خدمت ڪندو رهندو پنهنجو ۽ سنڌي سنگيت، سنڌي فنڪارن ۽ سنڌين جو نالو روشن ڪندو رهندو. ”مهيش چندر“ خاص انڪ لاءِ منهنجي مني منتار مهيش کي دل جي گهرائين مان بيشمار مبارڪون.

□□

صرف ''هڪ'' هوندو آهي. جيئن سادڪ جو سرجڻهار ڪي پائڻ. عاشق
معاشوق سان ملڻ. سُر جو تال سان رقص ڪرڻ وغيره. مهيش چندر اُ
ڳلوڪارن، سنگيتڪارن مان آهي جو موسيقي. ڪائيندو آهي موسيقي پيـ
آهي. موسيقي جي دل سان هر ساهه کڻي موسيقي جا سهڻا سپنا ڏسي خمـ
اکين سان نندراديويءَ جي ڳود ۾ موسيقيءَ جا سپنا سجائي، نئين سـ
جي روشني ۾ اُنهن سپنن کي ساڪار بڻائڻ لاءِ هر نئين ڏينهن جي شرو
ڪندو آهي. هاڻ توهان پاڻ فيصلو ڪيو ته سنگيت سمراٽ ماسٽر چندر
نورچشم مهيش چندر جهڙا سُريلا، مِني مخملي آواز جا ڌڻي، شاستريه سنگيـ
سنڌي لوڪ سنگيت جا حافظ ۽ چائو محفلن جا مور اسان وٽ گهڻا آهن؟

اوهان مان شايد ڪيترن کي اِها به ڄاڻ نه هجي ته مهيش چندر سنگـ
جي راڻي اجا به جوان مهاراڻي لتا منگيشڪر جو به لاڏلو پسنديد سنـ
ڪلاڪار آهي ته پرائيم منسٽر اٽل بهاري باجپاءِ جو من پسند سنڌي ڳلو
آهي.

مهيش انڪري لتا ديديءَ جي سفارش تي مرهٽي فلمن ۾ مرهٽي گيت
آهن ته اٽل بهاري باجپاءِ جون لکيل ڪويتائن کي بطور سنگيتڪار ڪئسيـ
آڊيو ڪئسيٽ ۾ سمائڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي. ڪيترين هندي فلمـ
گيت ڳايا آهن. پر ڪن هندي فلمن ۾ بطور ميوزڪ ڊائريڪٽر سنگيت
ڪاميابيءَ سان ڏنو آهي ۽ آڊيو ڪئسيٽ ۾ سنڌي، هندي، اُردو گيت
ڳائڪ ۽ سنگيت ڪار يوڳدان ڏنو آهي.

هڪ ڪامياب هندي فلم جو گيت آهي ''روپ بدل جائيگا، چهرا بدل جا
ميري آواز ئي پهچان هئه.''

پڳت ڪنوررام جي آواز جيان مهيش چندر جو آواز اوهان اکين کي پٽي ٻڌي
ته اوهان جا ڪن چوندا ته مهيش چندر جو هيءَ سُر ماڪيءَ کان مٺو، صبوح جي هير
تن من ۽ روح کي راحت بخشيندڙ سؤ في صدي ڳوناڻي مٽيءَ جي مهڪ جو
ماڻائيندڙ هيءَ آواز مهيش چندر جو ئي آهي. ماسٽر چندر جو ورثي ۾ مليل آواز


گذريل ڪيترن سالن کان ماسٽر چندر صاحب پنهنجي جنم ڏينهن
پنهنجي نواس آستان شواجي پارڪ ۽ اُن وقت جي ممبئي جي بهـ
ايئرڪنڊيشن شاهي هال برلا ماتوشري هال ۾ خاص سنڌي/هندي سـ
پروگرام رکندا هئا جن ۾ نامور ڪامياب سنڌي ڪلاڪار ته ڪلام پيش
ئي هئا پر منادي، سُڏا ملهوترا، انوپ جلوٽا، پرشوتم جلوٽا، سلڪشڻا

پنيان ٽيون ۽ نئين پنيان چوٿون پنجون ڇهون.... ڇڻ راڳن جو آبشار هو جنهن ۾ مشتاقن جا من پِڇي رهيا هئا. ”وفا“جي رومانٽڪ غزل ”منهن مومل جو محبوباڻو لڳندو آ“ کي هن خود ساخت طرز تي نهايت خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ته سُرن جي لڳاوٽ ۽ طبلي جي هڪ هڪ ٿاپ تي سڄي هال مان ”واهه واهه“ جون صدائون ٿي گونجيون.

هڪ عظيم فنڪار جو فرزند هئڻ سان گڏ مهيش کي گلوڪار ۽ قربدار دوست طور پنهنجي نجي شخصيت ۽ سڃاڻپ به آهي. ”سج اُڀر نه تون شل رات هجي“ جهڙي گيت مان سندس نجي گائڪي ۽ موسيقيءَ جو فن ۽ سُريلن باريڪ مُرڪن جي ڪلا بخوبي ظاهر آهي. هن ”ميخانه“ ۽ ”پٿرون ڪا شهر“ وغيره هندي فلمن ۽ سنڌي فلمن ۾ به پنهنجي آواز جو جادو پکيڙيو آهي. اُردو غزل جي گائڪيءَ ۾ به هُن پنهنجو خاص مقام رکي ٿو. تازو ڀارت جي پرڌان منتري شري اٽل بهاري باجپاء جي گيتن کي سنگيت ۾ سجائي، پدمجا جي آواز ۾ ”گيت نيا گاتا هون“ آلبم پيش ڪيو اٿس. سنڌي پاپ سانگس جو آلبم ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهي.

اِهو چوڻ بلڪل واجب ٿيندو ته ماسٽر چندر مهيش جي روپ ۾ سنڌي سنگيت کي هڪ ناياب، لاثاني ۽ سُريلي سوکڙي عطا ڪئي آهي.

□□



13

ريشمي آواز جو مالڪ مهيش چندر

- ڍولڻ راهي

تاريخ ٢٠ سيپٽمبر ١٩٩٩ جو ڏينهن اجمير جي سنڌي باشندن لاءِ
يادگار ڏينهن هو جو اُن ڏينهن شهر جي جواهر رنگ منچ تي امر سنڌي گا
ماستر چندر جي ورسيءَ جي موقعي تي سندس فرزند مهيش چندر کي ڏس
ٻڌڻ جو سالن بعد موقعو مليو هون. دستوري تعارف ۽ استقبال کان پوءِ جڏ
هارمونيم تي سندس آڱرين جي نرم ۽ جادوئي ڇهاءَ سان سندس مخملي آوا
ماستر چندر جا ڳايل نغما گونجڻ لڳا، تڏهن سنڌي سڄڻ جوان توڙي بزرگ،
توڙي زائفائون جنسي جهومڻ لڳا. ”وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي“، ”اچا ته ا
مان ننڍڙي آهيان“، ”واهه واهه ڙي گهڙا“، ”سهڻا پنهنجي اکين کي
تون“، ”تنهنجي سر جو قسم توکي دل ڏيندس“، ”مولي مستن جا ڪم
ڪري“، ”رتا ئي رهن پر هجين حياتي“، ”پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا و
تا“، ”مالڪ تون درد ڪٽيندين ڪين ڇڏيندين“ وغيره گيت ٻڌي سنڌين
جڻ پراڻا زخم اُڌڙي پيا ۽ مهيش چندر جي منڙي ريشمي نرم آواز ۽ سن
مخصوص موهيندڙ مُرڪ اُنهن زخمن تي جڻ مفيد مرحم جو ڪم ٿي ڪيو
سنڌي راڳڻين ڀيروي، ڪوهياري، آسا، تلنگ، پهاڙيءَ ۾ نج سنڌي گائڪي
ماستر چندر ۽ پرسرام ضيا جا عام فهم لوڪ زبان ۾ رچيل مشهور نغما جڻ سون
سهاڳو هئا. نغمن جي وچ وچ ۾ ننڍڙن ۽ پيارن جملن سان هلڪڙو مرڪندي گ
جي وضاحت ڪرڻ جو سندس مخصوص ۽ دلبرانه لهجو. هر ڪنهن جو من م
رهيو هو. سچ ته ٻڌندڙن جي دل ڀرجي ئي نٿي. جيئن جيئن مهيش موسي
جا ڀرپور جام لٽائيندو ٿي ويو. تيئن تيئن سُريل سنگيت جا شيدائي مد
ٿيندا رهيا پر سندن ٻڌڻ جي اُڃ وڌندي پئي ويئي. هو مهيش ۾ جڻ ماستر چ
کي ڏسي ۽ ٻُڌي رهيا هئا. ڪمال اِهو جو مهيش جي اڳيان گيتن جي ڊائر
چوپڙي، نه پنو نه پرزو. بيساخته ۽ برزبان هڪ ڪلام پنيان ٻيو ڪلام،


هي راڻا“، جن کي دلڙي ڏيڻ......“ ۽ ”تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان، پر سهڻا ڪين نباهيو تو......“ ڪلامن، گيتن ۽ ڪافين جي پلٽ پلٽان ٿي ويئي، درشڪ ۽ ٻڌندڙ مهيش چندر جي آواز ۾ ماستر چندر جي سنگيت جو رَسُ پان ڪري مدهوشيءَ ۾ ڪوهجي ويا. سال ١٩٨٦ع ۾ آڪاشواڻي، احمدآباد طرفان آيوجت ميوزڪ ڪانسرٽ جنهن ۾ پنڊت آسڪرن شرما ۽ شانتي هيرانند به شامل هئا، آڪاشواڻي احمدآباد جي اتهاس ۾ هڪ امٽ ڇاپ ڇڏي ويو ۽ اُن سنگيت سماگم ۾ سنگيت جي شيدائن مهيش چندر ۾ ڳولهڻ چاهيو ماستر چندر کي!

مهيش چندر، ماستر چندر جي نقش قدمن تي هلندي پنهنجي پتا صاحب جي صحبت ۾ رهندي، هن سان گڏ ستن اٺن سالن جي ڄمار کان ڳائيندي، اُنهن جي سنڌي سنگيت جي مخصوص شئليءَ کان پاڻ ڇڏائي نہ ٿو سگهي پر هو پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. مهيش چندر سنگيت جڳت ۾ ڪافي سنگهرش ۽ جدوجهد بعد، هڪ لنبي ياترا طيءِ ڪرڻ بعد پنهنجو هڪ الڳ مقام، هڪ نجي چهرو اُڀارڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، اُهو بہ اردو ۽ سنڌي غزل گائڪيءَ ۾!!....

هن ليکہ ذريعي فقط مهيش چندر جي غزل گائڪيءَ واري پهلوءَ تي ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسين. مان هڪ ڳالهہ سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ مهيش چندر غزل جو دامن ڇو پڪڙيو؟ غزل گائڪي هڪ نهايت Challenging task آهي. شايد ان ڪري.... هڪ ڳالهہ ٻي بہ غزل گائڪيءَ سان مهيش کي ٺهڪائي ٿي، اُها آهي راڳہ راڳڻين جي ماهريت، لوڪ سنگيت جي Richness مهيش ۾ ٻئي ڳالهيون آهن، هن جو آواز بہ غزل کي سوٽ ڪريٿو. مهيش جي گلي ۾ سرسوتيءَ جو واس آهي. درد ۽ پيڙا هن جي فطرت آهي. سنگيت هنجي نس نس ۾ آهي.

مخصوص غزل گائڪ لاءِ ڪلاسيڪل موسيقيءَ ۾ ماهريت خواه غزل گائڪيءَ جي ادائگيءَ جي شناس لازمي آهي. ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي سکيا ڪيس ننڍپڻ کان ئي پتا صاحب وٽان ورثي ۾ ملي آهي، سُرن، راڳہ راڳڻين جي مشق هن پنڊت لڪشمڻ پرساد جئپور والا جي رهنمائيءَ ۾ پچائي تہ غزل گائڪيءَ جي باترتيب سکيا مدن پرڪاش کان حاصل ڪئي.

مهيش چندر محسوس ڪيو تہ سنگيت جڳت ۾ پنهنجي سڃاڻپ قائم



14

غزل ڳائڪ - مهيش چندر

- ويڙهو رفيق

ڳائڪي هڪ اِلاهي ڏات آهي. ڳاڻ ڳڻيا ڪلاڪار هوندا آهن جيڪ
زمان مڪان جو حدون اورانگهي اتهاس جي ورقن ۾ امر ٿي ويندا آه
سنڌي سنگيت جڳت ۾ ڀڳت ڪنوررام ۽ ماستر چندر اهڙا امر ڳائڪ ٿ
گذريا آهن جن پنهنجي فن ذريعي امرتا پد پاتو آهي. البت ڳائڪيءَ
طريقو ٻنهي جو الڳ الڳ آهي، پر تاثير لاجواب آهي، امٽ آهي. ڀڳ
ڪنوررام جا ڳايل بيت، ڪلام ۽ ڪافيون خواه ماستر چندر جا ڳايل صوفي
خواهہ عاشقيانا گيت، غزل ۽ ڪافيون اڄ بہ دل و دماغ کي جهنجهوڙڻ ج
قوُت رکن ٿا. سنگيت جا شائق خواهہ پارکو ٻنهي ڪلاڪارن جي فن ج
عظمت جون سُرڪيون ڀرين ٿا ۽ عزت جي نگاهہ سان ڏسن ٿا.

ڀڳت ڪنوررام جي شهادت بعد سندس ورثو برقرار رکڻ ۾ ڀڳت صاحب
سُپاتر پائي پيسورام کي قدر جاڪوڙ ڪري رهيو آهي، پر اُنهن ۾ ڳائڪيءَ
فن جي اُها مٺيا ناهي جا ڀڳت صاحب ۾ هئي.

ماستر چندر جي پيڙهي (گهراڻي) جو شان سندس سپاتر گوپ چندر ۽ مهي
چندر برقرار رکيو وينا آهن. مهيش چندر، ماستر صاحب جي سنگيت پرمپرا
سنڌي راڳن راڳڻين ذريعي برقرار رکيو آهي. سندس ڳايل گيتن، ڪلامن، ڪاف
خواهہ غزل کي نہ صرف عوام تائين پهچايو پر ڪئسيٽس ۽ رڪارڊن ذري
محفوظ رکيو آهي. ماستر چندر جي ڳائڪي وارو هڳاءُ سنگيت جا شائق مهي
چندر ذريعي ماڻين ٿا.

ڪجهہ سال اڳ آڪاشواڻي احمدآباد جي نينڊ تي مهيش چندر ميو
ڪانسرٽ ۾ درشڪن جي فرمائش تي جڏهن ماستر صاحب جا ڪلام/ڪافيو
گيت، سندن لحظي ۾ پڻ ڳايا تڏهن سڄو هال تاڙين جي ٺهڪن سان گونج
اُٿيو. ”گليءَ گليءَ ٿو ڳايان، مان توتي عاشق آهيان“، ”رُسڻ نہ رُسڻ ۾

ڳائڪيءَ جي وڏي ۾ وڏي خوبي جنهن هن کي جڳجيت سنگهہ مهيندي حسن ۽ پنڪج اُداس جي غزل جي ڳئليڪسيءَ ۾ همنشين بڻايو آهي، اُها آهي سهجتا يعني Effortlessness ۽ ڳائڪيءَ ذريعي انترمکي ٿيڻ. ڳائڻ وقت اِئين لڳندو آهي ڄڻ ڳويا سرن جي رس ڌارا سندس مکہ منڊل مان وهي جيون ڌارا ۾ سمائجي ويندي آهي، اُن وقت مهيش پنهنجي ”آتم“ سان مخاطب هوندو آهي. سنگيت ۾ کوهجي ويندو آهي ۽ سُرَ ۽ تال جي لئہ سان ٻڌندڙ اهم آهنگہ ٿي ويندو آهي. ڳائڪ ۽ ٻڌندڙ جي هم-آهنگيءَ واري اِستتي جيون ۾ ’ماڻ‘ ۽ ’پائڻ واري سرشٽيءَ جو سرجن ڪندي آهي انجو مثال لکميچند پريم جو لکيل غزل آهي.

”اسين روز پيئون ميءَ جا پيالا،/اسين زُهر عبادت جا چاٽون،/دنيا جي محبت جا چاٽون ۽ ڪنهن سان عداوت جا چاٽون.“ اڃا بہ اوهان کي يقين نہ اچي تہ ارجن حاسد جو هيءُ غزل ٻڌو:

”اڪہ رُنو، دل بہ اڄ ڏنو روئي،
درد سمجهيم قرار هو سوئي.“
راڳہ مشر پهاڙيءَ ۾ غزل جي بندش آهي.

مهيش غزل ڳائيندي traditional جو دامن نہ ڇڏيو آهي. هن جي غزل ڳائڪيءَ جي ٻي خوبي آهي وچ وچ ۾ تانون ۽ مُرڪون خواه سرن جي قِرَت ۽ لڳي. منهنجي چوڻ آهي تہ سنڌي غزل مخصوص انداز ۾، سنڌي راڳہ راڳڻين ۽ لئہ تال ۾ بہ ڳائي سگهبا آهن. اهو مهيش چندر جي ڳائڪيءَ مان صاف ظاهر آهي. مثلا : مهيش جو ڳايل غزل،

”سڄ اُپر نہ تون شل رات هجي،
منهنجي محبت سان ملاقات هجي....“
يا

راڳہ پيرو جي بندش ۾ آهي.

”ڏسو عشق جي دنيا ڪيئن خاموش ٿي رهائي.“

ڀارت جي ڪنهن بہ چوٽيءَ جي غزل ڳائڪ جي صف ۾ بيهن ٿا.

مهيش چندر جا ڳايل غزل گهڻو ڪري شرنگار رس تي ٻڌل هوندا آهن.

ماسٽرچندر جو غزل اڪثر مهيش هر محفل ۾ ڳايو آهي، اُهو آهي :

”هنن سان دل لڳي آهي،
نہ مارن ٿا، نہ جيئارن ٿا،

ڪرڻ نهايت مشڪل ڪم آهي. ان ڪري هن ڪلاڪار سنگيت سکيا ذري
خوب ساڌنا ڪئي. ڀارت جي سنگيت شاسترين جي صحبت ۾ رهي ڪ
نرڪجهه پرائڻ جي تمنا پئي رکي آهي. ميواتي گهراڻي جي سنگيت آچا
جهڙوڪ پنڊت منيرام جي، پنڊت آسڪرن شرما، پنڊت جسراج، پنڊت نار
پرساد خواهه منگيشڪر پريوار جي اُشا منگيشڪر ۽ لتا منگيشڪر جي صحـ
۽ رهنمائيءَ مهيش کي گهڻو فيض رسايو آهي.

١٩٦٥ع ۾ سنگيتڪار بابل جي سفارش سان ايڇ.ايم.وي. وارن مهي
جي اردو جو پهريون رڪارڊ ظاهر ڪيو. فلم ڊئريڪٽر ڪيدار شرما ”ميخا
فلم ۾ مهيش کان غزل ڳارائي پهريون دفعو هن کي فلمن ۾ بريڪ ڏ
”اِڪ شب کي مسافر هئن هم تو.......“ ان غزل ذريعي مهيش جلدئي
جي شائقن جو ڌيان ڇڪايو.

مان اِتي مهيش جي غزل گائڪيءَ جي خوبيءَ ڏانهن اوهان جو ڌ
ڇڪائڻ چاهيندس. فوجي ڀائرن لاءِ خاص پروگرام ”جئہ ڀارتي“ هر چن
تي آڪاشواڻي احمدآباد وڙودرا تان پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو ا
تازو ڪجهه وقت اڳہ ڪارگل لڙائيءَ بعد غزل گائڪيءَ تي وشيش ڪاريہ ڪ
پيش ڪرڻ جي سلسلي ۾ مون ميخانا پڪچر جو مهيش چندر جو غزل ”
شب کي مسافر هئن هم تو.... وڄايو. غزل ريڊيو تي ٻڌڻ سان اُن وقت
ڊيوٽي آفيسر اندر اسٽوڊيو ۾ گهڙي آيو. پڇيائين هئڙو بهترين گائڪ ڪ
آهي؟ سندس آواز ۾ ڪيترو نہ درد ۽ پيڙا آهي...... چيومانس دوست ه
مهيش چندر آهي. بس پوءِ تہ ڄاڻڻ چاهيائين مهيش چندر بابت.

منهنجو آڪاشواڻيءَ جو ساٿي ڪو معمولي ٻڌندڙ نہ آهي هڪ سنگ
جو ساڌڪ ۽ رنگہ منچ جو بهترين ڪلاڪار آهي. ڪلڪتا ۾ رويندر منچ
ڪم ڪيو اٿائين. اِپٽا سان پڻ هن جو تعلق رهيو آهي. ڳالهين ڳاله
دوران پڇيائين مهيش جا ڀيا کهڙا غزل آهن چيومانس شئليس ڀائي ا
جي سنڌي وڀاڳہ کي اِهو شرف عطا ٿيو آهي جو اسان مهيش چندر جا
پنجويهہ چونڊ غزل پنهنجي لئبرريءَ ۾ محفوظ رکيا آهن ۽ وقت بہ و
وڄائيندا آهيون.....

ڳالهہ ٿي ڪيم مهيش جي غزل گائڪيءَ جي. مهيش چندر جو آواز
گائڪيءَ سان ٺهڪندڙ آهي. ٽريڊيشنل ۽ ماڊرن گائڪيءَ کي اپنائي غزل
بندشن ۾ سنا تجربا ڪيا آهن. غزل کي نجي انداز ۾ ڳايو آهي. مهيش



15

منٺڙي آواز جو مالڪ مهيش چندر

- چندر ساوناڻي

اڄ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو واهپو ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي، تڏهن به سنڌي ڪلاڪار پنهنجي ناٽڪ ڪلا، نرتيه ڪلا ۽ سنگيت ڪلا ذريعي سنڌيت کي زنده رکي ويٺا آهن. پنهنجي ڪلا ذريعي سنڌيت جي جوت جلائي ويٺا آهن.

اهڙن ڪلاڪارن مان مهيش چُندر کي پهرين صف ۾ بيهاريو ٿو وڃي. سنڌين کي مهيش چندر جي ڳائڪيءَ تي ناز آهي. مهيش چندر جي ڳائڻ جو لحظو پنهنجي قسم جو آهي. خاص ڪري مهيش غزل بهترين نموني ڳائي سگهندو آهي. اڄ کان اٽڪل ٽيهه سال اڳ هز ماسٽر وائيس طرفان رڪارڊ ڪيل مهيش چندر جا ڳايل چار غزل جيڪي وقت به وقت ريڊيو سلان، ووڌ ڀارتي ۽ آل انڊيا ريڊيو تان براڊڪاسٽ ٿيندا هئا، ڪافي شهرت ۽ مقبوليت حاصل ڪئي هئي. خاص ڪري ''سلسلا زلف ڪا'' غزل ان وقت ڪافي مشهور ٿيو هو. فلم مئخانا ۾ سندس ڳايل ٽائيٽل سانگ ''اَسِ شب ڪي مسافر'' بهترين غزل آهي.

مهيش چندر جو سنگيت ڏانهن لاڙو ننڍپڻ کان وٺي رهيو آهي. سندس پتا ماسٽر چندر ننڍي هوندي کان ڪيس سنگيت پروگرامن ۾ وٺي ويندو هو. پنڊت لڪشمڻ پرساد (جئپور والا) کان به سنگيت سکيا وٺي هڪ بهترين ڳائڪ جي حيثيت ۾ اُڀريو آهي.

مهيش جي نالي سان چندر جو نالو ڳنڍيل آهي. ماسٽر چندر سنڌي سنگيت جو سرتاج هو. مان ته سنگيت سمرات ماسٽر چندر جو شائق رهيو آهيان. جڏهن ماسٽر چندر احمدآباد ۾ ڀائي هاسارام جي ورسي ۽ سنت غريبداس جي ورسيءَ تي ايندو هو ته مان ۽ منهنجو پيارو دوست ارجن ڀمڀاڻي اڳيان اڳيان وڃي جڳهه والاريندا هئاسين. هڪ دفعو ته جڳهه نه ملڻ سبب اسان هڪ ڏيڏر ڪٽي اڳيان اُڇليو. حاضرين ۾ اٿل پٿل ٿي ۽ اسان انجو فائدو وٺي اڳيان اڳيان ماسٽر چندر جي بلڪل سامهون وڃي ويٺاسون.

وسارن بہ نہ ٿا سهڻا.''

''جنهن کي دلڙي ڏيڻ تنهن کان ڏار ٿيڻ،

اِهو ناهي مرڻ ٻيو ڇاهي سڄڻ.''

ماستر صاحب جي هيءَ غزل راڳ ڪيرواڻيءَ تي آڌارت شرنگار ر
وارو مقبول غزل آهي، هيءَ بہ مهيش جو پيارو غزل آهي.

مهيش چندر، هندي، اُردو خواه سنڌيءَ ۾ غزل ڳايو آهي، خوب
آهي. هنجون آڊيو ڪئسيٽ خواهہ LPS بہ نڪتل آهن ۽ ايڇ-ايم-وي. و
۽ E.M.I. وارن هنجي رڪارڊ بہ مارڪيٽ ۾ آندا آهن.

ڪجهہ وقت اڳ حيدرآباد وڃي رهيو هوس، خوشقسمتيءَ سان سفر دو
پنڊت جسراج جي ويجهي عزيز رتن موهن شرما ۽ ڪيدار پانڊي جي صح
ملي ڳالهين دوران رتن موهن شرما ٻڌايم هو مهيش چندر جو ويجهو
آهي، مهيش چندر جو شائق آهي. نہ صرف ايترو پر مهيش جي ڪڪيءَ
سنگيت سکيا پڻ ڏيندو آهي. مهيش جي گائڪيءَ ۽ فن جو ذڪر ڪند
چيائين : ''مهيش چندر جيترو پيارو ۽ دلفريب شخص آهي، اوترو ئي اع
ڪلاڪار آهي. هو هڪ بهترين ڪمپوزر بہ آهي خبر ناهي ڇو مهيش شه
جي اُن بلنديءَ تي نہ پهچي سگهيو آهي، جتي جڳجيت سنگ
يوپيندرسنگهہ يا پنڪج اُداس يا ٻيا...... ڳالهہ جو سلسلو اُتي ختم نہ ٿ
رتن موهن شرما اڳتي چيو : ''مهيش چندر هڪ سادو شخص آهي، د
پيچڻ مان نہ چاٽي شايد مشهوريءَ کان بہ پري رهي پنهنجي هڪ رچنا
هڪ ڪلاڪار جي نجي دنيا ۾ ئي مصروف رهي ٿو ۽ اُن ۾ ئي هن
سُڪون ملي ٿو. مهيش چندر هڪ يگانو ڪلاڪار آهي.

□

گوبند مالهي ۽ گوردن پارٽيءَ جي رهبريءَ هيٺ پارٽ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سيمينارن، سميلن ۽ ميلن ۾ سنڌي سنگيت سان سنڌي ٻوليءَ جو پرچار ڪري سنڌيت جي جوت جلائي. شايد مهيش چندر کي اهو ماحول حاصل نہ ٿيو هجي.

مهيش چندر ماستر چندر جي جنم اُتسو، پڳونتي ناواڻي جنم اُتسو، سهيوگہ فائونڊيشن جي جلسو ٻين پروگرامن ۽ ولايت ۾ پنهنجي مٺڙي آواز سان حاضرين کي جهومايو آهي ۽ پنهنجي پتا صاحب جي ماستر چندر جهڙي عظيم گائڪ جي ياد کي تازو رکيو وينو آهي. اها ڳالهہ هڪ قابلي داد آهي. ماستر چندر کي ڪن سنڌي سنگيت روپي آڪاش جو چندرما سڏيو آهي. ڪن سنتن درويشن جو ڪانگي سڏيو آهي تہ ڪن ڪيس سنڌي سنگيت ذريعي سنڌيت جو پرچار ڪندڙ سڏيو آهي. سنڌين جي اورچائي تي سوين گيت قلمبند ڪري سُرُ ۾ پرويا آهن. اهڙي مهان سنگيت سمرات ماستر چندر جا گيت ڳائي مهيش چندر ڪئسيٽ ڪڍي سنڌي سنگيت جا گهڙا ڀريا آهن.

مهيش چندر بہ سنگيت کي هڪ ساگر جيان سمجهي ٿو. سنڌس چوڻ آهي تہ ”جيترو سکجي اوترو ٿورو آهي. سنگيتڪار هڪ شاگرد آهي. پاڻ پڻ انهن مان هڪ آهي.“

مهيش چندر کي ايشور وڏي اورجا بخشي جيئن هو سنگيت جا گهڙا ڀريندو رهي ۽ ماستر چندر جي سنگيت جي جلايل جوت کي وسامڻ نہ ڏئي. مٺڙي آواز ذريعي سنڌي جڳت کي وندرائيندو رهي.

□□

ماسٽر چندر مهيش چندر کي پاڻ سا گڏ وٺي ايندو هئو ۽ مهيش کان هـ
گيت ڳارائيندو هئو ۽ حاضرين کي چوندو هئو تہ هن نوجوان کي آشيرواد
جيئن سنڌي سنگيت جي شيوا ڪري. مونکان پوءِ پڻ سنگيت جي جوت جڳائ
رهي.

مهيش چندر کي اڳتي آڻڻ ۾ ماسٽر چندر جو وڏو هٿ هئو. هہ سال اڳہ م
ارجن پمپاڻي ۽ ويڙهو رفيق ماسٽر چندر جي جنم اُتسو تي بمبئي وياسين.
پروگرام ۾ وڏا وڏا گايڪ ڪلاڪار هئا، خاص ڪري ڪادمبني، انوپ جلوٽا،
چندر، رام ناواڻي خوب موج مچائي. آخر ۾ مهيش چندر لاءِ تمام ٿورو و
بچيو پر هن يار پندرهن منٽن ۾ ماسٽر چندر جا اَنڪل ڏه ٻارهن لوڪ پريہ گ
ڳائي ماسٽر چندر جي ياد تازي ڪرائي ڇڏي ۽ سڄو هال تاڙين سان گونجڻ
سيني جي وات مان واه واه نڪتي، اڪيون بند ڪيو تہ ائين پئي لڳو ساڪ
ماسٽر چندر پاڻ ڳائي رهيو آهي.

مون بچپن کان ماسٽر چندر کي ويجهڙائيءَ تان ٻڌو آهي ۽ ماسٽر جي سام
نهاري ٻڌڻ جو وري مزو ئي ڪجهہ الڳہ هو. ساڳي خاصيت مهيش چندر ۾
آهي. مهيش کي ويجهڙائيءَ تان اکين ۾ اکيون ملائي ٻڌڻ جو لطف ئي ڪ
پيو آهي. ساڳي ماسٽر چندر واري منهن تي مرڪ، اهو ئي گائڪيءَ جو اند

احمدآباد ۾ ڪويتا پبليڪيشن طرفان احمدآباد جي ٽائون هال ۾ ماسٽر چ
نائيٽ رکي ويئي هئي جتي ماسٽر چندر تہ هميشہ جيان پنهنجي فصيح ز
۽ منڙي آواز سان موهيو، پر مهيش بہ پنهنجي گيتن غزلن سان حاضرين
جهومائي ڇڏيو. ان وقت حاضرين اڳڪٿي ڪئي هئي تہ سنگيت جي ڪيت
مهيش چندر ضرور بلنديءَ کي ڇهندو.

سنڌي سنگيت سان گڏ اردو ۽ هندي سنگيت ۾ مهيش چندر هڪ اهم ج
والاري ٿو. سنڌس نڪتل گيتن ۽ غزلن جو ڪئسيٽون ڪافي لوڪ پريہ آهن
مهيش چندر جي گهر وڃو تہ گهر جو سڄو وايومنڊل سنگيتميہ آهي. گه
پنيان هڪ ڪمرو سنگيت جي سازن سان ڀريل آهي. رڪارڊنگہ لاءِ هڪ وڏو ٽ
رڪارڊر. سِون جي تعداد ۾ ڪئسيٽس. سڄو ڏينهن وينا هجو. سنڌس ڪئسي
پيون ڪئسيٽون هلائي ٻڌو ۽ سنگيت جي دنيا ۾ ڪوهجي وڃو.

هڪ ڳالهہ مونکي ڪٽڪندي آهي، مهيش چندر سنڌي سنگيت لاءِ ايڏو ڪ
نہ ڪري سگهيو آهي جيڪو ٻين ڪلاڪارن ڪيو آهي. ڀڳونتي ناواڻي -
پنجواڻي - سترام روهڙا - ڪملا ڪيسواڻي - ڪلان هزاري ۽ ٻين انيڪ ڪلاڪ

ماستر چندر جي سنگيت پرمپرا کي قائم رکيو ۽ ان جون رچنائون ڳائيندو رهيو آهي.

ساڳئي نموني جون ڪوششون ٻين به ڳائڪ، ڳائڪائن ڪيون آهن جن ۾ شانتي هيرانند، بيگم اختر کي ڳايو آهي. بيگم صاحبان پاڻ قبول ڪيو ته شانتي هيرانند منهنجو عڪس آهي. ساڳئي نموني ڪي.ايل. سهگل کي سي.ايڇ. آتما ۽ سي.ايڇ. آتما کي چندرو آتما ڳاتو آهي. غير سنڌين ۾ به اهڙن مثالن جي ڪمي ناهي.

جتي سوال ماستر چندر جي رچنائن کي ڳائڻ جو آهي.ته گهڻن ئي سنڌي ڳائڪن پنهنجي سنگيت محفلن ۾، اُتسون وقت به پنهنجي محفل کي جان ڏيڻ ۽ اثردار بڻائڻ لاءِ ماستر چندر جا گيت پئي ڳايا آهن جيڪو سلسلو اڃا جاري آهي ۽ رهندو.

ساڳيءَ طرح هڪ ڪئسيٽ آلبم ماستر چندر جي رچنائن کي ٽن ڪلاڪارن ڳائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي. اُهي آهن مشهور پڇن ۽ غزل ڳائڪ انوپ جلوٽا، ماستر چندر جا ٻه سپتر گوپ ۽ مهيش. ان ڪئسيٽ کي اکيون بند ڪري، اڳه ماستر چندر کي جن ٻڌو آهي تفاوت محسوس ڪري سگهندا ته ڪهڙي ڳائڪ ڪيتري نزديڪي پاتي آهي. منهنجي خيال کان سڀ ڪلاڪار مهان هوندي به جڏهن ڪنهن ٻئي ڪلاڪار جا گيت ڳاتا وڃن ته پرکه لاءِ هينيون خاصيتون يا وصفون ڏسڻ کپن. (١) اُچارن جي صفائي (٢) ليءِ ۽ تال سان ميل (٣) بندش ۽ لهجو (۴) اصليت ۽ نزديڪي (۵) طريقو ۽ سُر جي پڪڙ.

يقينن مهيش - ماستر چندر جي هوبهو ٿيڻ جي قابليت رکي ٿو. جيڪا ٻين ۾ نه آهي ان کي سرسوتيءَ جو وردان چئجي يا سنگيت ساڌنا سان گڏ رياض يا ٻنهي جو ميل اهو ته خود ئي ٻڌائي سگهي ٿو. ان سان اٿس آواز ۾ مڌرتا، گهرائي ۽ سوز ۽ اهو سوز ئي ته آهي جنهن اکبر بادشاهه جي ڏؤر ۾ هڪ الاهي فقير کي تانسين جي راڳه رتوچاڻ ڪيو يا ٻئجوءَ جي سُر پهاڙ پگهلايو يا اهو سوز وارو ساز ئي ته هو جنهن جي وڄائڻ سان ٻيجل، راجا راءِ ڏياچ جو سر ورتو.

ماستر چندر ته مکي پرتيڀا جو مالڪ هئو سٺو رچناڪار، سٺو موسيقيڪار (ڪمپوزر) ۽ لاثاني ڳائڪ. ڪل ملائي سُر سنسار جو بي تاج بادشاهه هئو جنهن پنهنجي گيتن ڪلامن، ڏوهيڙن، سان ايشور عبادت جا ڳڻ ڳان به ڪيا ته صوفي مت ڪان مائل ٿي عشق جا نغما به پيش ڪيا. ان ڪري سندس ڪلامن ۾ حسن وارن جون عقوبتون، نازن نخرن جي بيانبازي به آهي ته عاشقن جي مجبور



16

چُڻي جو تير تہ سيني
سيني کان آرپار هجي

- امر دؤلتاڻي

مشهور ۽ مقبول سنڌي سُر سمرات 'مهيش چندر سنگيت سنڌيا' جو آيوجن
نومبر ٢٠٠٣ تي مون پنهنجي بنگلي تي ڪيو.

منهنجا ۽ منهنجي پريوار جا اهو ڀاڳيہ جو هن مهان ڪلاڪار منهنجي نـ
قبولي، اسان جي گهر پير گهمايا ۽ سنگيت ورشا سان ماحول کي خوشنما بڻائين
هڪ يادگار شام جو احساس ڪرايو.

آمنترت مترن ۾ احمدآباد سنڌي سنسٿائن جا مانيور پد اڌيڪارين سان
اسان جي پريوار جي شخصي دوستن ۽ عزيزن شرڪت ڪئي.

اسان جي وڏائڪا ماياپيڻ پنهنجي پتي سريندر ڪوڏناڻيءَ سان گڏ آئ
هڪ وشيش ويڪتيءَ جو مان وشيش ذڪر ڪندس اها آهي ساڌوي ڪر
پريا. جنهن ڪنهن زماني ۾ ماستر چندر کي ٻڌو هوندو جاڻ ملڻ تي ۽ مهي
بابت تعريف ٻڌڻ تي - پاڻ سامهون ڪان اچڻ جي اَچا ڏيڪاري تہ مهيش
واتان صرف هڪ پريو وندنا يا ڀڳتي گيت ٻڌان. ان ڀاونا سان پرم آدرڻيہ ساڌ
جي پڌاريا. مهيش سنگيت سنڌيا جي شروعات تہ پريو وندنا :

''موليٰ مستن جا ڪم پاڻ ڪري،
ڪرشن ڀڳت جا ڪم پاڻ ڪري،
نت ڪير نماڻين تي نظر ڪري،
موليٰ مستن جا.''

ان ڪان پوءِ تہ مهيش جي جادوئي آواز ڪان پاڻ کي بچائي نہ سگهيا ۽ لڳ
ساڏا ئي ڪلاڪ سموري پروگرام جو لطف ماڻيائون.

مهيش جي گائڪيءَ جي ذڪر وقت سنگيت آچاريہ سندس پتا ماستر چ
جو ذڪر ڪرڻ بي‌معنيٰ نہ ٿيندو. ٿن ڪارڻ سان هڪ تہ مهيش سنگيت
پنهنجي پتا ڪان ورتي، ٻيو پاڻ کي مقبول ۽ ماهر فنڪار ثابت ڪيو، ٽ

”ڪنهن کي سور ته ڪنهن کي پور،
ڪنهن کي ڳوڙها عشق جا.“
ڳوڙهن کان پوءِ حالت وڌيڪ گنڀير ٿئي ٿي :
”عشق ڇڏايم پٽيون.“

مهيش، ماستر چندر جا انيڪ گيت، ڪلام، قواليون، ڪافيون، ڏوهيڙا ڳائيندي نڪو ٿڪجي ۽ نه شروتا ڇڏندي. انهن ۾ ڪيترا شاستريه راڳن تي آڌارت آهن. ڪي خوشيءَ جا ڪي غم جا، ڪي جدائيءَ جا ۽ ڪي ملن جا راڳ- اهي لڳاتار هڪ ئي ٻئنڪ ۾ بنا ڪنهن به رڪاوٽ يا وڇوٽيءَ جي ڳائيندي ڳائيندي هڪ نغمي کان ٻئي تائين پهچڻ ۾ ماهريت رکي ٿو ۽ بنا ورام يا خال جي سيني سُرن ۾ گيتن سان نباهي ٿو اها هن جي خاص وشيشتا آهي ۽ ٻي هڪ خاص خوبي آهي هر وقت منهن تي مُرڪ جيڪا درشڪن/ٻڌندڙن کي ڇڪي ٿي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳائڻ کان پوءِ به ٿڪاوٽ جو احساس نٿي ڪرائي.

اهڙين سنگيت محفلن ۾ گيان سان گڏ، ڪهاڻي، منظرڪشي ۽ وارتالاپ هجي ته ڪيا بات هئه. گايڪ عاشق جي روپ ۾ معشوق جي در تي آهي :

”ڪڙ ڪڙ ڪري در کي کڙڪايم پڇيائين ڪير آ؟
هاڻي پلا مان جا چوان نالي ڪٽڻ جي آ منع.“
”واڪا ڪري جيئن مون پڪاريو، ٿي خفي هن هيئن چيو،
واپس هليو وڃ تون چندر اندر اچڻ جي آ منع.“
”هڪ آس اٿم دم ۾ ٻڌو ته ٻڌايان.“
”جيڪي نه مڃين عشق کي تنهن کي قتل ڪرايان.“
”چون ٿا ويو چندر ڪسجي
پلي ئي مان ڪُٺل آهيان.
مئل آهيان محبت ۾ اڳئي مان مئل آهيان،
جيئڻ وارا پيا مرندا، مان اڳي ئي مئل آهيان.“
۽
”اڃا ته ائٽ مان ننڍڙي آهيان.“

بيان بازيءَ ۾ منظر چٽي ڳائڻ ۾ هن ڪلاڪار کي والد ۽ قدرت ٻنهي دين بخشي آهي. عمر مارئيءَ جي قصي گهڻن کي گهايل ڪيو آهي.

سڌي سادي سليس زبان ۾ منڙي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏکين ۽ اٽاون لفظن جي جادوگريءَ کان وڌيڪ تاثير آهي ۽ دل کي ڇهن ٿا.

بياني بہ.

چندر جي آواز جي اِها گونج مهيش ۾ بخوبي ملي ٿي، اسان جي نو
اِسٽان تي پرپو وندنا سان مهيش گيتن جي شروعات ڪئي ۾ سچ پچ تہ
وندنا ۾ بہ اپار پريم آهي ۽ اهو پريم ئي عشق آهي. ان عشق تي اڄ ملاڄ
ڇڇوريپڻ جا ڪامرشل گانا ڪراهت پريل آهن ۾ چندر جا هي گيت بار بار
سان بہ من نٿو ڀرجي. ماسٽر چندر جي گيتن کي مهيش ڳائي ٿو:

”سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون،
اهي تير نہ هڻ پل پل تون.“

۽ اکين جا تير لڳا تہ:

”سڪ ۽ سنگت جو يار سڳو
ڪڏهن مان ٿو چڪيان ڪڏهن هوُ ٿو چڪي.“

۾ اهڙا محبوب رسي وڃن تہ:

”رٺا ئي رهن ۾ هجين حياتي،
ڀلي پيا وهن ۾ هجين حياتي.“

اهڙن حسن وارن جي شهر ۾ وڃي شاعر شڪايت ٿو ڪري:

”تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان،
۾ سهڻا ڪين رهايو تو.“

۾ معشوق پڇي ٿو آخر توکي مون ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟ عاشق جواب ڏئي

”تو ۾ آهي منهنجو هڪ ڪم ڏولڻ
ڪم ٻيو تہ ڪوئي ناهي، اڃي لاهہ منهنجو غم ڏولڻ.“

ڪم تہ نہ ٿيو ۽ نہ ئي غم لٿو ۽ آخر ڪيس بازار ۾ وڃي چوڻو ٿو پوي:

”دل ڏيڻ چاهيان ٿو مان، ۾ ڪو وٺڻ وارو هجي.“

۽

”دل آهي هٽن ۾ ٿو خريدار کي ڳولهيان،
هن حسن جي بازار ۾ دلدار کي ڳولهايان.“

۽

”هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌ منهن هيڏي ڪري،
جو ٿو محب رهين مون کان ايڏو پري.“

اهڙين نيزارين کي پوءِ بہ سنگدل محبوب نٿو مڃي تہ عاشق جي
ڪهڙي ٿئي.

ڪي جڳهه ڏني پر غزلن کي شامل نه ڪيائين، اها ڪوتاهي مهيش پوري ڪئي هن اردوءَ ۾ به ڪافي غزلون ڳاتيون آهن ۽ سنڌي شاعرن جي غزلن کي به جان بخشي آهي ۽ سر ڏنا آهن. اتل بهاري باجپاءِ جي رچنائن کي سنگيت عطا ڪيو آهي.

جديد ۽ ماڊرن سنڌي سنگيت جي ميل طرف به توجو ڏني آهي.

اردو غزل گائڪ پنڪج اُداس جي ڳايل هڪ غزل ڪافي مشهور ٿي :

''چاندي جئسا رنگ هئہ تيرا سوني جئسي بال،

ايڪ تو هي ڌنوان هئہ گوري باقي سبب ڪنگال.''

ان جي پيٽ ۾ اسان جي مايہ ناز شاعر پريو وفا جي غزل جي بي مثال بندش ۽ ڪمپوزنگ ڪري مهيش سُر ڏيئي هيئن ڳايو.

داو پيچ سڀ ڄاڻي دنياداريءَ جا،
گرچ وفا معصوم نماڻو لڳندو آ
منهن موهل جو محبوباڻو لڳندو آ
هن جي سامهون چندر پراڻو لڳندو آ.''

سچي غزل ۾ ذڪر ڪيل ناريءَ جي انگن، جذبن، ادائن، ماڻن ۽ نخرن جو ورڻن شاعر جيتري خوبيءَ ۽ باريڪيءَ سان ڪيو آهي ان ئي بي مثال نموني ۾ مهيش ڳاتو آهي. سندس ٻيون ڳايل غزلون ياد ٿيون اچن.

''اُس جيڏي به ٿي تڪي آهي، ڇانو ايڏي به ٿي ڦڏي آهي.''

''محبت ڪرڻ جي خطا ٿي ويئي، سدا لئہ لُڇڻ جي سزا ٿي ويئي.''

''نہ تنهنجو درد هوندو ۽ نہ پنهنجي ڪا خوشي هوندي.''

اُتي چندڇاڻ ڪندي اهو چوڻ ڪان پاڻ روڪي نٿو سگهان، تہ ڇيو ويندو آهي تہ پنڪج اُداس کي مخملي آواز آهي. جنهن جهڙو ڪٿي ڪٿي جگجيت سنگهه ۾ به پاسي ٿو پر منهنجي نظر ۾ اهڙو آواز سڌو، لس ۽ بيت پڙهڻ وانگر لڳي ٿو. آواز جي اصل پرک اُن جي اُتار، چڙهاوَ، مدرتا ۽ گهرائين مان پرکجڻ کپي جيڪا مهندي حسن، هريهرن ۽ اسان جي سنڌي گائڪا عابدا پروين ۾ آهي ۽ ريشما ۾ آهي بلندي. مهيش جيڪڏهن ان مخملي انداز کان پاڻ کي بچائي سگهي تہ بهتر.

مهيش جي هارمونيم جي سُرن تي پوري پڪڙ آهي ان ڪري جي ڪٿي، اناڙي طبلا وادڪ جي ڌڪڙن جي ڌُن تي ڪيس محتاج نٿو ٿيڻو پوي ۽ نہ ئي گهڻن سازن جي ضرورت ٿو محسوس ڪرائي. سندس شاستريہ سنگيت جي گاين

”سنڌ جا ڳهڙا تون سنڌ ۾ چائين،
واجٽ وجائي هند آئين.“

کيڏو نہ سليس ڀاشا جو پريوگ آهي.

۽ سنڌي ٻوليءَ جي سنگيت محفلن ۾ سنڌ جو ذڪر اچڻ لازمي آهي.
کان وڇوڙي ۽ ورهاڱي سبب آيل مصيبتن، دردن جو ذڪر ۽ مهيش جو درد
آواز:

”سنڌ جو اڳوڻو شان عجيب هئو،
راحت هئي جڏ راضي رب هئو،
هندو مومن رهندو گڏ هئو،
هڪ ٻئي کي ڏيندو سڏ ۾ سڏ هئو.“

اُتي ڳهڻو وقت اڳہ شروعات ۾ ان گيت جي رچنا سان گڏ عقوبتن جو ذ
جاتيءَ سان آپ بيتيءَ جو چتر چٽڻ ۾ ڪجهہ سٽون اهڙيون لکيون ويئون
دردناڪ درشين جو احساس ڪرايو (اهي سٽون ڪٽيون ويئون هيون ۽ ماستر صاح
بہ ڳائڻ بند ڪيون هيون- سمپادڪ سينسر نہ ڪري تہ مهرباني)

”جن ٿي اسان وٽ ڀاريون پاتيون،
تن جي اکيان اچ ننگيون چاتيون.“

”مالڪ تون درد ڪٽيندين ڪين ڇڏيندين
هر هنڌ هر حال ۾ رانول رهبر ٿيندين.“

ان سان گڏ لڏپلاڻ جو ذڪر جو لاجواب گيت بہ مهيش محفل ۾ ٻڌائي ٿ

”ڇڏي زندهہ پير ۽ سکر ساڌ ٻيلو،
وسڻ گهوٽ روچل ۽ ٺاروشاهہ جو ڏيرو،
جدائيءَ سندو داغ ڏيندا وڃن ٿا،
پر ڀکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا پر ڇڏيندا وڃن ٿا.“

مشهور ۽ فرمائشي گيتن ۾:


”هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌ منهن هيڏي ڪري
جو ٿو يار رهين مونکان ايڏو پري.“

سک ۾ او سک ۾ سکيءَ کي ڪين سڪاء او سنهارا،
سڻ حال مئيءَ جو هيڻو حال مئيءَ جو.“

”تون مڃين يا مڃان برسات جون راتيون هڄن.“

ماستر چندر پنهنجي ڳائڪيءَ ۾ گيتن، ڪافين، ڏوهيڙن، ڪلامن و

(17)



منهنجو ياءُ مهيش چندر

- گوپ چندر (نيويارڪ)

مهيش چندر سنڌي جاتيءَ جي شيوا ۾ سڄي زندگي صرف ڳايو آهي، سنگيت سان ئي هر کيتر ۾ ڪافي مشهور آهي. دنيا جو ڪهڙو شهر آهي جنهن ۾ هي شخص نہ ويو آهي. آمريڪا جي خاص خاص شهرن ۾ جتي بہ سنڌي ۽ هندي اردو ڳالهائيندڙ آهن اُتي وڃي موڄ لڳائي اٿس جهڙوڪ نيويارڪ، نيوجرسي، واشنگٽن، ڊيٽرائٽ، فلوريڊا، چڪاگو، لاسائنجليس (جارجيا)آئٽلانٽا-ڪريبن آئلنڊ جي ننڍن شهرنسڪانسن سينٽ مارٽن پورٽريڪو، سين ٿامس باسيٽن سيني هند سنڌي ائسوسيئشن آهن جن جي دعوت تي ٦ دفعا ڪن اچي چڪو آهي. خاص سنڌ جي مسلمان جي سنڌي سنسٿا(SANA) سنڌي ائسوسئيشن آف نارٿ آئمريڪا وارن نيويارڪ ۾ سنڌي سميلن جوهر سال (July 4th) واري هفتي جمع ڇنڇر آتوار ڏينهن پروگرام Statevise هر اسيٽيٽ ۾ هر سال سنڌي مسلمان سنڌيءَ ۾ پروگرام ڌوم ڌام سان ڪندا آهن جن ۾ ڪجهہ هندو سنڌي بہ ميمبر آهن. انڊيا ۽ پاڪستان مان آيل هندن پڻ مهيش چندر جو خاص پروگرام رکيو جڏهن نيوريارڪ سنڌي سميلن هو. سنڌ ۾ پڻ ماسٽر چندر صاحب جو جنم هر سال مهايو ويندو آهي- مهيش چندر جا سنڌي غزل ڪلام سنڌ ۾ پڻ ڳوٺ ڳوٺ ۽ هر هوٽل تي وڄندا رهندا آهن-ڪئناڊا ۾ پڻ گهڻن شهرن ۾ ٽورنٽو اوٽوا مانٽريل ائڊمينٽن ونيپيگ ڪئلگري -MANTRIAL ,EDMONTUN،WENNIPEG -CALGIRI- Vancoer Hamilton Reigna TORONTO -OTAWA. مهيش نہ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ پر اردو زبان ۾ پڻ غزل ڳائڻ لاءِ قابل آهي. سنڌي Tape, C-D Audio سنڌي ۽ اردو ۾ تمام گهڻي انداز ۾ نڪتل آهن. ڳائڻ سان گڏ هڪڙو بهترين (Number one) Music DIRECTOR - Composer پڻ آهي. هن وقت

وقت عام طبلو وڄائيندڙ ساڻ نئو ڏيئي سگهي ته به مهيش پنهنجي ماڌر
آواز جي گهرائيءَ سان سُر جي پڪڙ کي نئو ڇڏي.

ڪامرشل ميوزڪ دل کي ڇهي نئو انڪري مهيش جو هميشه لاڙو لوڪ سنگ
طرف آهي، جيڪو شاستريه سنگيت جي پيدائش آهي جنهن ۾ مدرتا آه
سوز آهي ۽ اهو سوز ئي آهي جيڪو دلين تي راڄ ٿو ڪري، جنهن سان مه
گهڻن ڪلاڪن تائين ڳائيندي ڳائيندي سموري محفل کي قبضي ۾ رکڻ
اپار شڪتي رکي ٿو جيڪا هِئي جي وس کان ٻاهر آهي ۽ اهڙو ڳائڪيءَ جو
جڏهن ڇٽي ٿو ته سيني کان آر پار وڃي ٿو.''



رويندر جين
(ميوزڪ ڊائريڪٽر)

مان پهريون دفعو مهيش چندر کي ٻڌو جڏهن مان ڪلڪتي ۾ ره
هوس. اُن وقت هن جو فلم ''مئخانه'' ۾ ڳايل گيت ''اڪ شب ڪي مس
هئن هم تو...'' بيحد مشهور هو. مونکي اهو ايترو پسند هو جو هن گ
کي اڪثر مان پنهنجي ڪاريه ڪرمن ۾ ڳائيندو هوس. اُن کان پوءِ بمب
۾ جڏهن فلمن ۾ ميوزڪ ڏيڻ لڳس تڏهن به هن گيت جي ڪري ئي مئ
جي ميوزڪ ڊائريڪٽر پوشڻ مهتا کي مون پنهنجو اسسٽنٽ بڻايو. مو
سچ پچ اهو افسوس اڃا تائين رهيو آهي ته مان مهيش چندر کي پنهن
فلمن ۾ ڳارائي ڪونه سگهيس. دراصل هڪ به دفعو جڏهن هن کي ڳارائ
اتفاق ٿيو ته خبر ملندي هئي ته مهيش چندر ولائت ۾ ڪاريه ڪرمن ۾
آهي پر مان هن جي آواز جو قدردان اڳ به هوس ۽ هينئر به آهي
سندس عزت ۾ ڪتاب ڇپجي رهيو آهي تنهنجون مان ڪيس واڌايو
ڏيان.



(18)

منهنجو سنڌي سنگيت سان ناتو

- مهيش چندر

سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر جوفرزند هئڻ ڪري، منهنجي ڪنن پهريون آواز ”سنڌي سنگيت“جو ئي ٻڌو. آهستي آهستي جيئن مان وڏو ٿيڻ لڳس تيئن پتا صاحب منهنجي سنگيت ڏانهن رُچي ڏسي مونکي شروعات ۾ ڪلاسيڪل سنگيت سان گڏ سنڌي ڪلام ۽ سنڌي راڳڻين ۾ ڏوهيڙا ياد ڪرائي مونکي پنهنجي پروگرام دوران ڳارائيندا هئا. قدرتي آواز ۾ تياري هئڻ ڪري فلمي غزل ۽ ڏکيا ڪلاسيڪل گيت بہ آسانيءَ سان ڳائي ويندو هوس. غير سنڌي اُستاد بہ مونکي پيار سان سيکارڻ لڳا ۽ ائين ١٦-١٥ سالن جي عمر ۾ ئي مان هنديءَ سنڌي غزل گيت ڳائي Compose بہ ڪرڻ لڳس.

لتا منگيشڪر ۽ پتا صاحب جي سفارش سان ١٩ سالن جي عمر ۾ H.M.V ڪمپنيءَ منهنجو پهريون اڙدو غزل جو رڪارڊ ١٩٦٥ ۾ ڪڍيو ۽ يڪدم مونسان ڪمپنيءَ وارن ١٢ سالن جي Agreement ڪئي جنهن موجب ڪمپنيءَ وارن ڪي سال ۾ منهنجي چئن گانن جو (گهٽ ۾ گهٽ هڪ) EPE رڪارڊ ٻاهر ڪڍڻو ئي هو.

ان دور ۾ پڻ هندي ۽ سنڌي گيت غزل Compose ڪري محفلن ۽ پروگرامن ڳائيندو هوس.

پروڊيوسر N.C. Sippy جي گهر ۾ پروگرام دوران مون پهريون دفعو هيءَ سنڌي ڪافي ”سڄ اُڀر تون شل رات هجي“ ڳائي. اُتي Hiro Music shop جي مالڪ گوپالداس خاص H.M.V جي Mr. G.N.Joshi کي هيءَ سنڌي ڪافي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ چيو ۽ زور ڏنو. ائين هيءَ سنڌي ڪافي ١٩٦٩ ۾ H.M.V طرفان پهرئين سنڌي EPE رڪارڊ جي صورت ۾ ٻين ٽن ڪافين سان گڏ ٻاهر آئي ۽ هن پهرئين سنڌي EPE رڪارڊ ڪافي شهرت حاصل ڪئي. ائين سنڌي EPE رڪارڊ جو سلسلو شروع ٿيو. H.M.V رڪارڊن، ريڊيو ۽ T.V طرفان ٻئي جيڪي تمام

سنڌين ۾ نمبر ا ڪلاڪار آهي Sindhi مسلمانن مهيش چندر کي سند
ڪلامن سان گڏ ماسٽر چندر صاحب جي غزل ڪلامن جي فرمائش ڪئي
ڪلاڪلاڳيتو ڪين وندرايو واھ واھ يار چندر جو سڪون لاٿيون اَٿئي
پاڪستان اَچڻ جي ڪوٺ ڏنائون.

سڄي دنيا ۾ جتي سنڌي آهن انهن وٽ مهيش جو ڪئسيٽون سي
Tape-C-D'S ڪافي انداز ۾ آهن سنڌ ۾ هن وقت آبدا پروين چڱو
ڪڍيو آهي. مهيش ۽ آبدا پروين جي ملاقات ڏُبئي شهر ۾ موتي پرڪاش
ٿي. محفل ڪافي دلچسپ ۽ يادگار رهي. جتي آبدا ماسٽر چندر صاحب
اُستادُ جي عزت ڏني ۽ سنڌي غزل گيت ڪلام ڳائي پاڻ کي مشهور ڪ
شروعات ماسٽر چندر جي ڪلام سان ڪري ڪافي مشهوري حاصل ڪئي. مهي
چندر کي ملي تہ ڪيس ائين لڳو جڻ سائين ماسٽر صاحب جن سان گڏي
مهيش چندر جي گائڪيءَ غزل اسٽائيل ۽ مني آواز کي ڏاڍو ساراهيو. ائ
لڳو جڻ سندن هڪ دل جي مراد پوري ٿي اهو پڻ هڪ سنڌي سنگيت
سنگم ٿيو. ❑

ڳوٺجهي ويو. ڍالرن جي ڇڻ برسات وسي ويئي، سنڌي سنگيت ۽ پتا صاحب جي ڪلام لاءِ ايترو پيار ڏسي مان به ايترو ڪوٺجهي ويس جو ساندهه ڳائيندي ٢- ٣ ڪلاڪ ڪيئن گذري ويا خبرئي ڪانه پيئي ۽ هن پروگرام جي Audio ۽ Video ڪئسيٽ ڪيترن هند ۽ سنڌ جي سنڌين وٽ پهچي چڪي آهي.

ڳائڪ ڪلاڪار ڪانسواءِ مان آڪاشواڻي ۽ دوردرشن ۾ ميوزڪ ڪمپوز طور به ڪافي ڪم ڪري چڪو آهيان. آڪاشواڻي پاران پهريون ''سنڌي ڪافين جو فيچر'' جنهنکي مون ڪمپوز ڪيو، يعني جن جو سنگيت مون ڏنو ۽ انهن مونکان سواءِ جن ڳائڪن کان مون ڳارايو سي هئا منادي، مهيندر ڪپور، ڪملا جهانگياڻي، ڪُسم ڪندن ۽ آسڪرن شرما.

سنڌين جي وڏن وڏن ڪاريه ڪرمن ۾ به غير سنڌي مشهور پلي بئڪ سنگرس کي سنڌي ڪافيون ياد ڪرائي، سنڌي سنگيت کي هندستان ۾ مشهور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڳائڪ ڪلاڪار جيڪي منهنجون سيڪاريل سنڌي ڪافيون پروگرامن ۾ هندستان ۽ ٻاهر ولائت ۾ ڳائيندا رهندا آهن سي آهن: آشاڀونسلي، انوپ جلوٽا، مهيندز ڪپور، سلڪشڻا پنڊت، ڪويتا ڪرشنامورتي ۽ انيڪ ٻيا ڪلاڪار.


ٻلو سي راڻي، سي ارجن ۽ ٻين سنڌي موسيقارن جي سنگيت ۾ فلمي ۽ غير فلمي ڪئسيٽ ۾ پڻ ڪيترائي ڳيت مان ڳائي چڪو آهيان. انهن مان خاص طور سان فلم ''شل ڏيئر نه جمن'' ۾ سي ارجن جي سنگيت ۾ ڪملاڪيسواڻيءَ سان Duet ''سر جي سانگو لاهي'' ۽ ٻلو سي راڻي جي سنگيت ۾ واسديو 'نرمل' جي لکيل غزل، CBS ڪمپني جي ڪئسيٽ ۾ ''تنهنجي تصوير ڏسي دل لٽائي وينس'' مونکي خاص طور سان بيحد پسند آهن.

سنڌي سنگيت ٻين لوڪ سنگيت جي ڀيٽ ۾ اهڙو سنگيت آهي جنهن ۾ روحداريءَ سان گڏ ڪلاسيڪل ڳائڪيءَ جو اوترو ئي دخل آهي. انڪري سنڌي راڳڻين ۽ ڪافين کي نباهڻ لاءِ سنگيتڪار کي پهريون سنڌ جي زمين سان تعلق هئڻ ضروري آهي ۽ ٻيو ڪلاسيڪل سنگيت ۾ بي پناهه ڄاڻ ۽ رياز. سنڌي ڪافيءَ کي ڳائي نباهڻ لاءِ آواز ۾ سوز ۽ تياريءَ جي خاص اهميت آهي. انڪري سنڌي ڪافيءَ کي ڪلاسيڪل ڳائڪن جنجو سنڌ جي زمين سان به تعلق هو جهڙوڪ خان صاحب عاشق علي پوءِ انجي شاگرد خانصاحب بڙي غلام عليءَ به H.M.V ۾ خاص سنڌي ڪافيون رڪارڊ ڪيون. جهڙو '' پل پل ۾ ياد پون ٿيون مارن منڙيون ڳالهڙيون'' مطلب هر وڏي ڳوئيي ۽ سازيندڙن سنڌي ڪافيءَ کي وڏي پيار سان استعمال ڪيو.

مشهور ڪافيون ۽ غزل پيش ڪيا جنهن فرمائشون منهنجي پروگرامن تي ڏيند
رهنديون آهن. انهن مان خاص طور سان جيڪي ڪافيون آهن جهڙوڪ ''
مستن جا ڪم پاڻ ڪري'' ''دلبر جي درتي ڪيئن وڃان، ڪڙ ڪڙ ڪرڻ
آمنع'' يا شاعر پريو وفا جا لکيل ''منهن موملَ - جو محبو باٺو لڳندو آ'' ۽ برس
جي آ موسم'' وغيره.
آڪاشواڻي طرفان سڄي هندستان جي شهرن ۾ سنڌي ڪنسرٽ ۾ مان خا
طور سان شريڪ ٿيندو رهندو آهيان. ريڊيو جي رڪارڊنگس دوران پتا صاحب
لکيل ڪلام ڪانسواءِ مونکي خاص طور سان ٻين پنهنجي پسنديده شاعرن جا
۽ ڪافيون ڳائڻ جو بہ گهڻو موقعو ملندو آهي. ريڊيو طرفان جيڪي مشهور ڪ
آهن ان ۾ ليکراج عزيز جو غزل ''دل لڳائڻ جي گهڙي ۽ سوزي الفت ياد
ارجن'حاسد' جو غزل ''حال اوريون اڄي جي رات رهين''، ايم. ڪمل جو
''ملڻ ئي موڪلائڻ جون ڳالهيون'' ۽ پتا صاحب جون ڪافيون ''اسان درد
ياري لاتي آ'' ۽ '' هڪ عشق اسانکي بس آهي.'' قابل ذڪر آهن - سنڌي ڪئس
انڊيابڪ هائوس جي گوبند مير چنداڻي'' طرفان ''سڄ ايرن تون'' جي le
سان پهريون دفعو نڪتي سا ئي Title سان IND Music وارن بہ ڪڍيو. تازو os
ڪمپنيءَ وارن سنڌي ڪئسيٽ رليز ڪئي جنهن ۾ مان پتا صاحب جي ڪافين
ڳايو آهي ۽ جنهن جي Volume II جي بہ رڪارڊنگ ٿي ويئي آهي.
پتا صاحب سان گڏ ڪاريہ ڪرمن جي دوران يا پنهنجي ڪاريہ ڪرمن
دوران سڄي دنيا ۾ جتي ٢٥-٢٠ گهر سنڌي جا هئا اُتي بہ وڃڻ ٿيو ۽ سن
سنگيت سان ئي سنڌين جو پيار ڏٺو ۽ اسان سنڌين کي سنڌي راڳڻين ۾
انهن کي خوش ڪيو. هندستان کان ٻاهر ٤٠ دفعا صرف سنڌين جي ڪوٺ
پنهنجا سنڌي سنگيت جا پروگرام ڏئي چڪو آهيان. سڄي آمريڪا ۽ ڪئ
سڄو يورپ ۽ West افريڪا، جپان کان ڪولبو ۽ جاڪارتا، سينگاپور،
بئنگڪاڪ، لاس پالماس، دبئي وغيره مطلب ڪا - اهڙي سنڌي سنسٿا ڪو
جنهن مونکي نہ گهرايو هجي - چار چار دفعا بہ انهن شهرن مان ٿي آيو آهي
سنڌ وارن بہ لنڊن ۽ آمريڪا ۾ منهنجا گهڻئي ڪاريہ ڪرم رکيا - تازو سال
August ۾ سنڌ وارن جي سنسٿا SANA طرفان آيوجت ''لطيف ڏينهن'' نيوي
۾ هڪ وڏي هوٽل ۾ ملهايو ويو، جتي هزارين سنڌ ۽ هند جي سنڌين شر
ڪئي - پنهنجي موسيقيءَ جو پروگرام اڃا پتا صاحب جي مشهور ڪافي ''
۽ سنگت جو يار سڳو.'' شروع ئي ڪيم تہ سنڌين جي داد ۽ تاڙين سان

19

سنڌي غزل گائڪي



- مهيش چندر

مان ننڍي هوندي پنهنجي پتا صاحب ماسترچندر جي اڏ چڪي سنڌي ڪافيون ڳائيندو هوس ۽ گڏوگڏ ڪلاسيڪل سنگيت جو رياض به ڪندو رهندو هوس. جوانيءَ ۾ پير پائيندي پائيندي اردو غزل دل کي ڪشش ڪرڻ لڳو ۽ اردو غزل ڳائڻ لڳس. صرف ويهن ورهين جي عمر ۾ منهنجي ڳاتل اردو غزلن جو پهريون رڪارڊ .H.M.V طرفان ڪڍيو ويو. اُهو نهايت ئي لوڪ پريه ثابت ٿيو. ان ڪري مون کان هڪ ڪانٽرئڪٽ ١٢ سالن جو ڪانٽرئڪٽ، .H.M.V وارن صحيح ڪرائي ورتو. اُنهن ١٢ سالن جي دوران منهنجا ڪيئي اردو غزلن جا رڪارڊ .H.M.V طرفان رليز ڪيا ويا جي ڪافي مقبول ٿيا. ان جو مکيه ڪارڻ اهو هئو ته اُهو غزلن جو دؤر هئو. پوءِ به پتا صاحب ماسٽر چندر جي آگيا جو پالن ڪندي ٻه EPE رڪارڊ (ڪل اٺ گيت) سنڌيءَ ۾ به ڪڍايم. پر گهڻو لاڙو اردو غزلن ڏانهن ئي رهيو. ان ڪري هڪ ڏينهن منهنجي پتا صاحب تنبيه ڪندي مونکي چيو، ”تون سنڌيءَ ۾ ڳاءِ. سنڌي لوڪ سنگيت کي گهٽ نه سمجهو. هڪ ڏينهن ايندو جڏهن تون به اهومحسوس ڪندين.“ پتا صاحب جي وائي سچي نڪتي. آهستي آهستي سنڌي سنگيت ڏانهن لاڙو وڌڻ لڳو. اڄا تائين سنڌي ڪاريه ڪرمن دوران ساندهه ٻه ٽي ڪلاڪ پتا صاحب ۽ ٻين شاعرن، درويشن جا ڪلام سنڌي سُرن ۾ ڳائيندي، بيحد خوشي محسوس ڪندو آهيان. اردو غزل نئين طرز سان پيش ڪرڻ جو شوق ته قائم آهي. منهنجا ڪيترا ئي ادب نواز دوست توڙي منهنجا شاگرد اڄا به مونکي ياد ڏياريندا رهندا آهن ته غزل کي لوڪپريه بڻايان. ان ڪري هڪ نئون پروجيڪٽ هٿ ۾ ڪنيو اٿم جنهن ۾ روايتي صوفي غزل ڪمپوز ڪري ڳاتا اٿم. جن ۾ ڪن اهڙن شاعرن جا به غزل چير ڪنهن ڳاتا هوندا، اهڙن شاعرن ۾ ’اصغر گونڊي‘ اچي وڃي ٿو جو مشهور شاعر جگر مراداباديءَ جو اُستاد هو. اهڙن پروجيڪٽس جي دوران به مون سنڌي سنگيت

اڄ مان ڪن اهڙين سنڌي راڳڻين جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس، جنڪي م
پتا صاحب ڪان سڪي ڳائيندو رهيو آهيان. حالانڪ مان اردو غزل جي طرزن
به ڪيترائي تجربا ڪري مان خود ۽ ٻين ڳائڪن کي به ڳارائڻ ۾ ڪاف
مصروف رهندو آهيان پر ذاتي طور مونکي جيترو سنڌي ڪافين ۽ انج
راڳڻين کي ڳائڻ ۾ لطف ايندو آهي، ٻيو ڪنهن به قسم جي سنگيت ۾
ايندو آهي. هيءَ ليکه به انڪري ئي لکڻ لاءِ قلم کنيو آهي جيئن هر سنڌ
ڳائڪ سنڌي راڳڻين کي ڳائي انجو مزو وٺي ۽ انسان گڏ سنڌي سنگيت ک
به زنده جاويد رکي سگهي.

''سنڌي راڳڻيون ۽ لوڪ گيت'' گهڻن ئي نمونن ۾ ڳايا ويندا آهن جيئن
ڪافيون، ڪلام، ڏوهيڙا، دوها، وايون، وارتائون، لاڏا، لوليون، الڪ اوراٺا، پنجڙ
گيت، سامي ساکيون ۽ بيت اُهي سڀني راڳڻين ۾ ڳايا ويندا آهن پر اڪثر
سنڌي ديسي راڳ ۾ ڳايل لوڪ گيت ماکيءَ وانگر مٺا لڳندا آهن.

راڳ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن هڪڙا مارڳي ۽ ٻيا ديسي - مارڳي راڳ انڪي چئ
آهي، جنجو شاستريه ۾ ذڪر ڪيل هوندو آهي. انهنجو باقاعدي وادي، سموادي
آروه ۽ آوروه، ڪومل ۽ شڌ سرن کي شاستريه ۾ ڏيکاريل هوندو آهي.

ٻيا ديسي راڳ ٿيندا آهن جيڪي اسانجي سنتن مهاتمائن، درويشن ۽ رندن فقير
ايجاد ڪيا آهن. انهن مارڳي راڳن مان ميناڻ ڪڍي ديسي راڳ تيار ڪيا ويا آهن.

گهڻو ڪري بيت ۽ شعر به ماترائن جي حساب تي ٺاهي ڳائيند
آهن. انهنجو بحر وزن ماترائن جي آلاپ تي ٻڌل هوندو آهي. حالانڪ قافي
رديف قائم رهندو آهي، هو بيت کي ٽڪو نه ڪندا آهن پاڻ سنو ڪندا آهن
ڀلي الف ۽ واءُ ڪاجي وڃي ته ڪاجي وڃي پر اُهي سڀ بيت ديسي راڳ ت
ڳائيندا آهن. انهن راڳڻين جا نالا آهن ليلا چنيسر، لوڙائو، راڻو، مارو، ڍول مار
ڪافي ٺاٺ جو ڪاپاٺي، ڪوهياري، حسيني، ڪيدار ٺاٺ جو ڪاريهر ۽ ڪام
بئراڳي، بسنت، جوڳ، پرڀاتي، ڏهر ۽ اسانجي سنڌ ڀئروي، پهاڙي وغيره.
مان فقط چند راڳ جنڪي خاص سنگيتڪارن استعمال پئي ڪيو آهي، لکان ٿ

اهي راڳ جيڪي سنڌي آهن خاص نج سنڌي راڳ، جنجي جاڻ
پر ڪ ورلي ڪنهنکي هوندي آهي ڇو ته اهي خاص درگاهن، خانگاهن، درٻارين
جاڳرتو ڪري ڳايا ويندا آهن. اها جنجي ڪا صحبت ڪيل هوندي تن کي جاڻ هوندي
پتا صاحب سنتن درويشن جي آستانن تي راتين جون راتيون جاڳي سنڌي راڳڻ
ڳائيندا رهيا. پتا صاحب وٽان مان سکي ڳائيندو رهيو آهيان. ❑



20

سھڻا سنڌي

- مھيش چندر

آءٌ تہ ننڍپڻ کان ئي سنڌي سنگيت ۽ سنڌي جنتا سان جڙيل رھيو آھيان. تقريبا اٺن سالن جي عمر کان پنھنجي پتا، سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر جي صحبت ۾ نہ صرف ھندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ، بلڪ ھندستان کان ٻاھر بہ سنڌي سنگيت جي ڦھلاءَ لاءِ رڌل ڪندو رھيس. مدراس جي ڀَر ۾ سليم ۽ بھار ۾ ڏنباد؛ جتي صرف چاليھارو ڪن سنڌي مس رھندا ھئا، اُتي بہ وياسين تہ ٽوڪيو، منيلا، سينگاپور ۽ ھانگ ڪانگ بہ گھمياسين. ھيءُ اُھي ڏينھن ھئا، جڏھن سنڌين جو ڪوبہ ميلو، ورسي توڙي اُتسو ماسٽر چندر جي موجودگيءَ کانسواءِ اڻپورو ھئو. ماڻھن ۾ بہ سنڌي سنگيت لاءِ ايترو چاھ ھئو، جو ھرھنڌ انبوہ اچي مڙندا ھئا ۽ فرمائش مٿان فرمائش پيئي پوندي ھئي. ماسٽر چندر جا لب لرزش ۾ اچڻ سان ھزارن جي ميڙ ۾ بہ بلڪل خاموشي ڇانئجي ويندي ھئي. ھڪ ھڪ شخص جڻ انھن سنڌي راڳن ۽ راڳڻين مٿان مفتون ھوندو ھئو.

گذريل ھہ ادائي ڏھاڪا نہ صرف سنڌي سنگيت، پر پوري سنڌي تحريڪ لاءِ تڪليف‌دہ رھيا آھن. ڪڏھن ڪڏھن تہ بيحد نراشائي ڇانيل رھندي ھئي؛ جو ھينئر وري تازو ڪجھہ سالن کان اسان جي نوجوانن ۽ نئين پيڙھيءَ ۾ پنھنجي نج سنڌي سنگيت لاءِ شوق جڻ ھڪ نئين سِري سان جاڳي اُٿيو آھي. ڪٽني، گونديا، احمدنگر، ڀوساول جتي ھروڀرو تمام وڏا سرمايدار سنڌي بہ ناھن پوءِ بہ اُتي جي نوجوانن ۾ ھينئر اسان ڪلاڪارن کي خاص دعوت ڏيئي گھرائڻ شروع ڪيو آھي. ميڊيا توڙي اليڪٽرانڪ ساڌنن جي ميڙ ۾ بہ اُنھن ۾ نج سنڌي سنگيت لاءِ مون ھڪ دفعو ٻيھر، منجھن ڏاڍو چاھ ڏٺو آھي. ھنن ۾ اِنتظام بہ وري ايڏو تہ بھتر ھوندو آھي جو راڳہ شروع ٿيڻ سان اصل ڪنھن کي بہ ڳالھائڻ جي جڻ اِجازت ئي ڪونہ ھوندي آھي. جڏھن آداب ۽ تميز ايڏي جو منچ تي ڪلاڪار کانسواءِ ڪو اليئنيئر بہ نظر نہ ايندو. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ بمبئي ۽

کي کونہ وساريو آهي، مون سنڌي غزل بہ اردو غزلن جيان عام سنڌي جنتا
لوکپريہ بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، اُن جو بهترين مثال آ
ڀرپو 'وفا' صاحب جي غزل 'منهن موهن جو محبوباڻو لڳندو آ'. ان غزل ڳائڻ
وَر وَر ڪري فرمائش ڪئي ويندي آهي. ان کان سواءِ تازو مقبول سنڌي شاعرن
اٺ غزل ڪمپوز ڪري الڳ الڳ فنڪارن کان ڳارائي، ماسٽر چندر سنڌي اڪاڊ
۽ انڊس انڊ فائونڊيشن طرفان هڪ ڪئسيٽ رليز ڪرائي اٿم. جلد ئي هڪ
ڪئسيٽ بہ تيار ڪرائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو اٿم. (جنهن کي 'سنڌي سڄ
هانگہ ڪانگہ وارا اِسپانسر ڪري رهيا آهن) جنهن ۾ ڀيا بہ ائين مشهور شاعرن
اٺ مشهور غزل شامل ڪيا ويندا. اهو چوڻ ان ڪري ضروري ٿو سمجهان، جو
سنڌي سنگيت پريمي ان حقيقت کان شايد اڻڄاڻ آهن تہ اردو زبان جي
سنڌيءَ ۾ بہ ڪافي دلڪش غزل لکيا ويا آهن ۽ اڃا بہ لکجن پيا جن ۾ ڀرپو
واسديو نرمل، ارجن حاسد، ايم. ڪمل، ڪرشن راهي، ڊاڪٽر ارجن شاد، ڊا
ارجن سڪايل وغيره جا نالا قابل-ذڪر آهن. منهنجي اها ئي ڪوشش ڪئي ر
آهي تہ اِنهن شاعرن توڙي ليکراج عزيز، سڳن آهوجا، پرسرام ضيا، وغيره جه
نر شاعرن جا چونڊ غزل ڪمپوز ڪري خود بہ ڳايان ۽ ٻين فنڪارن کان ڳار
سنڌي غزلن کي عوام ۾ مقبول ڪرايان.

جهونن سنت ڪوين، الڳ الڳ سنڌي سُرن کي ڌيان ۾ رکي ڪافيون لک
آهن، جي ڪافي لوکپريہ آهن، منهنجي اها ڪوشش رهندي تہ انهن سُرن
نئون انداز ڏيئي، اهڙي نموني پيش ڪريان، جيئن اُهي ٻڌي نئين سنڌي
توڙي غير سنڌي متاثر ٿي سگهن. ان مقصد جي برئوابيءَ لاءِ، اڄ جي مق
سنڌي شاعرن کان لوکپريہ سنڌي سرن تي نوان ڪلام لکائي اهو اصلوڪن
جي آڌار تي، نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

ڪندي سنڌي ميدان کي سرسبز ڪري رهيو آهي... شانتي هيرانند ۽ آسڪرن شرما سچي عمر سنڌيت ڏانهن لاپرواه پئي رهيا هئا. اُهي ٻئي طرف ويجهڙائيءَ ۾ سنڌي ڪلاڪارن جي سنڌي ڌنوانن پاران سرپرستي ٿيندي ڏسي سنڌيت جي ميدان ۾ گهڙي آيا آهن...."

(پوپٽي هيراننداڻي)

آءٌ پوريءَ طرح پيڻ پوپٽي هيرانندانيءَ جي تائيد ڪريان ٿو. مونکي اردو غزل گائڪيءَ ۾ نہ صرف مقبوليت، پر هڪ وڏي مارڪيٽ ملي سگهي ٿي. پر اِهو سڀ ڪجهہ منهنجي فطرت جي خلاف آهي. پتا صاحب، ماسٽر چندر جيان سنڌي سنگيت منهنجي رڳن ۾ گردش ڪري رهيو آهي. آءٌ ڏهاڪن کان سنڌي سنگيت سان جڙيو رهيو آهيان. مونکي اِهو چوندي فخر جو احساس ٿي رهيو آهي تہ آءٌ مڪمل طور پنهنجو پاڻ کي سنڌي سنگيت سان واڳي ڇڏيو آهي ۽ روزي روٽي بہ اُتان ئي حاصل ڪندي هر طرح سان سنڌي سنگيت کي آباد ڪرڻ جو جتن پئي ڪيو آهي. ''سُر چندر جا'' ۽ ''سُر نوان-نغما نوان'' سِري سان پروگرام آيوجت ڪندي نہ سنڌي طرزن سان سنڌي سنگيت ۽ ثقافت کي مشهور ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

آءٌ سنڌي سنگيت کي پيڙهي بہ پيڙهي اڳتي وڌائڻ لاءِ الائي ڪيترا شاگرد پيدا ڪيا آهن. پايل بنيجا، پوجا بنيجا ۽ پيا گهٽيئي نالا وٺي سگهجن ٿا، جن سان هيءُ سنڌي سنگيت جو خزانو عوام ۾ زنده جاويد رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش پئي ڪئي آهي.

هتي هڪ اهم ڳالهہ ڏانهن اِشارو ڪرڻ واجب ٿيندو تہ بمبئيءَ جا ڪيترا ئي سنڌي بانيڪار ۽ سنسٿائون پنهنجي پنهنجي منهن تي الڳہ الڳہ منسٽرس، توڙي چيف مسٽر کي گهرائي ڪيس وڏي عزت پئي ڏني آهي. پر راجيہ سرڪار طرفان چيف منسٽر ڪوٽا هيٺ ڏه سيڪڙو فلئٽ ڪلاڪارن کي ڏنا ويندا آهن. جنهن ۾ پنڊت جسراج، سلطان خان، سريش واڊڪر، ويندي منهنجي شاگردياڻي شوڀا جوشيءَ کي بہ ان ڪوٽا هيٺ فلئٽ مليا آهن پر مون جڏهن رسنديءَ وارن سنڌين معرفت اهڙي ڪوشش ڪئي، تمام ڊيٽا فراهم ڪئي؛ تہ هنن سي.ايم. کي هڪ فون ڪرڻ جي بہ تڪليف ڪونہ ورتي، حالانڪ ائين ڪرڻ هنن لاءِ تمام آسان هئو...


۱۹۹۸ع ۾ ان مهل جي پرڌان منتري اٽل بهاري باجپاءِ جي گيتن کي منهنجي

ڪجهه پين وڏن شهرن جي بئنڪارن ۾ اهڙو انتظام خير ڪو هوندو آهي. و
وڏا ڪلاڪار ڳهرائي هائوس فل ٿيڻ سان اسٽيج تي رڳو پاڻ ڏيکارڻ جي ڪوش
۾ لڳا پيا هوندا آهن. وري جي راڳ هلندي ڪو منسٽر يا ائڪٽر هال ۾ گهڙيو
هلندڙ پروگرام بہ بند ڪرائي تقريرون شروع ڪري ڏيندا. اهڙو ئي حال و
ٻاهرين ملڪن ۾ ٿيندڙ ڪجهه سنڌي سميلن ۾ پئي رهيو آهي. پين ڳالهين
لک پيا لُٽائيندا، پر ڪلاڪارن کي ڏيڻ لاءِ ڪين فنڊس جي ڪوتاهي هوند
آهي.

پر ان ساڳي دنيا ۾ ولائت جون بہ اهڙيون سنسٿائون ۽ سنڌن بئنڪار
آهن، جن کي ڪلاڪارن لاءِ ڏاڍي عزت پئي رهي آهي. دبئيءَ جا سنڌي سڄ
رام بخشاڻي، ناري ڳرسهاڻي ۽ موهن گيهاڻي تہ هانگ ڪانگ سنڌي ائسوسئيش
طرفان لال هرداساڻي ۽ نوتن تولاڻيءَ جهڙا سنڌي سنگيت جا دلدار؛ جيڪي
سال چيٽي چنڊ وغيره موقعن تي اڻن ڏهن ڪلاڪارن جي ٽولي گهرائي ڪين
طرح سان خوش ڪري چڏيندا آهن.

ٻي اهم ڳالهہ، جنهن جو اڄ ذڪر ڪرڻ چاهيندس تہ اڄ اسان وٽ انع
اڪرام بيحد غير معياري ٿي پيا آهن. سنڌي ڳائڪن کي لکين روپيہ انعام
ڏين پيا، پر اُن لاءِ چونڊ اهڙن شخصن جي ڪئي وڃي ٿي؛ جن جي سنڌ
سنگيت ۾ بلندي تہ ڇڏيو پر سنڌن ڪلا جي کيتر ۾ ڇڻ نہ جهڙو يوگدان پ
رهيو آهي. جاتيءَ جي اهڙي ئي ڪنسپئرنسي واري حالت تي طنز ڪند
پيڻ پوپٽي هيرانندانڻيءَ 'هندواسي' ۾ لکيو :

''.... اڄ هتي وينتي ڪرڻ ضروري ٿي سمجهان. اڄ سنڌي ڏنوان، ڪلاڪارن ۽ ساهتيڪارن کي سنمانت ڪري رهيا آهن. پر اُهي اِهو خيال بلڪل ڪين ٿا رکن تہ سنڌيت جي شيوا ڪندڙن کي ئي اِنعامن سان سنمانت ڪرڻ گهرجي، نہ تہ سنڌيت جي شيوا ڪندڙ ڪلاڪار نراس ٿي ٻين ٻولين جي شيوا ڪرڻ ۾ لڳي ويندا. مثلا، راني ڪرنا نرتيہڪار آهي، پر هوءَ تہ سنڌيت جي شيوا نٿي ڪري. ساڳئي نموني شانتي هيرانند، سڄي عمر غزل، ٺمري، دادرا ڳائي اردوءَ جي شيوا پئي ڪئي آهي. شانتيءَ جي پيٽ ۾ مهيش چندر، نج سنڌي آواز ۾ لفظن جي صحيح سنڌي لحظي سان 'سنڌي طرزن' ۾ سنڌي ڪلام ۽ گيت ڳائي ٿو. هونءَ مهيش غزل ڳائڻ ۾ ماهر آهي، پر پنهنجي پتا ماسٽر چندر جي نقش قدمي



(21)

ماسٽر مهيش چندر

- لال هرداساڻي

مهيش چندر سنڌين جو مايہ ناز مخملي آواز جو مالڪ ۽ لاڏلو ڪلاڪار آهي، جنهن ٣٥-٤٠ سالن کان وٺي پنهنجي پيءُ ماسٽر چندر جي نقش قدمن تي هلي سنڌي سنگيت جي شيوا ڪئي آهي. هن نہ صرف هند ۾ پر ولائت جي گهڻن ملڪن ۾ جتي سنڌي رهن ٿا اُتي بيحد ڪامياب پروگرام ڏنا آهن.

مهيش سان منهنجي واقفيت لڳ ڀڳ ٦٣-١٩٦٢ ڌاري ٿي. تن ڏينهن ۾ مان بمبئي ۾ ڪاليج وديارٿي هوس. اسين هر سال پنهنجي سوسائٽيءَ ۾ گرو نانڪ ۽ گرو گوبند سنگهہ جو جنم اُتسو وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا هئاسين ۽ اُنهيءَ سال اَسان ماسٽر چندر کي گهرائڻ جو ويچار ڪيو.

تن ڏينهن ۾ گوپال شرما نالي نوجوان، جو ڍولڪ ئي وڄائيندو هو ماسٽر صاحب جو سيڪريٽري هو. اُن جي معرفت ٥٠٠ رپين ۾ ماسٽر صاحب جو پروگرام طيءِ ڪيوسين.

اُن پروگرام ۾ ماسٽر صاحب پنهنجي فرزندن گوپ ۽ مهيش کي پڻ وٺي آيا ۽ کين ٢-١ گيت ڳائڻ لاءِ چيو هئائون. تن ڏينهن ۾ مهيش گهڻو هندي غزل ڳائيندو هو، تن ڏينهن جي اُها ملاقات آهستي آهستي دوستيءَ ۾ بدلجي ويئي ۽ اَجا ڏينهن تائين اَها ياراڻي قائم آهي.

١٩٧٢ ۾ مان اَچي هانگ ڪانگ وسائي ۽ ١٩٧٤ ۾ مهيش شادي ڪري هني مون لاءِ هانگ ڪانگ آيل هو. انهن ڏينهن ۾ ٦ آگسٽ ١٩٧٤ جي منهنجي پٽ ڪشور جو پهيون سالگراهہ هو ۽ مون گهر ۾ وڏي پئماني تي پارٽيءَ جو آيوجن ڪيو هو، جتي سڄي رات مهيش ڳايو ۽ سيني کي جهومايو. اَها پارٽي صبح جو ٦ بجي پوري ٿي. اُن جي ياد اڄ بہ منهنجي ذهن ۾ تازي آهي.

اُن کان پوءِ بہ مهيش ٢/٢ دفعا هانگ ڪانگ خاص پروگرام ڏيڻ لاءِ آيل آهي.

سنگيت سان ايڇ.ايم.وي. طرفان رڪارڊ ڪري رليز ڪيو ويو. اُنهن گيتن بيحد مقبوليت ملي ۽ منهنجي شاگرد پدمجا، جنهن اُهي گيت ڳايا، تنهن ’پدم شري‘ سان نوازيو ويو، پر سچ پچ جنهن مهيش چندر جي تخليق هئ تنهن لاءِ هيل تائين ڪنهن بہ سنڌي سچل ٻڙڪ بہ ڪونہ ٻولي آهي. اِن تي مشهور غير سنڌي ڳايڪ مونکي پاڻ فون ڪري چيو تہ، ”آپڪي سنڌي ي ڪيا ڪر رهي هئن.“

آءٌ پنهنجي هر سنگيت ڪاريہ ڪرم معرفت اڪثر سنڌي دانويرن ۽ سنڌ جي گهٽگهرن کي عرض پئي ڪيو آهي تہ مندرن ۽ اِسپتالن تي خرچ ڪرڻ گڏوگڏ جيڪڏهن سنڌي سنگيت، ڪلا ۽ ساهتيہ جي همٿ افزائي ۾ بہ پنهن هٿ وڌائين، تہ نہ صرف سنڌي لوڪ سنگيت، سنڌي راڳڻيون، پر شاه ڀٽائ سچل سائينءَ جو ڪلام بہ جيڪر گهر گهر ۾ ڳايو وڃي. سنڌي سنگيت ۾ ايڏي وشالتا ۽ گهرائي آهي، جو ڪيترن غير سنڌي گوين سنڌي پيروي، سنڌي ملت ڪافي ۽ ٻيون سنڌي راڳڻيون ڳائي مشهوري حاصل ڪئي آهي. تازو سنڌ سيٽيلائيٽ ٽي.وي. چئنل ’ڪي.ٽي.اين.‘ تي ’رنگ منچ‘ پروگرام هيٺ ماسٽر چندر جي تخليق ڪيل اصلي ڌن جو ذڪر پيو ڪيو وڃي، جنهن هندستان جي وڏن سنگيتڪارن نقل ڪري جڳہ پرسڌ گيت ٺاهيا آهن. آءٌ سا ئي خاندان ۾ جنم وٺڻ سان ماسٽر چندر واري ساڳي روايت اڳتي وڌائين سنڌي سُر ۽ ڪافيون آڊيو رڪارڊنگہ توڙي ٽي.وي. چئنل ذريعي ڦهلائڻ جي ممڪن ڪوشش وٺي رهيو آهيان. پر هيڏو سارو ڪم آءٌ اڪيلي سِر ڪيئن ڪ سگهندس؟ جيسين سنڌي دانوير پنهنجو هٿ وڌائي هن هيڏي ساري يگ منهنجي پوري پوري مدد نہ ڪندا! اڄ اسان جا ڪيترا ڳايڪ، سنگيتڪ شاعر بيحد ڪنسيئرنسي واري حالت کي وڃي پهتا آهن، جيڪڏهن دا اڄ اُنهن ڏانهن ڌيان ڏين تہ سچ پچ سنڌيت ۽ سنڌي ڪلا جو ڀرپور هندستان تہ ڇا، پر پوري دنيا ۾ وڏي شان مان سان ڪري سگهجي ٿو!



22

آمريڪا ۾ سنڌي سنگيت ۽ سيائون

- گوپ چندر

تازو مهيش چندر آمريڪا جي خاص شهرن ۾ ٻه مهنا ساندهه سنگيت جا ڪاريه ڪرم ختم ڪري واپس موٽيو آهي. مهيش چندر جي سورهين (١٦) وديشي سفر ۾ ۽ خاص طور سان آمريڪا جي چوٿين سفر ۾ هيءُ پهريون اتفاق آهي جو مهيش چندر کي سيني شهرن مان سنڌي سنسٿائن ئي گهرايو ۽ اتي هن سنڌيءَ ۾ ڳائي وندرايو. نيويارڪ، باسٽن جي ڏياري ۽ گرونانڪ ديو جنم دن جي اُتسون ڪانسواءِ ٽيڪساز ۽ ميڪسڪو بارڊر تي خوبصورت ننڍي شهر لورڊو ۾ سنڌين جي ٣٠ گهرن طرفان پريزيڊنٽ ناري مولچند ٻن محفلن جو آيوجن ڪيو. ورجينيا آئلنڊس جي ٽن ٻيٽن پورٽريڪو، سينٽ مارٽن، سينٽ ٿامس، جن کي سنڌي واپارين هانگ ڪانگ، سنگان،ءِ ٻين پاسن کان اچي وسايو آهي، اتي جي ائسوسئيشن پاران ٺاڪرداس واسواڻيءَ ٽن ڪاريه ڪرمن جو ٽن وڏين هوٽلن ۾ انتظام ڪيو. جتي سنڌين مهيش چندر کي خوب داد ڏنو. لاس ائنجلس جي سنڌي ائسوسئيشن جي پريزيڊنٽ شري ارجن سپيءَ ۽ شري ڪشن هنگو راڻيءَ سنڌين جو شاهي ميلو لڳايو. جتي مهيش چندر پروگرام جي دوران چيو تہ جيسين سنڌي راڳڻيون، سنڌي ڪلام ۽ سنڌي ادب زندهہ آهي، تيسين سنڌي ٻولي زندهہ آهي ۽ خود سنڌي زندهہ آهي. چڪاگو ۽ ٻين پاسي غيرسنڌين جي پروگرامن ڪانپوءِ آخر ۾ گيلسرگہ ۾ شري پرڪاش ٿانواڻي ۽ سندس ڌرمپتني ميرا ٿانواڻي (ڊاڪٽر) ننڍي خوبصورت هال ۾ هندي، سنڌي غزل جي شام جو پروگرام رٿيو، جتي آس پاس جي ٻين شهرن مان پڻ ڪيترائي سنگيت پريمي شامل ٿيا. نيو جرسي شهر جي ''سانجهہ'' سنسٿا جي رٿيل پروگرام ۾ پڻ مهيش چندر خوب رنگ جمايو ۽ رميش ريلومل هيمراجاڻي (جئہ هند آئل ملس وارا) ۽ رميش واسواڻيءَ (نياٽو پريو وفا) اڻٿڪ محنت ڪري پروگرام ڪامياب بڻايو.

هن سال ئي چيٽي چنڊ جي موقعي تي سنڌي سڄڻ سنسٿا جنهن جو م

نوتن تولاڻي فائونڊر آهيون، جي طرفان مهيش کي خاص نينڊ ڏيئي گهرايو

جتي هن ٻين ڪلاڪارن سان گڏ INDIA CLUB ۽ هندو مندر ۾ زبرد

پروگرام ڏنا جي ڪافي مقبول پيا.

ٻاهر جي ملڪن ۾ سنڌس ڳايل غزل ڪان وڌيڪ سنڌس پتا ماسٽر چندر

ڳايل گيت ۽ عاشقي قسم جا گانا عام ۾ ڪافي مقبول آهن جي هينئر هو پروگ

۾ ڳائيندو آهي ۽ داد حاصل ڪندو آهي.

اَڄ جي باقي بچيل سنڌي ڪلاڪار ۾ مهيش هن وقت سينئر ڪلاڪار ڪ

مڃيو وڃي ٿو. هن سال هانگ ڪانگ ۾ HINDU Association


PRESIDENT مسٽر K. Sitol ڪيس ماسٽر مهيش جو خطاب ڏنو ۽

اَعلان ڪيو تہ اَڄ کان پوءِ مهيش ماسٽر مهيش چندر جي نالي سان س

ويندو. اَسان دوستن جي اَها دعا آهي تہ شل هيءُ سٺو ڪلاڪار اَڃان بہ اڳ

وڪون وڌائي ۽ سنڌي سنگيت جي وڌيڪ شيوا ڪري جيئن اَڄ جي نوجوا

کي سنڌي سنگيت ۽ سيپتا جي ڄاڻ پوي. □



ڊاڪٽر ديو بي. پهلاجاڻي

مهيش چندر جي آواز صرف مان نہ، پر اسان جو سڄو پريوار شائق آهيون. اسان جي سيني ٻائرن کي راڳ جو تمام گهڻو شوق آهي - اسان پنج ڀائر هڪ ئي بلڊنگ ۾ رهندا آهيون ۽ هڪ ڀاءُ آمريڪا ۾ رهندو آهي. اسان جي بلڊنگ جي گڏ تي ڀاڱ

هرن ۾ سنگيت ڪاريہ ڪرم ٿيندو رهندو آهي. اُنهن پروگرامن ۾ يا اس

جي پريوار ۾ ڪنهن بہ شاديءَ جي موقعي تي اسان گهڻو ڪري مهيش چ


کي ئي گهرائي ان جي سنگيت جو مزو وٺندا آهيون. مهيش چندر گائڪ

گڏ هڪ سٺو ميوزڪ ڪمپوزيشن بہ آهي ۽ خاص طور سان مان ۽ منهنجي

سنڌس طرزن ۾ ٺهيل گيت، غزل ياد ڪري ڳائيندا آهيون. اسان جون ش

اِڇائون مهيش چندر سان آهن، ايشور ڪري هوُ اڃا بہ ترقي ڪندو ره

اسان جون دليون بهلائيندو رهي.



(24)

مهيش چندر - ڳايڪ- ڪمپوزر (ميوزڪ ڊائريڪٽر)

- ارجن ٻمياڻي

سنڌ جو شانت ڳوٺاڻو ماحول، ڪچهريون، ميلن ملاکڙن، ورسين، ٻڪتين، شاهه جي بيتن جي واين جي گونج، فقيرن جو ڳوٺ ڳوٺ وڃي يڪتارن تي صوفيانہ ڪلام ڳائڻ، درگاهن تي سماع جو پرلاءُ، ڀڳتن جو سنڌي سنگيت ذريعي ايشور جو ڌيان ڪرائڻ ۽ لوڪ سنگيت/لوڪ ڪٿائن ذريعي سنڌواسين کي وندرائڻ جو مرڪز هئي اسان جي سنڌڙي. ان سنڌ سڀاجهيءَ جي ڌرتيءَ تي عظيم ڳايڪ، شاعر، سنگيتڪار ماستر چندر جنم ورتو جنهن پنهنجي ڳايڪي ۽ شاعري وسيلي سنڌ-هندواسين کي عشق مزاجي ۽ عشق روحاني جي عميق ۾ ٻيون ڏياريون. سنڌي سنگيت کي هڪ نئين اسٽائيل ڏني. ان مهان ڳايڪ جي گهر اڄ جي مقبول ۽ مشهور ڳايڪ-سنگيتڪار مهيش چندر سنڌ ۾ جنم ورتو. جنم وٺڻ وقت ئي هن جي ڪنن تي سنڌي سنگيت جي سُرن جو پرلاءُ پيو. سُرن جي پرلاءُ اڳتي هلي پڙاڏي جو روپ اختيار ڪيو جو مهيش چندر پنهنجي پتا ماستر چندر کان سنگيت جي اوائلي تعليم ورتي ۽ پوءِ باقاعدي جئپور جي مشهور ڳائڪ لڪشمڻ پرساد کان سنگيت جي تعليم ورتي هڪ مڪمل ڳايڪ جي هستين ۾ سنگيت جي دنيا ۾ داخل ٿيو. ١٦ سالن جي ننڍڙي عمر ۾ ايڇ.ايم.وي. رڪارڊ ڪمپنيءَ جي مهيش چندر جي آواز ۾ غزلن جو رڪارڊ ڪڍيو جيڪو زبردست مقبول ويو. اهو غزلن جو رڪارڊ ١٩٦٥ ۾ نڪتو جڏهن غزل ڳايڪ انوپ جلوٽا، پنڪج اُداس، جڳجيت سنگهہ جو غزلن جي دنيا ۾ نالو نشان بہ ڪونہ هو. مهيش چندر پنهنجي پتا ماستر چندر سان گڏ عوامي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو هو جتي ماستر چندر مهيش چندر کان هڪ ٻہ گيت ڳارائيندو هو. مهيش چندر غزل يا ڪو هندي گيت ڳائيندو هو. تڏهن درشڪن جو رايو هوندو هو تہ مهيش چندر پيءُ جو سِکون نہ لاهيندو. ماستر چندر کيس هميشهہ سنڌي سنگيت ڳائڻ جي هدايت ڪندو ايندو هو. چوندو هوس



رامڪرشن هيرانند
آڏواڻي 'راهي'

مهيش چندر بمبئيءَ ۾ ڀن ڀن هندي فلمن ۾ پلي بئڪ ڳانا ڳ
آهن. هن جا پڻ انيڪ رڪارڊ هندي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ شايع ٿي چ
آهن. بمبئيءَ جي برڪ سنگيت نقادن راجون پارتن ۽ ٻين ور ور پنهن
ڪالمن ۾ هن کي بيحد پئي ساراهيو آهي. لتا منگيشڪر تہ هن
پنهنجي مرهٽي فلم لاءِ مرهٽيءَ ۾ ڳانو ڳارايو آهي. پروڊيو
ڊئريڪٽر ڪيدار شرما مهيش چندر کان پنهنجي فلم ''مئخانا''
ٽائيٽل غزل ''آڪ شب ڪي مسافر هئن'' ڳارايو هو جو ڪافي مق
رهيو. مهيش چندر جون ٻيون مکيہ فلمون آهن ''پٿرون ڪا شهر
''ڳڊا ڳڊي''، ''پياسي نئن''، ''پهلا قدم''، ''هزار هاٿ'' وغيره.

ماسٽر چندر جي وفات ٿيڻ کان ڪجهہ مهنا اڳہ سندس جنم ڏن
موقعي تي پروفيسر رام پنجواڻيءَ ٻين سنڌين جي برڪ هستين
موجودگيءَ ۾ ماسٽر چندر اِسٽيج تي مهيش چندر کي ڳهرائي
لڳايو ۽ هن کي ڳادينشين بڻايو.

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ مهيش چندر ماسٽر چندر جو سپنو سا
ڪيو آهي ۽ سنڌي سنگيت کي زنده جاويد رکيو ويٺو آهي ۽ سن
سنگيت جو ڦهلاءُ ڪيو آهي. اسان سڀني سنگيت پريمين جو شڀ اِڇ
هن سان آهن ۽ اِها ئي ڪامنا آهي تہ هوُ اجا بہ محفلون مچائي
رهي.

سلڪشڻا پنڊت، مناڊي، مهيندر ڪپور، آسڪرن شرما، ڪويتا ڪرشنامورتي، ڪملا جهانگياڻي، ڪسم ڪندن، آشا ڀونسلي وغيره ڪان ڳارايون آهن. اڄ هو بهترين ڪمپوزن جي قطار ۾ شمار ٿئي ٿو.

تازو هن هڪ هندي فلم ”ميراڪون“ ۾ ميوزڪ ڊئريڪٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو ۽ پنهنجي سنگيت ۾ ناهيل طرزن کي مشهور ڳائڪن ونود راٺوڙ، سديش ڀونسلي، رچا شرما ۽ شويتا پنڊت ڪان ڳارايون.

مهيش چندر نه صرف آڪاشواڻي ۽ دوردرشن تي ڳايو پر فلمن ۾ پڻ پنهنجي آواز جي سجاٽپ ڏني آهي. فلم مٺڪانا جو ڳانو ”اڪ سب کي مسافر“ فلم پٿرون ڪا شهر جو گيت ”يي تو پٿرون ڪا شهر“ ڪافي مشهور ٿيا. ان ڪان سواءِ ٻين فلمن جهڙوڪ غريبي هٽائو، هزار هاٿ، گڊا گڊي، سپيتا، سهٽي مهيوال، ڊاڪ گهر، مجرم ڪون خوني ڪون ۾ پڻ ڳانا ڳايا آهن. ڳايڪ ۽ ڪمپوزر جي حيثيت ۾ مهيش چندر جا ڪيترا ئي رڪارڊ ۽ ڪئسيٽ جا آلبم نڪري چڪا آهن جيڪي ڪافي مقبول ويا آهن. انهن مان سلڪشڻا پنڊت سان گڏ ”جذبات“ ۽ ڪويتا ڪرشنامورتي سان گڏ ”لو ٽائيم“ ڪافي مشهور ٿيا آهن. مهيش چندر جي مشهور ڳائڪ مناڊي ۽ محمد رفي سان گڏ ڪجهه گيت ڳايا آهن. ووڊ ڀارتي ۽ آڪاشواڻي تي وڄندا رهندا آهن.

مهيش چندر هڪ نئين پروجيڪٽ هٿ ۾ ڪنئي آهي. اها آهي ’سُر نوان - نغما نوان‘ سنڌي شاعرن جي شاعريءَ کي طرزون بخشي نون ڪلاڪارن ڪان عوامي پروگرامن ۾ ڳارائڻ ۽ اُنهن جا آلبم پبلڪ اڳيان پيش ڪرڻ. مهيش چندر ان پروجيڪٽ ۾ ڪامياب ويو آهي جو هو ان قسم جا ٻه زبردست پروگرام پيش ڪري چڪو آهي. ٻه آلبم پڻ شايع ڪري چڪو آهي ”غزلن جو غنچو“ ۽ ”نوان سُر - نوان نغما“ سنڌي شاعرن جي گيتن کي نون ڪلاڪارن جهڙوڪ پوجا ڀاٽيا، پايل بنيجا، گريش ساڌواڻي، ٻپن، ڪاجل ڪيولراماڻي ڪان ڳارايو ويو آهي.

مهيش چندر جو ويچار آهي ته سنڌي شاعرن جي شاعريءَ کي سنگيت جون طرزون عطا ٿيڻ گهرجن. تڏهن وڃي شاعرن جي شاعريءَ جو قدر ٿيندو. هن جو چوڻ آهي ته ان پروجيڪٽ کي مڪمل ڪامياب بڻائڻ لاءِ سنڌي ڌانوين اسپانسرن جي سهڪار جي ضرورت آهي. سندس ويچار آهي ته سنڌي ڪلاڪارن جو هر لحاظ ڪان مان/سنمان ٿيڻ گهرجي.

اڄ مهيش چندر سنڌي سنگيت/غزلن/ڪلام، ڪافيون جوش ۽ خروش سان ڳائي رهيو آهي. سنگيت جا گهڙا ڀري رهيو آهي. ايشور کيس وڏي آورجا بخشي جيئن هو سنگيت جي شيوا ڪندو رهي. آمين. ❑❑

مهيش توکي سنڌي باشندن وٽان ئي مان، عزت، پيار ۽ پئسو ملندو. مهيش
هدايت جي ڪن لاٽار ڪندو ايندو هو چاڪاڻ مهيش چندر اُردو غزل ڳائ
ڏانهن مائل هو. هندي، اردو، سنڌي غزل ڪمپوز ڪري محفلن ۽ پروگر
۾ ڳائيندو هو ۽ ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي. ڳالهه ڪندو آهي ته راتين
راتيون محفلن ۾ غزلن جي برسات وسائي ڇڏيندو هو ۽ موٽ ۾ نوٽن
ڳوٺيون پري گهر کڻي ايندو هو.

مهيش چندر جي ڳائڪيءَ ۾ تاثير، ميناج ۽ سنگيت جي تعليم جي ج
پسجي ٿي. سنگيت جي سُرن تي پڪڙ نمايان آهي. تازو مهيش چندر احمد
۾ ڪافي عوامي پروگرام ڏنا. مون پهريون دفعو ڪيس ٢-٣ ڪلاڪ سانده ڳائ
ڏٺو. انهن ٢-٣ ڪلاڪن جي عرصي ۾ هن ڪيترا نه راڳ ڦيريا هوندا ۽ ان راڳ
ٺهڪندڙ گيت جي چونڊ ڪئي هوندي. ان مان ثابت آهي ته مهيش چندر
سنگيت ساڌنا ڪيتري نه پختي آهي. بهترين شخصيت، آواز ۾ تاثير ۽ مي
مهيش چندر جي ڳائڪيءَ جو راز آهي جو هو ٢-٣ ڪلاڪ سانده پبلڪ/درش
کي پنهنجي ڳائڪيءَ ۾ محو ڪري ڇڏي ٿو. هارمونيم تي وري اهڙو ته ق
اٽس جو پنهنجين آڱرين سان هارمونيم جي چاٻين/سُرن کي ٿڪائيندو آ

بهترين شخصيت، نهٺي ۽ نماڻي سڀاءُ، ٻين ڪلاڪارن لاءِ عزت ۽ پيار ۽ ڳائڪ
جي تاثير ئي اڄ مهيش چندر کي لوڪ پريه ڳائڪ جي مقام تي پهچايو آهي.

اڄ هو سنڌي سنگيت پرجوش سان ڳائي رهيو آهي. ماسٽر چندر جي ڪلا
ڪافين، گيتن کي ڳائي هند ۽ وديشن جي سنڌي درشڪن کي زبردست جهوم
رهيو آهي. سنڌي درشڪ اڄ اهو چوڻ تي مجبور ٿي پيا آهن ته اسان کي ”مه
چندر ملي ويو آهي.“ پنهنجي پتا صاحب ماسٽر چندر جا ڳايل امر گيت ڳ
ماسٽر چندر جي ياد قائم رکي ويٺو آهي. ماسٽر چندر جا گيت/طرزون ڳائين
پنهنجي ڳائڪيءَ جي صلاحتن کي پڻ اُجاگر ڪندو آهي. ماسٽر چندر جو ڪلا
ڪافي وغيره ڳائڻ وقت ڪٽي ميندُ/مرڪيءَ جو سندر اُپيوگ ڪندو آ
مهيش چندر ڀلي پنهنجي پتا صاحب جون طرزون ڳائي ٿو يا ڳائيندي پنهن
ڳائڪيءَ جي سڃاڻپ ضرور ڪرائيندو آهي. اڄ هو ڀارت جو مشهور ڳائڪ آ

مهيش چندر آڪاشواڻي/دوردرشن جو تسليم ٿيل ڳائڪ ۽ ڪمپوزر (ميو
ڊائريڪٽر) آهي. آڪاشواڻي طرفان آيوجت ٿيل ڪيترن ڪنسرٽ ۾ پنهن
ڳائڪيءَ جو جلوو ڏيکاريو آهي. دوردرشن تان هندي چاهي سنڌي شاعرن
شاعريءَ کي طرزون بخشي اهي طرزون هندستان جي مشهور ڳائڪن سدا ملهو

تہ مهيش هر وقت ڳائڻ وارا راڳ ۽ راڳڻيون، سدا سهاڳڻ راڳ ۽ راڳڻيون سان گڏ جدا جدا راڳن ۽ راڳڻين جا وقت مخصوص ٿيل آهن. مهيش جي گائڪيءَ جو انداز ”سدا رنگي“ آهي. سدا حيات، سدا سائو، ٻڌندڙ سندس آواز جي جادوءَ ۾ ٻڌجي ويندا آهن.

ورهاڱي کان پوءِ تمام ٿورا سنڌي فنڪار آهن جن سنڌي مؤسيقيءَ ۾ نوان پئدا ڪئي، اُن کي نئون انداز ڏنو. مهيش چندر غزل ۾ هڪ انداز ۽ ترتيب رائج ڪئي آهي. هن ڪلاسيڪي شاعريءَ کي سنڌي ثقافتي انداز ۾ ترتيب سان ڳاتو ۽ ڪمپوز ڪيو آهي. سنڌي گيت ۽ غزل هو بلڪل جديد رنگ ۾ ڳائيندو آهي. مهيش کي ڳائڻ سان عشق آهي مهيش چندر ئي هند ۾ هڪ اهڙو شخص آهي جنهن غزل ۽ ڪافيءَ جي گائڪيءَ جي فارميٽ کي ملايو آهي. سنڌ ۾ اِهو فارميٽ صرف عابده پروين وٽ آهي. مهيش کي گيت، ڪافي توڙي وائي ڳائڻ ۾ بہ تمام گهڻي ماهريت حاصل ٿيل آهي. مهيش کي ڪلام ياد هوندو آهي. اِن ڪري هن کي ”حافظ ڳائڻو“ سڏجي تہ اُن ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو. مهيش وٽ اسٽيج ڪرافٽ بہ آهي. هو ماڻهن جي موڊ ڏسي ڳائيندو آهي. جنهن ڪري ٻڌندڙن تي ڇانئجي ويندو آهي. ڳائڻ وقت لفظن جي چٽائيءَ سان گڏ اُچار بہ صاف ۽ صحيح هوندا آهن. جنهن موضوع وارو گيت ڳائيندو آهي، ساڳئي ئي موضوع وارا بيت ۽ ڏوهيڙا بہ ڏيندو آهي.

مهيش سهڻي آواز جو مالڪ آهي. هن جي گلي ۾ اهڙي تہ سگهہ آهي جو هو ڏڪئي کان ڏکيو سُر بہ ڳائي ويندو آهي ۽ اُن ۾ اهڙا تہ رنگ ڀريندو آهي جو ٻڌندڙ هن تي موهت ٿي ويندا آهن. هن جي ڳائڻ ۾ فني پختگي آهي.

ائين تہ فنڪار ٻن قسمن جا ٿيندا آهن هڪڙا ميرائي ۽ ٻيا عطائي. ميرائي اُهي آهن جن جا وڏا فنڪار هئا ۽ عطائي اُهي آهن جن کي رب پاڻ کي فن عطا ڪيو آهي. ڏات، ڏانو جي آڌار تي اڳتي وڌن ٿا.

مهيش کي اسين ميرائي قسم ۾ شامل ڪريون ٿا. جيتوڻيڪ ماسٽر چندر جا پيتا راڳ جا شوقين، چاهڪ، پوڄاري ضرور هئا پر پاڻ فنڪار نہ هئا پر ماسٽر چندر سنڌي مؤسيقيءَ جو هڪ عظيم گايڪ ۽ موسيقار رهيو آهي ۽ دنيا جي مڃيل گائڪن مان هڪ آهي. مهيش راڳ، شاعريءَ، مؤسيقيءَ جي رنگ سان سات نڀائيندڙ ماسٽر چندر جي گهر ۾ جنم ورتو. جنهن کي ٻڌي ننڍي عمر کان وٺي راڳيندڙن جي نہ صرف صحبت ملي پر راڳ جي ستي، راڳ جون لوليون هن کي ننڍپڻ کان ئي مليون. هن ڳائڻ بہ ننڍپڻ کان ئي شروع ڪيو.



25

من موهڪ، مرڪندڙ، مکڻ - مهيش چندر

- چينو لالواڻي

اسان جا فنڪار لوڪ روايتن، مؤسيقيءَ ۽ ثقافت جا امين ۽ سفير آ
سندن فن مان ايندڙ ڌرتيءَ جي خوشبوءِ پري پري تائين پکڙجي وڃي
هو پنهنجي ڌرتيءَ جي سڃاڻپ بڻجي وڃن ٿا. اُنهن ۾ شري مهيش چ
خاص اهميت وارري ٿو. هن سنڌ جي روايتي انداز کي پنهنجي رنگ
پوئي ڇڏيو آهي.

سنڌي مؤسيقيءَ ۾ اسان کي پڳت واري گائڪي، ڪافيءَ جي گائڪي، ن
ترانن واري گائڪيءَ کان سواءِ مرشيد خواني، زُهر خواني، ملتان وارين در
جو پٽ شاه جي راڳ جو انداز، پيرن گنانن پڙهڻ جو انداز، درگاهن تي
وارو انداز جنهن ۾ فقير هڪ ٽولي جي صورت ۾ گڏجي هڪ ڪلام ڳائيندا آ
فقيراڻو انداز، سماع جي گايڪي، صوفي انداز وغيره فنڪار وٽان ملي ٿو. م
چندر کي پنهنجو نج انداز ته آهي پر پنهنجي پتا ماستر چندر جي اندا
زنده رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ماستر چندر جي گائڪيءَ جو انداز، س
راڳداريءَ جو هڪ وڏو اسڪول رهيو آهي جنهن کي گهراڻو به چئي سگهجي
گڏوگڏ شڪارپور جي مهاندن جو انداز پڻ اسان کي ملي ٿو. ماستر چندر مؤس
جو پنهنجو اسڪول آف ٿاٽ ڏنو. سندس پٽن ۽ ٻين ڪيترن گايڪن س
پوئواري ڪئي. فنڪارن جي فن پڙهڻ سان نه پر ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان واسطو رک
مهيش هڪ وڏو فنڪار آهي. مهيش چندر ماٺيڻو، نياز، نوڙت پريو، ذهني،
بلند حوصلي وارو ۽ سنگيت جي وسيع ڄاڻ رکندڙ شخص آهي. جڏهن م
پنهنجي پتا ماستر چندر جا گيت ڳائيندو آهي تڏهن ماستر چندر کي
ڪري ڇڏيندو آهي. هو ماستر چندر واري تمثيل دواران، ماستر چندر جون
ڪافيون، ماستر چندر جي ئي انداز ۾ ڳائي ٿو. اڪيون ٻوٽي مهيش چند
ٻڌبو ته محسوس ٿيندو ته اسين ماستر چندر کي ئي ٻڌي رهيا آهيون.


گيت ۽ غزل ڪمپوز ڪري نہ صرف ڳاتا آهن پر سنڌي ڪئسيٽن ۾ درج پڻ ڪيا آهن. جن ۾ ذڪر لائق آهن سروَ شري ليکراج عزيز، پريو وفا، ايم. ڪمل، واسديو نرمل، ارجن حاسد، ماسٽر چندر، پرسرام ضيا، گووردن ڀارتي وغيره. شاه جا ڪلام، صوفي درويشن جا ڪلام بہ مهيش دل سان ڳاتا آهن اُنهن جون طرزورن خود جوڙيون آهن ۽ عوام اڳيان پيش ڪري نہ صرف سنڌي سنگيت کي لوڪ پريہ بڻايو آهي پر سنڌيت جي وڏي شيوا ڪئي آهي. بزرگن سان گڏ سنڌي نئين ٽهيءَ جا نوجوان پڻ مهيش جي گائڪيءَ- مؤسيقيءَ کان متاثر ٿيل آهن، ڪيس فني محيتا ۾ انيڪ انعام-سنمان حاصل ٿيل آهن. مهيش کي پنهنجي فن سان محبت آهي.

مهيش پنهنجي پتا جي ياد ۾، سنڌي سنگيت جي وڪاس، واڌاري، ڦهلاوَ لاءِ ماسٽر چندر سنگيت اڪيڊميءَ جي اِستاپنا ڪئي آهي ۽ هر سال پتا جي ياد ۾، جنم ڏينهن تي شاندار، خوبصورت سنڌي سنگيت جو سپيتڪ پروگرام پيش ڪيو ويندو آهي.

مهيش مکڻ ماڻهو آهي، ڳالهائيندو گهٽ آهي. هن جو سڀاءُ رلڻو-ملڻو آهي. ڳائڻ وقت سندس مک تي مُرڪ هوندي آهي. هوُ مڪمل فنڪار سان گڏ هڪ مڪمل اِنسان بہ آهي. هر ڪنهن سان نهٺائيءَ ۽ شريفاڻي انداز ۾ پيش ايندو آهي. هن جي وڏي ۽ صحتمند آورجا لاءِ پريوءَ در پرارٿنا.

جئہ سنڌي

Mr. Mahesh Chander



Mahesh Chander is a very Compitent artist. He is melodius and creative and it has been a pleasure to have worked with him. He has composed many songs for as and we have enjoyed giving piblic performences in India and abroad.

I wish him all success and good luck for many years to come.

- Sudha Malhotra

شروعاتي دؤر ۾ پتا سان گڏ محفلن ۾ ڳائيندو هو البت هن جو چاهہ
اُردو غزل سان وڌيڪ رهيو.

ائين تہ مهيش پنهنجي ملڪ جي مختلف شهرن کان سواءِ ڏيساور
پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي. سندس انيڪ رڪارڊ، سي.ڊي.، آ
ويڊيو ڪئسيٽ نڪتل آهن تہ وري آڪاشواڻي، دوردرشن، سنڌي، هند
مرهٽي فلمن ۾ بہ ڳاتو آهي پر پارت جي پرڌان منتري اٽل بهاري با
جي گيتن جو آلبم تيار ڪرڻ جو شرف بہ هن کي مليو آهي.

مهيش سنڌي، هندي، مرهٽي، سرائڪي ۽ اُردوءَ ۾ ڳاتو آهي. پر جڏهن
اردوءَ ۾ ڳائيندو آهي تہ ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ اردو هن جي مادري
آهي. هن جي ڳائڪيءَ جي لفظن جي ادائگي تمام گهڻي چٽي هوندي آ

مهيش کي پنهنجي پتا ماسٽر چندر، گوئيي پنڊت لڪشمڻ پرساد ج
وائي، غزل گائڪ شري مدن پرساد، سُر جي راڻي لتا منگيشڪر ۽ ٻين سان صح
ماڻڻ جو وجهہ مليو آهي. هنن سڀني ماڻهن گڏجي مهيش جي هر لحاظ
ترتيب ڪئي آهي.


مهيش سنڌي سُرن جي نرالپ کان متاثر ٿيل آهي. هن سُرُ ساموندي، س
ميهار، سورٺ، ليلا چنيسر، لوڙائو، راڻو، مارو، ڪاپائتي، ڪوهياري، ڪا
بئراڳي، بسنت، جوڳ، پرڀاتي، پهاڙي، سنڌي ڀيروي مطلب تہ هر سنڌي سُ
ڳاتو آهي ۽ ڳائيندي ڳائيندي اُنهن ۾ کوهجي ويندو آهي ۽ ٻڌندڙن کي اُنهن
رسُ بہ وٺائيندو آهي. هن ڪلاسيڪل سنگيت جي تعليم پڻ حاصل ڪئي آه

مهيش چندر هڪ بهترين گائڪ تہ آهي پر گڏوگڏ بهترين موسيقار بہ آ
مهيش جيڪو بہ ڪلام ڳائيندو آهي پاڻ ئي ڪمپوز ڪندو آهي. مؤسيقي ترت
ڏيندو آهي. هن جون ٺاهيل ڌنون تمام وڏن سنڌي چاهي غير سنڌي فنڪ
ڳايون آهن. مهيش هڪ مڪمل گائڪ ۽ سنگيتڪار آهي. هن غير سنڌي گي
غزلن ۾ سنڌي سُرن جو استعمال ڪرايو آهي. ڪويتا ڪرشنامورتي، سلڪ
پنڊت، انوپ جلوٽا وغيره کان سنڌي گيت ڳارايا آهن تہ گڏوگڏ شوڀا جو
رنجنا گليڪر، پدما ٿتناٽيءَ مهيش جي ڪمپوز ڪيل گيتن کي هنديءَ ۾
شهرت حاصل ڪئي آهي. مناڊي، مهيندر ڪپور، آسڪرڻ شرما، ڪمل جهانگيا
آشا ڀونسلي، مهيندر ڪپور، سُڌا ملهوترا وغيره کان سنڌي ڪافيون پڻ ڳار
آهن. جيڪي وري پنهنجن ڪاريہ ڪرمن ۾ هندي گيتن سان گڏ س
ڪافيون ولائت ۾ ڳائيندا رهندا آهن. مهيش سنڌيءَ جي برک شاعر

Singer with velvet voice

Mahesh Chander

- Thakur Chawla



Down the memory lane many successful people revive nostalgic memories and like the cinema screen, things come quicker and vanish at the same speed but it gives many ecstatic momentsto cherish in the years to come. **Mahesh Chander** dreams about such events which makes him proud. One such things is when he says : "I do not exactly remember when my father **Master Chander** taught me two classical 'Ragas' and one Sindhi 'Kafi'.

"Ker kare parchau asaanjo kerkare parchau....'. but this much I remember very distinctly that he used to make me stand to sing a song in his programme, perhaps to make the public see my face... obviously my age at that time was 7 or 8 years.

Mahesh Chander's voice pick up was very natural, and this gave an indication to his versatile singer father about his son's bright career in music. Lot of classical singers, ghazals experts very often used to come to got Master Chander for discussion and this atmosphere attracted little Mahesh towards classical singing. Mahesh has rekindled the flame of music that his father lit. Mahesh not only followed the footprints of his father but also learned methodically from late Laxman Prasad Jaipurwale, Ved Prakash and Madan Prakash, a close relative of Late Khemchand Prakash. Regular 'Riyaz' and dedication has opened a new vista of ghazals for Mahesh and no wonder he has emerged among the forefront of ghazals singers, gaining recognition and

pularity in no lesser measure.

In his earlier days, when Mahesh happened to get a chance sing ghazals before Lata Mangeshkar she instantly recom-nded him to HMV for releasing Mahesh's first ghazal record. lsila Zulf ka jab mukh pe bikhar jata hai." This record workes nders and proved a jackpot for Mahesh. Soon Lata ngeshkar gave him his first break in the Marathi film, "Sadhi nse" under her own music. Kedar Sharma also gave him the st Hindi title song in the film "Maikhana."

Title song of 'Pathron ka Shehar' under the music of Usha ana gave Mahesh overnight popularity which helped him to a lot of sponsored trips to foreign places adding yet another ther to his stature and public esteem...

At the insistence of his father, Mahesh unwillingly recorded first EPE record in Sindhi. 'Suj Ubhar na toon, shal raat huje' this record proved for him a successful entry in the Sindhi sic world.

Mahesh was acclaimed as number one amongst 22 ghazal ging artistes including some of the pair singers by Sur Samsad Rang Bhavan, Bombay and was highly praised by "The Times India." Bombay.

In recent years, Mahesh has fully devoted himself to his ner's songs and the gesture has been whole heartedly wel-ned by the Sindhi fans of Master Chander. Few days back PS have released Mahes's new audio cassette 'Mahesh Chander gs Qalams of Master Chander.' which has already proved a Currently Mahesh is busy in giving the final touches to the sic of Five Fingers Films' two Sindhi Video films 'Hik Galh Budh' and 'Mili Veyee.'

Making Melody of Political Writings



By Ravi Adhikari

Imagine the language of politics ans sweet melody of poetry. Can they go together? Isn't it a difficult task to blend it together? Yes it is. But they can come together say those who believe in making things possible out of impossible.

Mahesh Chander is one them, who transformed a politician's political writings into the beautiful and melodious songs produced as a cassette. And the politician is none other than the most popular statesman of today's India Prime Minister Atal Behari Vajpayee.

Surprisingly, the audio cassette of the collection has turmed to be a commercially successful venture. Titled as "geet naya gata hun." the album.... a courtesy of industrialist B.V.Datar.... was released by Vajpayee himself in New Delhi a while ago.

"It's not me (and my music) but his (vajpayee) excellent poetry which makes people listen." the modest musician from Mumbai told this writer in a recent interview at his brother Gope Chander's place in Elmhurst, Queens.

The froendly chat that lasted for more than two hours, concentrated on the gifted composer and music director's musical journey. mahesh inherited this talent from his father Master Chander, a noted Sindhi singer and musician.

"Because of my family background I started sangeet sadhna (practice of music) at a very early age and my first gazal was recorded by HMV, in 1965 itself. But many people in india do not know me because I avoided commercializing my work. I dedicated myself only in quality music." the melody maker, who even sang in Raj Kapoor's film "Maikhana," said.

Telling the story of his affiliation wiht Vajpayee and his po

ry, Mahesh, said "There is melody inside every good poetry. he music composer only brings the hidden melody to the fore, us the written work becomes a beatiful (and popular) song. ut for this ti happen, music composer shoukd have a great deal affection and knowledge if shayari (poetry)."

"While selecting poems from Vajpayeeji's collection 'geet ya gata hun,' I looked for varieties... some serious and some ht wordings. For example, the title song is composed in the ntemporary style, thus it gives a popular musical appeal."

Influenced very much by the ghazal gayaki parampara (sing- g tradition) of legends such as Mehdi Hasan, Begum Akhtar d K.L. Sahgal, Mahesh's area of interest is also ghazal but he s almost the equal authority over popular music. "I do realize day ghazal and classical songs don't have market like popular lm) music.

But don't you think lack of melody (which reigned igh in the st), today's music is like subzi without salt? Present day's songs e instant hits and fade out instantly too, opined the musician.

He said: "We have very rich heritage if classical music. But e new generation musicians.... who dominate film industy--- not have knowledge of the basics of classical music. Earlier, n producers/directors used to go to musicians' place but these ys the situation is reversed. After the death of R.D. Burman, n industry has virtually dirt of talented musician. But there e some good singers like of Udit Narayan and Kavita ishnamurthy."

Asked whether he would prefer to work as a film music di- ctor. Mahesh Said: "I am not desperate because I always go for ality music. I don't want to make cokpromise with producers/ ectors in quality. If I get the kind of work I want to do, I think re is no harm in trying. In fact, some offers have come my way d the negotiation is still on."

The entire Chander family is involved in music. Aside hesh, his older brother Gope Chander and his three childern rati, anil and Harish are professional composers and singers.

Mahesh, and the Chander family are performing Sept. 25 at Hindu Centre, 45-52 Kissena Boulevard, Flushing New York.

مهيش چندر ۽ سندس پريوار....




مهيش چندر ۽ سندس ڌرمپتني راجڪماري مهيش چندر
شاديءَ جي سلور جبلي موقعي تي



کابي کان : مهيش چندر، راجڪماري مهيش چندر(ڌرمپتني-ڏوهٽي هرش سان)
گورو (پٽ)، آستا (نونهن) هيمنت لکواڻي (ناني) هنج ۾ آشنا (ڏوهٽي) ۽ جيا (ڌيءُ)



MESSAGE



It is so delightful to know that the 'STAGE', a well own journal which has proven consistency for last 16 ars is coming out with a special edition on the productive vices rendered to the community and the nation by Mahesh ander, son of legendary poet Master Chander.

Mahesh Chander is a multi-faceted human, excelling in, th Music and Singing. He enthralls the audience with his id renderings instead of retaining the listeners in a shallow l stale waters.

I distinctly remember Mahesh Chander's maiden visit to bai accompanied by late Ram Nawani a couple of decades k. people in Dubai at that time did not have much crave Sindhi music. Few senior members of the community and e Pakistani Sindhis like Haji Haroon only were fond of i talent. But Mahesh Chander created a niche for himself ong people of all the ages.

The special issue on this colourful personality is an ropriate tribute to Art and Culture and I compliment the lishers for making available a close profile of Mahesh nder to people to appreciate his talent. Mahesh Chander ruly a gift from God to the community and I wish him the best ever.

Dr. Ram Baxani Ph.D

انعام به مليا خوب... دلبر به مليا خوب



اڳوڻين پردان منتري شري اٽل بهاري واجپاءِ جي ڪويتائن جو پهريون آلبم ايچ ايم وي رليز ڪيو، جنهنجو سنگيت مهيش چندر تيار ڪيو. دهليءَ جي فڪي آڊيٽوريم ۾ رليز فنڪشن ۽ ڪاريہ ڪرم دوران پردان منتري مهيش چندر کي ٽرافي ڏيئي رهيو آهي



گوبند مالهي ٽرسٽ طرفان آيوجت سنگيت سڀا ۾ اڳوڻو قانون منتري شري رام جيٺملاڻي مهيش چندر کي روڪ ۽ ٽرافيءَ شال سان نوازي رهيو آهي.



هانگ ڪانگ هندو ٽيمپل جي پريزيڊنٽ شري ڪي. سيتل چيٽي چنڊ اتسو وقت مهيش چندر کي ''ماسٽر مهيش چندر'' جي اُپاڌي ۽ مانپترن سان سنمان ڪيو.



دُبئيءَ ۾ مشهور اُديوگپتي شري مورجمل منگهناڻيءَ جي شاديءَ جا ٥٠ سالن پورا ٿيڻ جي جشن وقت مهيش چندر جي ڪاريہ ڪرم کان پوءِ اُنڪي شال ۽ انعام ڏيندي.

جئپور ۾ چيف جسٽس شري اندرسين ايسراڻيءَ مهيش چندر جو خاص پروگرام آيوجت ڪيو ۽ سندس سنمان ڪيو.

